ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 19 آڪٽوبر 2025ع. بمطابق 25 ربيع الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (65)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Daily Ibrat Karachi Sunday 19th October 2025
Daily Ibrat Hyderabad Sunday 19th October 2025

پارٽي فوج خبردار رهي ته اڻٽمي ماحول ۾ جنگ جي گنجائش ناهي، ڀارت اڳرائي ڪئي ته اميدن کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ سخت جواب ڏينداسين: سيد عاصم منير

دشمن جي هر پراڪسي کي مٽيءَ ۾ ملائينداسين، اسلام جي غلط تشريح ڪندڙ دهشتگردن آڏو نه جهڪنداسين: آرمي چيف

اسان وردي پاتل ماڻهو هميشه پاڪستان جي عوام ۽ رياست جي ترقي ۽ خوشحالي ۽ هن عظيم ملڪ جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي دفاع لاءِ تيار آهيون ۽ تيار رهنداسين: پاڪ فوج جو سربراهه

هاڻوڪي پاڪ ڀارت جنگ پاڪستان عددي طور تي وڏي دشمن خلاف واضع فتح عالمي برادري جو وقار ۽ داد حاصل ڪيو. ڀيهر جارحيت جي ڪوشش ڪئي وئي ته ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ سخت جواب ڏينداسين

دشمن کي ڦهلايل فوجي ۽ اقتصادي نقصان ڀارت جي اميدن کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ هوندا. افغانستان ۾ موجود پراڪسيون پاڪستان جي اندر ڪڏا حملا ڪرڻ لاءِ افغان سرزمين استعمال ڪن ٿيون

پاڪستان جي محافظ پاڪستاني قوم آهي، جيڪا ڪڏهن به ناڪام نٿي ٿئي، چين، آمريڪا ۽ اسلامي ملڪن سان لاڳاپا وڌيڪ مستحڪم ٿيا آهن. ڪشمير تي پنهنجي اصولي موقف تي ثابت قدم آهيون

ازلي دشمن خلاف انتهائي پيشيوارائي انداز ۾ ڪاررواين ڪندي رافيل جهازن کي ڪيرايو، دشمن جي ڪيترن ئي بيسز سميت ايس -400 سسٽمز کي نشانو بڻايو ۽ پاڪستان ملٽي ڊومين وار فيئر جي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو

فخر هجڻ گهرجي ته اوهان دنيا جي هڪ عظيم ۽ باوقار فوج جو حصو بڻجڻ وڃي رهيا آهيو، ياد رکو اسان جا دشمن پنهنجاناپاڪ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي عوام ۽ هٿياربند فوج وچ ۾ ڏار وجهڻ جي پريان آهن

افغان عوام دائمي تشدد بدران گڏيل سلامتي جي چونڊ ڪري، طالبان حڪومت کي ان پراڪسيز کي لغام ڏيڻ گهرجي، جن جون افغانستان ۾ پناهگاهون آهن. هي پراڪسيون پاڪستان اندر ڪٽن حملن لاءِ افغان سرزمين استعمال ڪن ٿيون: تقريب ۾ خطاب

ڪاڪول (اي پي پي) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير چيو آهي ته پاڪستان جي قيام کان هن وقت تائين پاڪ فوج قوم جي مڪمل حمايت سان وطن عزيز جي ٻاهرين ۽ اندروني دفاع ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي، اسان وردي پاتل ماڻهو هميشه پاڪستان جي عوام ۽ رياست جي ترقي ۽
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: گوا ئي ۽ حب جي افتتاحي تقريب ۾ وفاقي وزير شزا فاطمه خطاب ڪندي

صدر ٽرمپ يوڪرين جنگ جي پرامن حل لاءِ ڪوششون جاري رکندو: وائيٽ هائوس

واشنگٽن (اي پي پي) وائيٽ هائوس جي پريس سيڪريٽري ڪيرولين ليوٽ چيو آهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ يوڪرين تڪرار جي پرامن حل لاءِ پنهنجون
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

لاهور: ايڊووڪيٽ جنرل پنجاب وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ کي گلدستو ڏيندي

گراي ۽ حب جي شروعات پاڪ سعودي لاڳاپن ۽ ٽيڪن باب جي واڌ آهي: شزه فاطمه

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير پاران ڪيٽي بندر ۽ شاهه بندر ۾ مني فش هاربرز قائم ڪرڻ جي تجويز تيار ڪرڻ جي هدايت

هن منصوبي سان ننڍن ماهيگيرن کي هٿي ملندي، مقامي روزگار ۾ واڌارو ۽ ڪراچي فش هاربر تي ونڊڻ گهٽبندو

بنهي هاربرز جي گڏيل لاڳت هڪ ارب 35 ڪروڙ رپيا هوندي

مني فش هاربرز جو قيام سنڌ جي ساموندي معيشت لاءِ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيندو: محمد علي ملڪاڻي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو پريڊ معائنو، ڪيڊٽس کي ايوارڊز ڏنا

پي ايم اي ڪاڪول ۾ ٽيڪنيڪل گريجوئيٽ ڪورس جي پاسنگ آئوٽ پريڊ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

18 آڪٽوبر تاريخ جو وڏو دهشتگردي جو واقعو ۽ بينظير ڀٽو جو شهادت ملڪ ۽ وفاق جي خلاف سازش هئي: بلاول ڀٽو زرداري

شهيد بينظير ڀٽو هڪ اميد سان گڏ پاڪستان آئي هئي، هن سانحي ۾ پ پ جا ڪارڪن شهيد ٿيا پر ان باوجود بي بي کي ڊپ نه لڳو ۽ پنهنجي جدوجهد جاري رکي

ڪارساز سانحو اڄ به اسان جي ذهنن ۾ زخم جيان تازو آهي. 18 سال گذري چڪا پر 177 کان وڌيڪ جيالن جون قربانيون اسان کي هر ڏينهن جمهوريت جي دفاع جو ياد ڏياريندڙ آهن

اڄ اهو عهد ڪريون ته اسان ڪارساز شهيدن جي ڏنل قرباني کي رائيگان وڃڻ نه ڏينداسين، پاڪستان ۾ امن ۽ جمهوريت جي لاءِ هر محاذ تي وڙهندا رهنداسين

سنڌ حڪومت وفاق کي ترقياتي منصوبن جي تحفظات کان آگاهه ڪيو آهي، چو ته جيڪو به ترقياتي ڪم ڪيو ويندو آهي اهو 18 هين ترميم جي مطابق هوندو آهي

پيپلز پارٽي اڄ به بي بي جي مشن کي اڳيان کڻي هلي رهي آهي اسان پنهنجي اڳواڻن جي وژن موجب پاڪستان جي عوام جي خدمت ڪندا رهنداسين

وچ اوڀر ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي هڪ وڏي ڪاميابي آهي، اسان وچ اوڀر جي صورتحال جي مانيٽر ڪري رهيا آهيون. غزه جي مسئلي تي پر اميد آهيون پر خدشا پڻ موجود آهن

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڪارساز سانحو دهشتگردي جو وڏو واقعو هو بينظير ڀٽو جو قتل ملڪ ۽ وفاق جي خلاف سازش هئي شاهراهه فيصل تي ڪارساز سانحي جي تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته جنهن ۾ ملڪي سي) جو اجلاس ٿيندو ته اڄ پ پ جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي(سي اي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري يادگار سانحه ڪارساز تي حاضري ڏيڻ کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

غزه ۾ امن سان پاڪستان کي دنيا ۾ پذيرائي ملي آهي: وفاقي وزير

پاڪستان دنيا جي نقشي تي سفارتي لحاظ کان ڪاميابيون ماڻي رهيو آهي

وزيراعظم جي انٿڪ محنت سان پاڪستان سفارتي سطح تي مثبت انداز ۾ اڀريو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي وزيرن چيو آهي ته غزه ۾ امن سان پاڪستان کي دنيا ۾ پذيرائي ملي آهي پاڪستان دنيا جي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ناڻي وزير جي عالمي بئنڪ جي صدر سان ملاقات، معيشت تي ڳالهيون

ناڻي واري وزير راجا بانگا کي ٻوڏ واري صورتحال دوران کنيل قدمن کان آگاهه ڪيو

محمد اورنگزيب حڪومتي ٽيرف پاليسي جي تياري ۽ عالمي بئنڪ جي مدد تي شڪريو ادا ڪيو

واشنگٽن (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري پاران ڪارساز سانحي جي 18هين ورسي تي شهيد بينظير ڀٽو ۽ شهيدن کي خراج عقيدت پيش

بينظير ڀٽو ڪارساز ۾ دهشتگرد حملي کانپوءِ به پنهنجي مشن تي قائم رهي: صدر آصف زرداري

شهيد بينظير ڀٽو پنهنجي جان کي درپيش خطرن باوجود ان ڏينهن وطن واپس آئي ۽ عوام جي وچ ۾ رهي

محترمه زخمين سان ملڻ ۽ سوڳوار خاندانن کي تسلي ڏيڻ لاءِ اسپتالن ۾ زخمين جي عيادت ڪئي ۽ همدردي جو اظهار ڪيو

ڪارساز سانحي جي شهيدن جي همٿ ۽ قربانيون دهشتگرد قوتن کي شڪست ڏيڻ لاءِ اسان جي عزم کي سگهه ڏين ٿيون

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان شارڪ جي تحفظ لاءِ قومي ايڪشن پلان شروع ڪندو: جنيد انوار

پيپلز پارٽي وفاقي ڪابينا ۾ شامل نه ٿيڻ ٿي، اسان خدشا ختم ڪرڻ لاءِ هڪ مهينو ڏنو آهي: شيري رحمان

وفاقي حڪومت ٻوڏ متاثرين جي بحالي لاءِ فوري قدم کڻي ۽ ڪڻڪ جي امدادي قيمت مقرر ڪئي وڃي

اسان جو مطالبو آهي ته ٻوڏ متاثرين جي فوري طور تي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي مدد ڪئي وڃي

پيپلز پارٽي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪائونسل دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ڪئي آهي

اسان هٿياربند فوج سان گڏ آهيون ۽ سيڪيورٽي ادارن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب ڳاهو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته پيپلز پارٽي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪائونسل مسلم ليگ (ن) جي وفاقي حڪومت کي پ پ جي خدشن کي دور ڪرڻ لاءِ هڪ

چئن ڏهاڪن جي جنگ ۾ ڀارت ملبل شڪست کي قيامت تائين ياد رکندو: وزيراعظم

غزا امن معاهدي دوران سڄي دنيا جي اڳواڻن بدران پاڪستان جي ليڊر کي تقرير ڪرڻ جو موقعو مليو

سعودي عرب سان تاريخي معاهدو ٿيو، جيئن سعودي عرب ۾ منهنجي اجيان ٿي، ائين اڳ ۾ ڪڏهن ناهي ٿيو

ڀارت سان جنگ ۾ پاڪستان کي تاريخي فتح نصيب ٿي پاڪ فوج جي دليرانه ڪاروائين ۽ عوام جي دعائن سان اهو سڀ ممڪن ٿيو

خانيوال (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته اسان جي محنت سان پاڪستان کي سڄي دنيا ۾ عزت ملي، تازي غزا امن معاهدي دوران سڄي دنيا جي اڳواڻن بدران پاڪستان جي ليڊر
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

خانيوال: وزيراعظم شهباز شريف اڳوڻي صوبائي وزير عرفان ڏاها جي والدي جي تعزيت ڪندي

پاڪ افغان سرحدي علائقن ۾ خارجي گل بهادر گروپ جي ٺڪاڻن تي حملا، 100 کان وڌيڪ دهشتگرد مارجي ويا

پاڪستان پاڪ افغان سرحد سان اتر ۽ ڏکڻ وزيرستان جي ضلعن جي سرحدي علائقن ۾ خارجي گل بهادر گروپ جي تصديق ٿيل ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو: وفاقي وزير اطلاعات

48 ڪلاڪن جي ڏکيي جنگبندي دوران افغانستان مان ڪم ڪندڙ خوارجين پاڪستان ۾ ڪيترن ئي دهشتگرد حملن جي ڪوشش ڪئي، سيڪيورٽي فورسز موثر طريقي سان جواب ڏنو

موثر جوابي ڪارروائي دوران 100 کان وڌيڪ خوارجين کي ماريو ويو خارجي گل بهادر گروپ اتر وزيرستان ۾ گاڏي تي ٻ آءِ اِي ڊي حملو ڪيو شهري ۽ هڪ سپاهي شهادت شهيد ٿي ويو

عام شهرين کي نشانو بڻائڻ جي حوالي سان هلندڙ ڳالهيون ۽ دعوائون غلط آهن ۽ ان جو مقصد افغانستان اندران ڪم ڪندڙ دهشتگرد گروپن جي حمايت پيدا ڪرڻ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماءِ واري وفاقي وزير عطا الله تارڙ چيو آهي ته پاڪستان پاڪ افغان سرحد سان اتر ۽ ڏکڻ وزيرستان جي ضلعن جي سرحدي علائقن ۾ خارجي گل بهادر گروپ جي تصديق ٿيل ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو ۽ سيڪيورٽي فورسز جي ڪاررواين ۾ 100 کان وڌيڪ خوارجي مارجي ويا. ڪالهه سماجي رابطي واري

ڪراچي: پ پ جي سي اي سي جي گڏجاڻي بلاول ڀٽوجي صدارت ۾ ٿي رهي آهي

اسرائيلي فوج پاران صدر ٽرمپ جي امن معاهدي جي ڀڃڪڙي، بمباري ۾ وڌيڪ 11 فلسطيني شهيد

آمريڪا ۽ ثالثي ڪندڙ اسرائيل تي جنگبندي معاهدي جي احترام لاءِ دٻاءُ وجهن ۽ حملا بند ڪرائين: حماس

حماس کي جنگبندي معاهدي تي عمل ڪرڻ گهرجي ۽ 18 مقتول قيدين جا لاش واپس ڪرڻ گهرجن: اسرائيلي اختياريون

ڪراچي: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني خورشيد شاهه جي عيادت ڪندي

غزا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) غزا سٽي جي علائقي زيتون ۾ هڪ گاڏي تي اسرائيلي حملي ۾ هڪ ئي خاندان جا 11 ڄڻا شهيد ٿي ويا. اسرائيل چيو آهي ته اها گاڏي "يلو لائن" کي پار ڪري رهي هئي جيڪا
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان رومانيه لاءِ نامزد سفير محمود نظامي جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان رومانيه لاءِ پاڪستان جي نامزد سفير الياس
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان برطانوي هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪري رهي آهي

فيصل آباد ۾ زراعت بابت تربيتي ڪورس جي پڄاڻي، پرڏيهي نمائندن جي شرڪت

غذائي معيار جي بهتري لاءِ جديد ميوٽيشن بريڊنگ ٽيڪنالاجي جي عنوان سان ڪورس ٿيو

پاڪستان ۾ قدرتي وسيلن جي موجودگي باوجود موسمياتي تبديلي جا اثر انتهائي سنگين آهن: اڳواڻ

فيصل آباد (م د) زراعت جي موضوع تي علائقائي تربيتي ڪورس (RTC) جو ڪامياب اختتام نيوڪليئر انسٽيٽيوٽ فار ايگريڪلچر اينڊ بايولاجي (نياب) ۾ ٿيو جيڪو پاڪستان ايٽمي توانائي ڪميشن (
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سپريم جڊيشل ڪائونسل ۾ ججن خلاف 70 شڪايتون رد، 3 وڌيڪ ڪارروائي لاءِ منظور

سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي صدارت هيٺ سپريم جڊيشل ڪائونسل جو اجلاس ٿيو

جي آرٽيڪل 209 تحت 67 شڪايتن جو جائزو ورتو ويو، 65 شڪايتون گڏيل طور تي رد ڪيون ويون، هڪ ملتوي

آڪٽوبر 2024 کان هيل تائين 155 شڪايتن تي غور ڪيو ويو، 74 شڪايتن تي فيصلي ڪانوءِ 87 شڪايتون شروعاتي غور لاءِ پڌڻي هيٺ

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سپريم جڊيشل ڪائونسل ججن خلاف 74 مان 70 شڪايتون رد، 3 وڌيڪ ڪارروائي لاءِ منظور جڏهن ته هڪ تي ڪارروائي ملتوي ڪري ڇڏي چيف جسٽس يحيٰ آفريدي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار سان برطانوي هاءِ ڪمشنر جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان پاڪستان ۾ مقرر برطانوي هاءِ ڪمشنر
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي سمورين سرڪاري يونيورسٽين ۾ فيس وڌائڻ حڪومتي منظوريءَ سان مشروط

صوبي ۾ ڪاٿين کان پارهين جماعت تائين نئون گريڊنگ سسٽم اڳتي به ويچار جاري آهي: اسماعيل راهو

وفاقي حڪومت يونيورسٽين جي گرانٽ ۾ واڌ نه ڪئي ڪري، جنهن ڪري هر سال گهٽتائي ٿئي پئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو چيو آهي ته سنڌ حڪومت سمورين سرڪاري يونيورسٽين ۾ فيس
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد پريس ڪلب تي ڏياري فيملي فيسٽيول، ڪٽنبن گڏجي خوشيون ملهايون

اسان وٽ خوشين کي هر مذهب جي نالي تي ٽيڊ ۾ رکيو ويو آهي(اينٿوني نويد) ڏياري خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ واري سنڌ ماٽري جو قديمي تهوار آهي: شام سندر

حيدرآباد پريس ڪلب اهو واحد ڪلب آهي، جنهن ۾ هولي، ڪرسمس ۽ ديوالي جا پروگرام ملهايا وڃن ٿا: خالد ڪوڪر

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد پريس ڪلب تي ڏياري فيملي فيسٽيول ملهايو ويو تقريب ۾ عورتن ٻارڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: حيدرآباد پريس ڪلب پاران ڏياري فيسٽيول ۾ ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد ۽ خالد ڪوڪر ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

خيبرپختونخوا پوليس سميت سمورن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ضروري وسيلا فراهم ڪنداسين: وفاقي گهرو وزير

گهرو وزارت ۾ بلٽ پروف گاڏيون خيبرپختونخوا پوليس کي حوالي ڪرڻ جي تقريب، چاپيون آءِ جي خيبرپختونخوا حوالي

خيبرپختونخوا پوليس دهشتگردي خلاف جنگ ۾ هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪري رهي، آفيسرن ۽ جوانن جي بهادري تي ناز آهي: محسن نقوي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي ته خيبرپختونخوا پوليس سميت سمورن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ضروري وسيلن جي فراهمي ترجيح آهي اهڙو اظهار هن ڪالهه
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ويجهو هٿيابندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل، سندس پٽ زخمي

سپر هاءِ وي تي جمالي ڳوٺ ۾ فائرنگ سبب 55 سالن جي جلات خان قتل ٿي ويو

گولين لڳڻ سبب سندس نوجوان پٽ عزت خان زخمي ٿي پيو، طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سپر هاءِ وي ويجهو جمالي ڳوٺ ۾ فائرنگ جو واقعو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ شخص قتل ٿي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سان پ پ اڳواڻ قمر زمان ڪائرا جي ملاقات، سياسي صورتحال ۽ پارٽي معاملن تي ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ قمر زمان ڪائرا سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه سان وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي وزيراعليٰ هائوس جي ترجمان موجب ملاقات ۾ ملڪ جي سياسي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: گو اي آءِ حب جي تقريب ۾ ايوارڊ ڏنو پيو وڃي

ڪراچي ۾ ڪسٽم جي ڪارروائي، 3 ڪروڙ 26 لکن جو اسمگل ٿيل سامان هٿ

ال آصف اسڪوائر پرسان گودامن مان اسمگل ٿيل سگريٽ انڊين گٽڪا ايراني تيل هٿ آيو

هٿ ڪيل سمگل ٿيل سامان کي ضبط ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو وڌيڪ جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ڪسٽم انفورسمينٽ ۽ سنڌ رينجرز سهراب ڳوٺ ۾ هڪ ڪارروائي ۾ 3 ڪروڙ 26 لک رپين جي ماليت جو اسمگل ٿيل سامان هٿ ڪيو آهي اسمگلنگ خلاف مهم جي حصي طور
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليو مهم جي ٽيم تي حملو پوليس پهچي وئي، 4 جوابدار گرفتار

ايف بي ايريا بلاڪ 14 گوهر آباد ۾ پوليو ورڪرن تي تشدد جو واقعو پيش آيو

جوهر آباد پوليس چار جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ۽ ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف بي ايريا بلاڪ 14 گوهر آباد ۾ پوليو ورڪرن تي تشدد جو واقعو پيش آيو گهر گهر وڃي پوليو مهم هلائيندڙ جي ٽيم تي حملو ڪيو ويو پوليس موجب واقعي ڪانپوءِ چار جوابدارن
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ بيواهه عورت بيدردي سان قتل، فليٽ مان جو گلو ڪپيل لاش مليو

گلستان جوهر ۾ فليٽ مان 55 سالن جي شمين اختر زال بشير احمد جو لاش هٿ آيو

عورت پنهنجي ڌيءَ ۽ سندس ٻارڙن سان گڏ رهندي هئي جيڪي ڪم تي ويل هئا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلستان جوهر جي بلاڪ 19 ۾ هڪ رهائشي عمارت جي هڪ فليٽ ۾ عورت جو گلو ڪٽيل لاش مليو ۽ پوليس اطلاع ملندي ئي موقعي تي پهچي وئي ايڊي جي رضاڪارن مقتولا جي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير عطاءُالله تارڙ سان روس جي سفير جي ملاقات، ٻطرفي لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ تي اتفاق

اترئين علائقن جي قدرتي خوبصورتي، سياحت کي هٿي ڏيڻ ۽ ميڊيا سهڪار جي مختلف رخن تي ڳالهيون

پاڪستان ۾ اترئين علائقن جي سياحتي صلاحيت سڄي دنيا جي سياحن لاءِ ڪشش آهي: روسي سفير البرٽ پي خورروف

ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن ميڊيا، ثقافت ۽ سياحت جي شعبن ۾ ٻطرفي سهڪار کي هٿي ڏيڻ تي به اتفاق ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماءِ واري وفاقي وزير عطاالله تارڙ سان پاڪستان ۾ روس جي سفير البرٽ پي خورروف ملاقات ڪئي ۽ ٻه طرفه لاڳاپن اترئين علائقن جي قدرتي خوبصورتي، سياحت کي هٿي ڏيڻ ۽ ميڊيا سهڪار جي مختلف رخن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ملاقات ۾ قومي خابرو اداري ايسو سيئيٽيڊ پريس آف پاڪستان
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ جعلي حڪومتن سبب مهانگائي جو طوفان آيل آهي: حليم عادل شيخ

حڪومت جي نااهل ۽ ناقص معاشي پاليسين ماڻهن جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي

مزدور طبقو نان ڪشيءَ تي مجبور آهي جڏهن ته حڪمران پنهنجين عياشين ۾ مصروف آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي تي تشويش جو
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نظر اسپتال جي هڪ وارڊ ۾ باهه، مريضن ۽ عملي ۾ خوف پکڙجي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اورنگي ٽائون قطر اسپتال جي هڪ وارڊ ۾ باهه لڳي وئي، جنهن سبب مريضن ۽ عملي ۾ خوف
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڏار ڏار هنڌن تي ٽرڪن هٿان موٽر سائيڪل سوارن کي چيڀاٽي ڇڏيو

لياقت آباد ۾ تيز رفتار ٽرڪ جي ٽڪر سبب موٽر سائيڪل سوار نوجوان صابر فوت ٿي ويو

ملير ۾ تيز رفتار ٽرڪ ٽن موٽر سائيڪل سوارن کي چيڀاٽي ڇڏيو، هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لياقت آباد ۽ ملير ماڊل ڪالوني ۾ ٻن ڌار ڌار واقعن ۾ ٽرڪن موٽر سائيڪل سوارن کي چيڀاٽي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت، 3 زخمي ٿي پيا. لياقت آباد زينت اسڪوائر پيٽرول
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي افغان بستي ۾ آپريشن جاري هڪ هزار کان وڌيڪ گهر ڊاهيا ويا آهن: عملدار

پوليس، روينيو عملو اينٽي انڪروچمينٽ سيل ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ۽ ٻين گڏيل آپريشن ڪيو

غيرقانوني اڏاوتن کي مڪمل طور ختم ڪرڻ لاءِ ڪارروائي جو سلسلو ايندڙ ڏينهن تائين جاري رهندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي افغان بستي ۾ غيرقانوني اڏاوتن خلاف آپريشن چوٿين ڏينهن به جاري رهيو جنهن ۾ پوليس، روينيو عملو اينٽي انڪروچمينٽ سيل ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ۽ ٻين لاڳاپيل
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: ڪارساز جي شهيدن لاءِ دعا گهري پئي وڃي

دهشتگردي جو آغاز مشرف جي دور ۾ ٿيو، ڪي پي ۾ قومي جهنڊو لهرائڻ ڏوهه سمجهيو ويندو هو: سعيد غني

ڪارساز سانحي ۾ ڪارڪنن شهيد ۽ زخمي ٿيا، جيالن جي قربانين محترمه بينظير ڀٽو کي محفوظ رکيو

ان وقت اسان ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ ٿاٽي وياسين ته ايس ايڇ او ڀڄي ويو ۽ شاهدين به مٽايون ويون

جيڪڏهن افغانستان جي صورتحال بهتر آهي ته افغاني مهاجرن کي پنهنجي ملڪ واپس وڃڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وزير محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي صدر سعيد غني چيو آهي ته دهشتگردي جو آغاز مشرف جي دور ۾ ٿيو هو. ان وقت به خيبر پختونخواهه ۾ پاڪستان جو جهنڊو لهرائڻ ڏوهه سمجهيو ويندو هو ۽ اڄ وري هڪ ڀيرو ٻيهر دهشتگردي وڌي رهي آهي. سعيد غني چيو ته سانحي ڪارساز ۾
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

نئون ديرو لڳ جان نثار بينظير قبرستان ۾ 20 گمنام شهيدن جي مزارن تي قرآن خواني

پ پ ضلعي صدر اير اين اي خورشيد جوڻيجو ۽ ٻين شهيدن جي مزارن تي گل رکيا

ڪارساز جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪندي ڪين جمهوريت جا اصل علمبردار قرار ڏنو ويو

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي ڪارساز سانحي جي شهيدن جي 18هين ورسي نئون ديرو ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي جان نثار بينظير قبرستان ۾ 20 گمنام شهيدن جي مزارن تي قرآن خواني جي روحاني تقريب منعقد ڪئي وئي، جتي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

نوابشاهه ۾ ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو جي صدارت هيٺ صحت حوالي سان اجلاس

صوبائي وزير پاران خراب ڪارڪردگي تي عملدارن مٿان ڪاوڙ جو اظهار

خراب ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ عملدارن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي: عذرا فضل

نوابشاهه (رپورٽ مشرف پٽي)صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو جي صدارت هيٺ ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ صحت جي حوالي سان اهم اجلاس صوبائي وزير صحت پاران خراب
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

نوابشاهه: عذرا فضل پيچوهو جي صدارت هيٺ صحت حوالي سان اجلاس ٿي رهيو آهي

ڪراچي سائيٽ ۾ واپاري کان پنج لک رپيا ڦرڻ جي الزام ۾ 8 ڀتا خورن گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا پوليس خفيه ذريعن ۽ ٽيڪنيڪل بنيادن تي ڪامياب ڇاپي دوران هڪ واپاري کان پنج لک رپيا ڦرڻ جي الزام ۾ 8 ڀتا خورن کي گرفتار ڪيو ان
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

چڪ لڳ زمين جي معاملي تان مهر برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ عورت قتل

ڳوٺ عامل ۾ قالو مهر ۽ غوث بخش مهر جي ٻن ڌرين وچ ۾ زمين جي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي دوران ڏنڊا ۽ ڪلاشن ڪوف جا ٻت لڳڻ سبب عورت ڪريمان زال عبدالستار مهر ٽڏي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

سکر: ڪارساز جي شهيدن لاءِ دعا گهري پئي وڃي

چڪ (رپورٽ غلام رسول جتوئي) چڪ لڳ ٿالو آباد ميلاڻي ايٽ محمد آباءِ جي حد عامل ڳوٺ ڪچي ۾ زمين جي معاملي تان مهر برادريءَ جي ٻن ڌرين قالو ۽ غوث بخش گڏائي مهر جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ملير ۾ ڪارساز سانحي ۾ شهيد ٿيندڙ پ پ اڳواڻ رخسانه بلوچ جي نالي سان پارڪ قائم

بن قاسم (ن ع) ڪارساز سانحي ۾ شهيد ٿيندڙ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ رخسانه بلوچ جي نالي سان شاهه
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو ۽ ڀرپاسي ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاجي ريلي، لمس گيٽ اڳيان 3 ڪلاڪ ڌرڻو

صحافي عرفان برفت جي پائيڊي کان ٿاٽي اڳيان موٽرسائيڪل ڦر ٿيڻ خلاف شهري ۽ سياسي سماجي ڌرين احتجاج ڪيو

هتي ماڻهو غير محفوظ آهن ڦرن، ڌاڙن ۽ چورين جا واقعا پيش اچي رهيا آهن پر پوليس تماشائي بڻيل آهي: اڳواڻ

ڊي ايس پي 48 ڪلاڪن ۾ جوابدار گرفتار ڪري ڦرون واپس ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي ڌرڻو ختم ڪرايو

ڄامشورو (د ر) ڄامشورو شهر ٽوڙي ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وڌندڙ بدامني جي واقعن خلاف ۽ تازو ڄامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جي صدر عرفان برفت جي گهر سينڊوڙ روڊ اي سيڪشن ٿاٽي جي اڳيان
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 — بلاول ڀٽو زرداري

سياسي صورتحال تي غور ڪيو ويندو. پ پ چيئرمين چيو ته پاڪستان ۾ تمام گهڻا اهڙا واقعا ٿيا. پر 18 آڪٽوبر ملڪ جي تاريخ جو سڀني کان وڏو دهشتگردي جو واقعو هو. بلاول ڀٽو چيو ته شهيد بي بي دهشتگردي جو مقابلو ڪندي شهادت ماڻي. شهيد بينظير ڀٽو هڪ اميد سان گڏ پاڪستان آئي هئي. سانحي ۾ ڪارڪن شهيد ٿيا پر ان باوجود بي بي کي ڊپ نه لڳو، پنهنجي جدوجهد کي جاري رکيو. هن چيو ته پيپلز پارٽي اڄ به بي بي جي مشن کي اڳيان کڻي هلي رهي آهي. اسان پنهنجي اڳواڻن جي وژن موجب پاڪستان جي عوام جي خدمت ڪندا رهنداسين. هوڏانهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي هڪ بيان ۾ بلاول ڀٽو چيو ته ڪارساز سانحو اڄ به اسان جي ذهن ۾ زخم جيان تازو آهي.

بقايا 2 — آصف زرداري

ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان موجب صدر مملڪت چيو ته شهيد بينظير ڀٽو پنهنجي جان کي درپيش خطرن باوجود ان ڏينهن وطن واپس آئي. صدر مملڪت چيو ته هو ڪارساز ۾ دهشتگرد حملي ڪانپوءِ به پنهنجي مشن تي قائم رهي ۽ هن جمهوريت جي بحالي لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکي. صدر مملڪت ان ڪانپوءِ ٿيل واقعن کي ياد ڪندي چيو ته هو زخمين سان مليو ۽ سوڳوار خاندانن کي تسلي ڏيڻ لاءِ اسپتالن ۾ زخمين جي عيادت ڪئي ۽ وارثن سان همدردي جو اظهار ڪيو.

بقايا 3 — جنيد انوار

ڪيو ويو جنهن ملڪ جي سامونڊي ماحولياتي نظام جي تحفظ لاءِ فوري ۽ منصوبابندي وارا قدم کڻڻ ضروري آهن. ڪالهه جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ وفاقي وزير پائيدار سامونڊي طريقن ۽ عالمي تحفظ جي معيارن کي پورو ڪرڻ لاءِ حڪومت جي عزم تي زور ڀريندي نشاندهي ڪئي ته پاڻي موهيل شارڪ جن ۾ مختلف قسم شامل آهن جو مسلسل شڪار سامونڊي حياتياتي ولا ۽ عالمي تحفظ جي واعدن لاءِ خطرو آهي. هن چيو ته عربي سمنڊ ۾ هجرت ڪندڙ شارڪ جي قسمن کي آءِ يو سي اين جي ريڊ لسٽ ۾ خطري ۾ ورتل قرار ڏنو ويو آهي اهي قسم انساني خطرن جهڙوڪ ماهيگيري جي جار ۾ الجهڻ ۽ ٻيڙين سان ٽڪرائجڻ لاءِ خاص طور تي حساس آهن جيڪو ان جي سست واڌ ويجهه ۽ گهٽ توليدي شرح سان وڌيڪ سنگين ٿي وڃي ٿو. وفاقي وزير زور ڀريو ته ملڪ جي سامونڊي ماحولياتي نظام جي تحفظ لاءِ فوري ۽ منصوبابندي وارن قدمن جي ضرورت آهي. هن خبردار ڪيو ته ان شارڪن بابت غير پائيدار ماهيگيري طريقن سان نه رڳو ماحول کي نقصان پهچي ٿو پر ملڪ جي عالمي ساک کي نقصان پهچائي سامونڊي غذا جو واپار به متاثر ٿي سگهي ٿو. هن چيو ته سامونڊي وسيلن جو ذميوارانو انتظام بهترين ترجيح هجڻ گهرجي جنهن ۾ خطري ۾ ورتل شارڪ جي تحفظ لاءِ سخت قدمن جي ضرورت آهي.

بقايا 4 — وفاقي وزير

نقشي تي سفارتي لحاظ کان ڪاميابيون ملي رهيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي دور انديشي عيوض پلوت کي منهن جي ڪاٺي پئي. فلسطين ۾ امن جي قيام جي معاملي ۾ پاڪستان جو اهم ڪردار رهيو. وزيراعظم جي اٿڪ محنت سان پاڪستان سفارتي سطح تي هڪ نئين انداز ۾ ابريو آهي. ڪالهه هتي ڳالهائيندي وزيراعظم جي خاص مددگار رانا ثناءالله چيو ته فلسطين ۾ امن جي واپسي مسلمان ملڪن جي سفارتي ڪاميابي آهي ۽ ان ۾ 8 ملڪن اهم ڪردار ادا ڪيو ان ۾ سڀ کان اهم ڪردار پاڪستان جو هو. خاص طور تي وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جيڪو ڪردار ادا ڪيو. فلسطين ۾ امن واپسي آڻڻ ۽ ظلم ۽ ڏاڍ بند ٿيڻ تي ان جو سهرو مسلسل سر تي آهي. پوري قوم ان کي خراج تحسين پيش ڪري ٿي.

بقايا 5 — ڳالهيون

محمد اورنگزيب واشنگٽن ڊي سي ۾ جاري آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جي سالياني اجلاسن جي موقعي تي عالمي بئنڪ جي صدر اجا بانگا سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ناڻي واري وزير عالمي بئنڪ سان پاڪستان جي حصيداري کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو. ناڻي واري وزارت مان جاري ڪيل بيان موجب ناڻي واري وزير پاڪستان جي وزيراعظم جي نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي دوران عالمي بئنڪ جي صدر سان ٿيل ملاقات جو ذڪر ڪيو. ناڻي واري وزير اجا بانگا کي پاڪستان جي حڪومت پاران ٻوڏ واري صورتحال دوران ڪيل قدمن کان آگاهه ڪيو. ناڻي واري وزير ٻوڏ جي نقصانن جي ازالي لاءِ عالمي بئنڪ جي وقت سر امداد جو شڪريو ادا ڪيو. ناڻي واري وزير ننڍن آبادڪارن تائين پهچ لاءِ ڊجيٽل پليٽ فارمز ۽ ڪوآپريٽوز جي استعمال واري تجويز جي تعريف ڪئي. سينيٽر محمد اورنگزيب حڪومت جي ٽيرف پاليسي جي تياري ۾ عالمي بئنڪ جي ٽيڪنيڪل مدد تي پڻ شڪريو ادا ڪيو. ناڻي واري وزير عالمي بئنڪ جي صدر کي صوبن سان ڪنٽري پارٽنر شپ فريم ورڪ لاڳو ڪرڻ وارن معاملن کان پڻ آگاهه ڪيو. ناڻي واري وزير گهٽ آءِ ڊي اي الاٽمينٽ جي حوالي سان اضافي مدد جي پڻ درخواست ڪئي. ناڻي واري وزير گيس ۽ توانائي جي شعبن ۾ پائيدار سڌارن لاءِ جامع حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي پڻ زور ڏنو.

بقايا 6 — شيري رحمان

مهينو ڏنو آهي جيڪڏهن اسان جا مطالبا ۽ خدشا حل نه ٿيا ته ان عرصي کان پوءِ پيپلز پارٽي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس ٻيهر منعقد ڪيو ويندو ۽ اهم سياسي فيصلا ڪيا ويندا. پيپلز پارٽي آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ سياسي صورتحال کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم سياسي ڪردار ادا ڪندي. پيپلز پارٽي وفاقي ڪابينا ۾ شامل نه ٿي رهي آهي. وفاقي حڪومت کي ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ فوري طور تي قدم کڻڻ گهرجن. ڪڻڪ جي امدادي قيمت مقرر ڪئي وڃي. ٻوڏ متاثرن جي فوري طور تي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي مدد ڪئي وڃي. پيپلز پارٽي جي سي اي سي دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ڪئي آهي. مودي افغانستان کي پنهنجي عزائم لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن افغانستان، هندستان يا ڪو به ملڪ يا خوارج اسان جي فوج ۽ عوام تي حملو ڪندا ته انهن کي مناسب جواب ملندو. پيپلز پارٽي ۽ پوري قوم دهشتگردي کي ختم ڪرڻ ۽ ملڪ جي دفاع لاءِ قربانيون ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي. اسان هٿياربند فوج ۽ سيڪيورٽي ادارن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. اسان هٿياربند فوج سان گڏ آهيون. پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ ۾ جمهوريت ۽ پارليامينٽ جي مضبوطي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي.

بقايا 7 — منظور

جي صدارت هيٺ سپريم جوڊيشل ڪائونسل جو اجلاس ٿيو. جنهن ۾ سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي ضابط اخلاق ۾ اڪثريت راءِ سان ترميمن جي منظوري ڏني. جوڊيشل ڪائونسل جا ٻه الڳ الڳ اجلاس ٿيا ۽ ٻنهي اجلاس ۾ چيف جسٽس يحيٰ آفريدي، جسٽس منصور علي شاهه، جسٽس منيب اختر، لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عاليه نيلم ۽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس سرفراز ڏوگر شريڪ ٿيا. ذريعن موجب سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي ٻئي اجلاس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سرفراز ڏوگر جي جاءِ تي پشاور هاءِ جو چيف جسٽس شريڪ ٿيو. ذريعن موجب آئين جي آرٽيڪل 209 تحت 67 شڪايتن جو جائزو ورتو ويو. 65 شڪايتون ڪلي طور تي رد، هڪ ملتوي ۽ هڪ کي اڪثريتي فيصلي سان وڌيڪ ڪارروائي لاءِ منظور ڪيو ويو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي عدم شرڪت سبب ڪائونسل کي ٻيهر جوڙيو ويو. سپريم جوڊيشل ڪائونسل ٻئي اجلاس ۾ 7 شڪايتن جو جائزو ورتو ۽ اڪثريتي راءِ سان 2 شڪايتن تي وڌيڪ ڪارروائي جو فيصلو ڪيو. جڏهن ته 5 شڪايتون داخل ڪيون. ذريعن موجب آڪٽوبر 2024 کان هيل تائين 155 شڪايتن تي غور ڪيو ويو آهي. 74 شڪايتن تي فيصلي ڪانپوءِ 87 شڪايتون شروعاتي غور لاءِ پڙتالي هيٺ آهن.

بقايا 8 — مشروط

وڌائڻ کي حڪومتي منظوريءَ سان مشروط ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته صوبي ۾ ڏهين کان ٻارهين جماعت تائين نئون گريڊنگ سسٽم آڻڻ تي به ويچار جاري آهي جنهن لاءِ سنڌ جي مختلف تعليمي بورڊن کان تجويزون ۽ اعتراض وصول ٿي چڪا آهن. ٽيڪنيڪل مسئلن جي حل ٿيڻ کان پوءِ نئون گريڊنگ سسٽم لاڳو ڪيو ويندو جيڪو عالمي معيار مطابق هوندو. محمد اسماعيل راهو جو چوڻ هو ته وفاقي حڪومت يونيورسٽين جي گرانٽ ۾ واڌ نه پئي ڪري، جنهن ڪري هر سال گهٽتائي ٿي رهي آهي ۽ سرڪاري يونيورسٽيون مالي بحران جو شڪار آهن. ان صورتحال ۾ سنڌ حڪومت اضافي گرانٽ فراهم ڪري تعليمي عمل کي متاثر ٿيڻ کان بچائي رهي آهي. هن چيو ته پبلڪ سيڪٽر يونيورسٽيون خرچن ۾ اضافي سبب فيسون وڌائين ٿيون پر هاڻي کين پابند ڪيو ويندو ته جيڪڏهن ڪنهن يونيورسٽي کي فيس وڌائڻي پوي ته پهرين حڪومت کان منظوري ورتي وڃي. هن واضح ڪيو ته شاگردن تي اضافي مالي بار نه وڌڻ ڏنو ويندو تعليمي خرچن جو وڏو حصو اڳ ۾ ئي حڪومت برداشت ڪري رهي آهي. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو وژن تعليم، صحت ۽ عوامي ڀلائي سان جڙيل آهي ۽ سنڌ حڪومت تعليم جي معيار کي عام ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. تعليم سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ پهرين نمبر تي آهي.

بقايا 9 — ملاقات

چين ميرٽ ملاقات ڪئي. برٽش آفيس مان جاري ڏينهن جاري ٿيل بيان موجب نائب وزيراعظم پاڪستان ۽ برطانيا جي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۽ قيادت جي سطح تي تازين ڳالهين کي ساراهيو ۽ علائقائي ۽ عالمي اهميت جي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

بقايا 10 — خوشيون ملهايون

نويد چيو ته اسان جي معاشري ۾ خوشين کي به مذهب جي ذاتي تي قيد ۾ رکيو ويو آهي. مذهب کي خوشين کان ٻاهر رکڻ گهرجي. هن چيو ته حيدرآباد پريس ڪلب سڀني تهوارن کي ملهائيندو ۽ گڏيل تقريبون ڪرائيندو رهيو آهي جيڪو هڪ بهترين عمل آهي. اهڙيون محفلون ڪرائڻ سنڌ جي روايت رهي آهي. هن چيو ته هاڻي مذهب ته ڇا پر ماڻهن کي ٻولين ۾ ورهايو ۽ ٻري ڪيو ويو آهي. اسان کي اهڙي روش کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجن جنهن لاءِ پريس ڪلب جي اهڙي روايت ساراهڻ جوڳو عمل آهي. صوبائي صلاحڪار ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته ڏياري خوشين ۽ خوشحالي واري سنڌ ماڻهن جو قديمي تهوار آهي. ڏياري واري ڏينهن کي ملهائي هئلو 5 هزار ورهين جي روايت کي برقرار رکندي اهو ثابت ڪري رهيا آهن ته هو سنڌ ماڻهن جا اصل وارث آهن. هن چيو ته پيپلز پارٽي جون وڏ ۽ وڏ همدرديون اڄ به اقليتن سان آهن جيڪو اسان لاءِ وڏو اعزاز آهي. پ پ اسان کي اڪيلو ڇڏي ناهي ڇڏيو. هن چيو ته اسان لطيف جا پوئلڳ سچل سامي، صوفي ۽ درويشن جي زمين جا وارث آهيون. متحده جي ايم پي اي صابر قائمخاني چيو ته اسان خوشيون گڏجي ملهايون ٿا جنهن سان خوشيون ۽ محبتون وڌن ٿيون. حيدرآباد پريس ڪلب هميشه سٺين روايتن جو امين رهيو آهي. اڳوڻي ڊي سي ۽ ناميارو ڊاڪٽر نيڪرام چيو ته سنڌ ۾ انتهاپسندي عروج تي پهچي آهي. مظلوم ماڻهو کي انصاف نٿو ملي. ماڻهن کي ڪمزور سمجهي سندن حق غصب ڪيا وڃن ٿا. هن چيو ته جهڙي طرح راوڻ پاڻ کي طاقتور سمجهي ظلم ڪندو هو ۽ سمجهندو هو ته ڪير به ختم نٿو ڪري سگهي. پر راوڻ جو به انت آيو هو.

بقايا 11 — شرڪت

(PARC) جو هڪ ناميارو تحقيقي ادارو آهي. هي تربيتي ڪورس 6 آڪٽوبر تي شروع ٿيو هو. جنهن جو عنوان هو: "غذائي معيار جي بهتري لاءِ جديد ميوٽيشن بريڊنگ ٽيڪنيڪون". اهو ڪورس IAEA جي فني سهڪار واري منصوبي RAS5101 هيٺ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ ايجنسي جي 14 ميمبر ملڪن - بنگلاديش، ڪمبوڊيا، چين، فجي، انڊونيشيا، لائوس، ملائيشيا، منگوليا، ميانمار، نيپال، فلپائن، سري لنڪا، ٿائيلينڊ ۽ ويٽنام - جا 30 شرڪت ڪندڙ شامل هئا.

بقايا 12 — 4 جوابدار گرفتار

کي گرفتار ڪيو ويو. ۽ گرفتار جوابدارن خلاف جوهر آباد پوليس ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي جاچ جاري آهي جڏهن ته پوليو ٽيم جي اهلڪارن جا بيان پڻ رڪارڊ ڪيا پيا وڃن. عملدارن موجب ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 13 — سامان هٿ

جمعي ۽ ڇنڇر جي وچ واري رات اي آصف اسڪواڊ سان لاڳاپيل گودامن تي ڇاپو هنيو ويو. آپريشن دوران مختلف برانڊن جا اسمگل ٿيل سگريٽ جا 8,509 اسٽڪس، مختلف برانڊن جا انڊين گٽڪا جا 1,829 پيڪٽ، انڊين تمباڪو جا 327 پيڪٽ ۽ ايراني خوردني تيل جون 92 بوتلون هٿ ڪيون ويون. اختيارين ڪيس داخل ڪيو آهي ۽ سمگل ٿيل سڀني سامان کي ضبط ڪيو آهي ۽ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 14 — ڪپيل لاش مليو

لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال پهچايو. ريسڪيو عملدارن چيو ته مقتولا جي سڃاڻپ 55 سالن جي شميم اختر زال بشير احمد جي نالي سان ٿي آهي. ان حوالي سان ايس ايڇ او شارع فيصل انعام جوڻيجو چيو ته مقتولا بيواهه عورت هئي جيڪا پنهنجي ڌيءَ، ڏوهٽي ۽ ڏوهٽيري سان گڏ فليٽ ۾ رهندي هئي. واقعي وقت عورت گهر ۾ اڪيلي هئي جڏهن ته مقتولا جي ڌيءَ ۽ ٻار ڪم تي ويا هئا. جڏهن اهي گهر واپس آيا ته انهن کي واقعي جي خبر پئي. جنهن جو فوري طور تي پوليس کي اطلاع ڏنو ويو. شروعاتي جاچ مان ظاهر ٿئي ٿو ته عورت کي ڪنهن دشمني جي ڪري تيز اوزار سان قتل ڪيو ويو. بهرحال ڪرائم سين يونٽ واقعي واري هنڌ پهچي ثبوت حاصل ڪيا. جنهن جي روشني ۾ جاچ کي اڳتي وڌايو ويندو جڏهن ته پوليس سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي فوٽيج حاصل ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪري رهي آهي جڏهن ته رهواسين کان معلومات حاصل ڪري رهي آهي ته جيئن واقعي بابت ڪجهه اهم معلومات حاصل ڪري سگهجي. ان ڏينهن سرجاني ۾ تيسر ٽائون اجمير گوٺ جي ويجهو جهنگ مان هڪ نوجوان جي ڪجهه ڏينهن پراڻي لاش ملي. اطلاع ملڻ تي پوليس موقعي تي پهچي وئي ۽ ثبوت حاصل ڪرڻ کان پوءِ لاش کي رضاڪارن جي مدد سان قانوني ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو. ريسڪيو عملدارن موجب لاش به ڪن ٽي ڏينهن پراڻي ٻڌايو پيو وڃي. نوجوان جي سڃاڻپ 18 سالن جي افتخار جي نالي سان ٿي. جنهن جي موت جو سبب فوري طور تي طئي نه ٿي سگهيو. جڏهن ته پوليس ان بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 15 — سان اجلاس

ڪارڪردگي تي سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي عملدارن مٿان ڪاوڙ جو اظهار ڪيو جڏهن ته ڪم نه ڪندڙ عملدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ۽ پاپوليشن ويلفيئر ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو جي صدارت هيٺ ضلع شهيد بينظيرآباد ۾ صحت جي حوالي سان ڊي سي آفيس نوابشاهه جي دربار هال ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو پاران ضلع شهيد بينظيرآباد ۾ غير قانوني هلندڙ ليبارٽرين، بلڊ بئنڪ، ڪيئولا ۽ نجي ميڊيڪل سينٽرن خلاف بهتر انداز ۾ ڪارروائي نه ڪرڻ ۽ خراب ڪارڪردگي تي هيلٿ ڪيئر ڪميشن ۽ صحت کاتي جي عملدارن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي ان موقعي تي صوبائي وزير صحت ضلع انتظاميه، صحت کاتي ۽ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي عملدارن کي سختي سان هدايت ڪندي چيو ته ايڊز جي وڌندڙ ڪيسن کي نظر ۾ رکندي فوري طور تي ضلع خاص ڪري نوابشاهه ۾ هلندڙ غير قانوني ليبارٽرين، ميڊيڪل سينٽرن، ڪيئولا سينٽرن، بلڊ بئنڪن ۽ سرجيڪل اسٽورن خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون کي تيز ڪيو وڃي صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته غير قانوني هلندڙ ليبارٽرين، عطائي ڊاڪٽرن ۽ ميڊيڪل سينٽرن کي عوام جي صحت سان کيڏڻ جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي صوبائي وزير صحت کاتي جي عملدارن کي اها پڻ هدايت ڪئي ته ضلع ۾ مليريا ۽ ايڊز جي وڌندڙ ڪيسن تي فوري ضابطو آڻڻ لاءِ ٺوس اپاءَ ورتا وڃن ڇاڪاڻ ته عوام کي صحت جون بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو وڌيڪ چيو ته خراب ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ عملدارن سان ڪنهن به قسم جي رعايت هرگز نه ڪئي ويندي ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر منظر حسين، ايڇ آءِ وي ايڊز تي ڪم ڪندڙ عملدارن پاران ضلع ۾ ايڊز جي ڪيسن بابت صوبائي وزير کي تفصيلي آگاهي ڏني اجلاس ۾ ڊائريڪٽر سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن ڊاڪٽر زرين جتوئي، ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي، ايس ايس پي شبير احمد سيٺار، وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر گلشن ميمڻ، ايم ايس يار علي جمالي، انفارميشن آفيسر شير محمد جمالي سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 16 — هٿي ڏيڻ تي اتفاق

ڪارپوريشن (اي پي پي سي) ۽ روس جي اسپتنڪ نيوز ايجنسي وچ ۾ مفاهمت جي ياداشت کان علاوه پاڪستان ٽيليويزن (پي ٽي وي ورلڊ) ۽ آر ٽي (رشين ٽي وي) وچ ۾ سهڪار جي معاهدي کي حتمي شڪل ڏيڻ تي به ڳالهه ٻولهه ٿي. ان موقعي تي عوامي سطح جي خيالن جي ڏي وٺ جي پروگرام تحت ڊجيٽل انفلوئنسرز ۽ نوجوانن تي ٻڌل وفدن جي مٽا سٽا بابت تجويزن تي به غور ڪيو ويو. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۽ روس وچ ۾ گڏيل اعتماد ۽ احترام تي ٻڌل سفارتي لاڳاپا قائم آهن. روس جي سفير چيو ته پاڪستان ۾ اترئين علائقن جي سياحتي صلاحيت سڄي دنيا جي سياحن لاءِ پرڪشش آهي. روسي سياح پاڪستان جي سياحتي علائقن ۾ خاص دلچسپي رکن ٿا. هن چيو ته پاڪستان ۽ روس جي لاڳاپن کي نوان رخ ڏيندي عملي حصيداري ۾ تبديل ڪيو ويندو. ٻنهي اڳواڻن ميڊيا، ثقافت ۽ سياحت جي شعبن ۾ ٻطرفي سهڪار کي هٿي ڏيڻ تي به اتفاق ڪيو.

بقايا 17 — حليم عادل شيخ

اظهار ڪندي چيو آهي ته اڄ ملڪ تي فارم 47 جي جعلي حڪومتن سبب مهانگائي جو هڪ نه ختم ٿيندڙ طوفان جاڳيل آهي. اٽو، کنڊ، کير، ٽماٽا، چانور، ڀاڄيون، پيٽرول، گيس ۽ بجلي سميت هر بنيادي ضرورت جي شيءِ عام ماڻهن جي پهچ کان ٻاهر ٿي وئي آهي. هن چيو ته حڪومت جي ناڪامي ۽ ناقص معاشي پاليسين ماڻهن جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي. اٽي جو 50 ڪلو ٿيلهو 7000 رپين کان وڌي ويو آهي. کنڊ ۽ ڪڪڙ جو تيل 700 رپيا في ڪلو. دالون 400 رپين کان مٿي جڏهن ته ڀاڄين ۽ چانورن جي اگهن ۾ روزانو واڌ ٿي رهي آهي. پيٽرول ۽ بجلي جي قيمتن ۾ لڳاتار واڌ ماڻهن جي تڪليفن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي. بجلي ۽ گيس جا بل عام شهريءَ جي وس کان ٻاهر آهن. گهڻا صارف بل ادا ڪرڻ يا ٻارن جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي ويا آهن. حليم عادل شيخ چيو ته اڌ کان وڌيڪ آبادي غربت جي ليڪ کان هيٺ اچي وئي آهي لکين نوجوان بيروزگار ٿي ويا آهن. ڪاروبار بند ۽ صنعتون ٺپ پيل آهن. 30 کان وڌيڪ وڏيون ڪمپنيون ملڪ مان پنهنجو ڪاروبار بند ڪري چڪيون آهن. مزدور طبقو فاقه ڪشيءَ تي مجبور آهي جڏهن ته حڪمران پنهنجين عياشين ۾ مصروف آهن. هن وڌيڪ چيو ته موجوده حڪومت آءِ ايم ايف جي دٻاءُ هيٺ عوام دشمن فيصلا ڪيا آهن جن سبب عام شهريءَ جي زندگي وڌيڪ ڏکي بڻجي وئي آهي حليم عادل شيخ مطالبو ڪيو ته مهانگائي تي ضابطو آڻڻ، پيٽرول، بجلي ۽ گيس جي قيمتن ۾ گهٽتائي لاءِ فوري ۽ عملي قدم کنيا وڃن. هن واضح ڪيو ته تحريڪ انصاف عوام جي حقن جي جنگ وڙهي رهي آهي ۽ هن معاشي جبر، ناانصافي ۽ مصنوعي مهانگائيءَ خلاف هر فورم تي آواز بلند ڪندي رهندي. عوام هاڻي باشعور ٿي چڪا آهن ۽ جلد ئي اصل عوامي قيادت عمران خان جي رهنمائي هيٺ هن جعلي حڪومت جو خاتمو ڪندا.

بقايا 18 — چيپائي ڇڏيو

پمپ جي پرسان تيز رفتار ٽرڪ جي موٽر سائيڪل کي ٽڪر سبب موٽر سائيڪل تي سوار نوجوان فوت ٿي ويو جنهن جي لاش ايڌي رضاڪارن عباسي شهيد اسپتال پهچائي جتي مقتول جي سڃاڻپ 37 ورهين جي صابر جي نالي سان ڪئي وئي. مقتول صابر لياقت آباد ڏهين نمبر اسڪوائر ايف سي ايريا جو رهواسي هو جيڪو گهر جي پرسان ٽي ڪم جي لاءِ وڃي رهيو هو ته حادثي جو شڪار ٿي ويو. مقتول 2 ٻارن جو پيءُ هو. حادثي کان پوءِ مشتعل ماڻهن ٽرڪ کي پٿراءَ ڪري ٽرڪ جا شيشا ڀڃي ڇڏيا ۽ ٽرڪ کي باهه ڏني. حادثي جي اطلاع ملندي تي شريف آباد سميت ٻين ٿاڻن جي پوليس موقعي تي پهچي وئي ۽ صورتحال تي ڪنٽرول ڪندي فوري طور تي فائر برگيڊ کي طلب ڪيو ويو احتجاج سبب ناظم آباد کان لياقت آباد ڏانهن ويندڙ روڊ تي بلندين ٽريفڪ جام ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ ٽراوز ٽرڪن ۽ ٻين گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون. ايس ايڇ او شريف آباد تنوير مراد ٻڌايو ته حادثي جو ذميوار ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو آهي جنهن جي ڳولا جاري آهي جڏهن ته پوليس ٽرڪ کي باهه ڏيڻ جي حوالي سان وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي. ملير ماڊل ڪالوني جي پرسان تيز رفتار ٽرڪ موٽر سائيڪل سوارن کي چيپائي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا جن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ فوري طور تي طبي امداد جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمين مان هڪ زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو. حادثي کان پوءِ واقعي واري هنڌ موجود مشتعل ماڻهن پٿراءَ ڪري ٽرڪ جا شيشا ۽ لائيٽون ڀڃي ڇڏيون انهي دوران ماڻهن جو وڏو انگ جمع ٿيڻ سبب ملير ڪينٽ تان ماڊل ڪالوني ڏانهن ويندڙ رستي سميت لاڳاپيل روڊن تي بلندين ٽريفڪ جام ٿيڻ سان گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون. مشتعل عوام حادثي جي ذميوار ڊرائيور کي پڪڙي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته چيپا موجب فوري طور تي مقتول جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي. جڏهن ته زخمي ٿيل 45 ورهين جي معشوق علي ۽ 19 ورهين جي مستقيم کي طبي امداد ڏني پئي وڃي. ايس ايڇ او ماڊل ڪالوني شوڪت اعوان ٻڌايو ته پوليس جي وقت تي ڪارروائي سبب ٽرڪ کي باهه ڏيڻ کان بچايو ويو ۽ ٽرڪ کي قبضي ۾ وٺي ٿاڻي منتقل ڪيو ويو. هن چيو ته گرفتار ڊرائيور جي سڃاڻپ ثروت جي نالي سان ڪئي وئي آهي. حوالي سان پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 19 — خوف پکڙجي ويو

پکڙجي ويو. ريسڪيو 1122 موجب باهه جي اطلاع ملندي ئي عملي فائر ٽينڊر سان موقعي تي پهچي ويو ۽ سخت جدوجهد کان پوءِ باهه تي ضابطو آندو ۽ ان کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪيو. ريسڪيو 1122 جي ترجمان موجب باهه اسپتال جي گائنيڪالاجي وارڊ ۾ لڳي وئي. باهه لڳڻ سان ئي وارڊ ۾ موجود مريض، حاضرين ۽ عملو ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. بهرحال خوشقسمتيءَ سان ڪو به جاني نقصان نه ٿيو. جڏهن ته بسترو ۽ ٻيو سامان باهه ۾ سڙي رک ٿي ويو. باهه جو سبب فوري طور تي معلوم نه ٿي سگهيو.

بقايا 20 — مسمار

ادارن جي وڏي تعداد حصو ورتو. ڳري مشينري جي مدد سان انتظاميا ڪيترائي گهر ۽ دڪان ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا. جڏهن ته صرف مک بازار جا ڪيترائي دڪان مسمار ڪيا ويا انتظاميا جو چوڻ هو ته آپريشن دوران هڪ هزار کان وڌيڪ گهر ڊاهيا ويا آهن جڏهن ته اختيارين جو چوڻ آهي ته غيرقانوني اڏاوتن کي مڪمل طور ختم ڪرڻ لاءِ ڪارروائي جو سلسلو ايندڙ ڏينهن تائين جاري رهندو علائقي ۾ پوليس جي وڏي تعداد مقرر ڪئي وئي آهي ته جيئن ڪنهن به مزاحمت يا رڪاوٽ کان بچي سگهجي. ايس ايس پي ملير طارق الهي مستوئي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته آپريشن تيزي سان جاري آهي ۽ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي مڪمل ٿيندو. هن وڌيڪ چيو ته مسمار ڪيل علائقو مڪمل طور خالي ڪرائي، زمين سنڌ حڪومت حوالي ڪئي ويندي. واضح رهي ته آپريشن 4 ڏينهن اڳ شروع ڪيو ويو هو ۽ انتظاميا جو موقف آهي ته بستي ۾ گهڻي عرصي کان غيرقانوني اڏاوتون قائم هيون. جن کي هاڻي ختم ڪيو پيو وڃي.

بقايا 21 — خورن گرفتار

حوالي سان ايس ايس پي ضلعي سينٽرل ذيشان شفيق صديقي چيو ته پرنٽنگ پريس جي مالڪ محمد عرفان جي شڪايت تي نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا پوليس پاران ڀتا خوري جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ڀتا خورن هڪ فون ڪال ذريعي مالڪ کان 500,000 لک رپيا گهريا هئا ۽ مدعي کي ڀتا نه ڏيڻ جي صورت ۾ قتل ڪرڻ جي ڌمڪي پڻ ڏني هئي. جڏهن ته ڪيس داخل ٿيڻ کان پوءِ پوليس ڀتا خورن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڇڏيون. هن چيو ته سخت جدوجهد کان پوءِ پوليس هڪ ڳجهي اطلاع تي ڪامياب ڇاپي دوران ڀتا خوري ۾ ملوث 8 جوابدارن، سلمان پٽ طاهر حسين، عاقب پٽ جاويد، عبدالرحمان پٽ جاويد، توصيف پٽ عقيل، فهد پٽ اڪبر، مزمل پٽ اڪرم، علتان پٽ جميل ۽ عامر پٽ جميل کي گرفتار ڪيو. جڏهن ته پوليس ڀتا خوري ڪندڙن کان ڪل 12 موبائل فون هٿ ڪيا آهن. جن ۾ 9 ٽچ اسڪرين موبائل فون، 3 ڪي پيڊ موبائل فون ۽ 3 پرس شامل آهن. پوليس گرفتار ٿيل ڀتا خوري ڪندڙن جي ڪرمنل رڪارڊ جي جاچ ڪري رهي آهي ۽ ان حوالي سان وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 22 — ڌرڻو

ان جي پلاٽي رافيع برفت کان ڦر ٿيل اسڪوٽر واري واقعي خلاف جامشورو جي صحافين جي سڏ تي هڪ سينڊيوز روڊ تان شهرين طرفان ريلي ڪڍي شهر جو گشت ڪرڻ بعد لمس گيٽ اڳيان انڊس هاءِ وي روڊ بند ڪرڻ بعد ٽي ڪلاڪ روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي گاڏين جون وڏيون قطارون لڳي ويون ان موقعي تي احتجاجي ڌرڻي کي پريس ڪلب جي صدر عرفان برفت، حاڪم چانڊيو سماجي اڳواڻ حاجي واحد بخش پلائي ايس ٽي پي اڳواڻ ساگر عالماڻي راجا جکراڻي پ پ شهيد ڀٽو اڳواڻ سليمان پلائي سيد طالب شاهه ايس يو پي اڳواڻ شاهنواز برفت پير بخش مهاڻو پي ٽي آءِ اڳواڻ سيد ماجد شاهه قوم پرست اڳواڻ عبدالفتاح جا جسٽ اڳواڻ انور بروڊي جي يو آءِ اڳواڻ مولانا محمد عمر چانڊيو مولانا حافظ جميل لغاري انور پليلي دوڪاندار اڳواڻ رحيم جمالي مرتضيٰ ڇانچ جيٺن مل برفت برادري جي وڏيري شبير برفت ميوا اڳواڻ علي محمد شورو لسوا اڳواڻ اشفاق راڄپر سيوا اڳواڻ غلام نبي پلائي واپاي هاليپوٽو يونين اڳواڻ مظفر قريشي سماجي اڳواڻ رشيد قريشي عبدالجبار مڪسي سميع الله لاشاري حليمي غني مڪسي جسقم اڳواڻ عاقل جمالي رياض ڪاريجو سماجي اڳواڻ شوڪت ڏانچ اڪرم ملاح ذوالفقار مڪسي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو اسان جو ضلعو جامشورو هي تمام حساس هوندو آهي هتي وڏيون يونيورسٽيون موجود آهن جتي هن ملڪ صوبن ۽ سڄي سنڌ جو نوجوان شاگرد شاگرديائون پڙهي رهيون آهن اسلام آهن ولاري ڪاروباري ماڻهو آهن انهن سميت هتي وڏي آبادي آهي اها پلاٽني جو شڪار ٿيا آهن ماڻهو غير محفوظ آهن هتي ڦرون ڪاڙن چورين جا واقعا پيش اچي رهيا آهن هر روڊ رستي تان ڦورو رڪاوٽون وجهي ڦري رهيا آهن پر پوليس جو ڪو به نالو نشان ناهي ڏاڙو پريس ڪلب جي صدر عرفان برفت جي گهر اڳيان ان جي پلاٽي کان اسڪوٽر ڦرجي ويو آهي انهن ڦورن جو پيڇو ڪري ڦر ڪري ويل ڦورن جي نشاندهي ڪرڻ باوجود پوليس انهن خلاف ڪابه قانوني ڪارروائي نٿي ڪري اهڙي پوليس جي خاموشي خلاف اسان مجبور ٿي روڊ بند ڪيو آهي جنهن بعد ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوڻيجو ڌرڻي واري جاءِ تي پهچي 48 ڪلاڪن ۾ ڦورن کان ڦريل سامان واپس ڪرائي جوابدار گرفتار ڪرڻ جي يقين ڏهاڻي تي ڌرڻو ختم ڪيو ويو ٽي ڪلاڪ مسلسل ڌرڻي سبب ٽريفڪ معطل رهي گاڏين جون وڏيون قطارون لڳيون رهيون احتجاج ۾ صحافين عظيم پلريجو محمد شريف اڀرو ريلڪو اڀرو اسلمگريو جامي شبلي مرتضيٰ نوحاڻي فهد چانڊيو علي محمد مڪسي حيات ميراڻي صدر جوڻيجو مظهر خان حبيب الله آمرو اعجاز چانڊيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 23 — آرمي چيف

خوشحالي ۽ هن عظيم ملڪ جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي دفاع لاءِ تيار آهيون ۽ تيار رهنداسين. هاڻوڪي پاڪ ڀارت جنگ پاڪستان عددي طور تي وڏي دشمن خلاف پنهنجي واضح فتح جي ڪري نه رڳو پاڪستاني عوام پر عالمي برادري جو وقار ۽ داد حاصل ڪيو جيڪڏهن ٻيهر جارحيت جي ڪوشش ڪئي وئي ته پاڪستان دشمن جي اميدن کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ سخت جواب ڏيندو دشمن کي ڀرپور فوجي ۽ اقتصادي نقصان پهچائيندو جيڪو ان جي اميدن کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ هوندو افغانستان ۾ موجود پراڪسيون پاڪستان جي اندر ڪٽا حملا ڪرڻ لاءِ افغان سرزمين استعمال ڪن ٿيون. پاڪستان ملٽري اڪيڊمي ۾ پاسنگ آئوٽ پريڊ جو معائنو ڪرڻ منهنجي لاءِ انتهائي اعزاز ۽ فخر جو سبب آهي. پاڪستان جو جهنڊو انشاءالله بلند رهندو ڇاڪاڻ ته ان جي محافظ پاڪستاني قوم آهي جيڪا ڪڏهن به ناڪام نٿي ٿئي. پاڪستان جا چين، آمريڪا ۽ اسلامي ملڪن سان لاڳاپا وڌيڪ مستحڪم ٿيا آهن. پاڪستان ڪشمير تي پنهنجي اصولي موقف تي ثابت قدم آهي. تازي معاهدي کانپوءِ اميد آهي ته فلسطيني پنهنجي وطن ۾ امن سان رهي سگهندا. فيلڊ مارشل سيد عاصم منير (نشان امتياز ملٽري، هلال جرئت) ڪالهه ڪاڪول ڏينهن پاڪستان ملٽري اڪيڊمي جي پاسنگ آئوٽ پريڊ کي خطاب ڪري رهيو هو. فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پنهنجي تاريخي خطاب ۾ چيو ته پاڪستان ملٽري اڪيڊمي جي پاسنگ آئوٽ پريڊ جو معائنو ڪرڻ منهنجي لاءِ انتهائي اعزاز ۽ فخر جوڳو آهي. آذربائيجان، بنگلاديش، عراق، مالديپ، نائيجيريا، نيپال، فلسطين، قطر، سريلنڪا ۽ يمن سان تعلق رکندڙ ڪيڊٽس کي به ان عظيم اداري مان تربيت مڪمل ڪرڻ تي مبارڪون ڏيان ٿو. پاڪستان جي قيام کان هن وقت تائين پاڪستان قوم جي مڪمل حمايت سان وطن عزيز جي سرحدن ۽ اندروني دفاع ۾ ڪا به ڪسر ناهي ڇڏي. فيلڊ مارشل چيو ته هاڻوڪي آپريشن "حق جي وڙهه/ بنيان مرصوص" ۾ پاڪ فوج پنهنجي پيشيورانه مهارت ۽ عزم سان دشمن کي شڪست ڏئي قوم جو اعتماد وڌيڪ مستحڪم ڪيو آهي.

بقايا 24 — وائيٽ هائوس

ڪوششون جاري رکندو. ميڊيا رپورٽن موجب هن چيو آهي ته صدر ٽرمپ امن حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيو آهي ۽ هو يوڪرين روس جي حوالي سان به اهو ئي جذبو رکي ٿو. ڪيرولين ليوٽ وڌيڪ چيو ته وچ اوڀر ۾ هڪ نئين دور جي شروعات ٿي آهي اسان اميد ڪيون ٿا ته اها صورتحال روس ۽ يوڪرين وچ ۾ پڻ ممڪن ٿئي ۽ صدر ٽرمپ ان لاءِ سنجيدگيءَ سان قدم کڻي رهيو آهي. هن چيو ته صدر ٽرمپ 16 آڪٽوبر تي روسي صدر ولاديمير پوتن سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ 17 آڪٽوبر تي يوڪرين جي صدر سان ملاقات دوران واضح ڪيو ته اهو تڪرار ڊگهو ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي آمريڪا جو صبر ختم ٿي رهيو آهي. ان کان اڳ آمريڪي صدر ٽرمپ سوشل ميڊيا پليٽ فارم "ٽروٿ سوشل" تي چيو هو ته هن صدر زيلنسڪي سان تڪرار جي حل لاءِ معاهدو ڪرڻ تي زور ڏنو آهي.

بقايا 25 — شزه فاطمه

اي آءِ هب جي شروعات پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ ڏهاڪن کان جاري ڀائيواري لاڳاپن ۾ هڪ نئين باب جي ولا آهي. ڳراي آءِ هب روزگار جا موقعا پيدا ڪندي، فني تربيت فراهم ڪندي، سيڙپڪاري کي راغب ڪندو ۽ مقامي اسٽارٽ اپس کي عالمي سطح تي پنهنجو دائره ڪار وڌائڻ ۾ مدد فراهم ڪندو.

بقايا 26 — هدايت

۽ ماڊارو ٿئي ۽ ڪراچي فش هاربر تي وڌندڙ ولڏ گهٽجي. وڏي وزير ٻڌايو ته ٻنهي هاربرز جي ڪُل لاڳت تقريباً هڪ ارب 35 ڪروڙ رپيا هوندي ۽ منصوبو ٽن سالن ۾ مڪمل ڪيو ويندو جنهن جي مالي مدد صوبائي ۽ غير ملڪي ذريعن سان ڪئي ويندي. اهي هدايتون وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران لائيواسٽاڪ اينڊ فشريز کاتي جي وزير محمد علي ملڪاڻي ۽ سيڪريٽري فشريز ڊاڪٽر ڪاظم جتوئي سان ملاقات دوران ڏنيون ويون. وڏي وزير چيو ته ڪراچي فش هاربر جيڪو صوبي جو سڀ کان وڏو مڇي مرڪز آهي.

بقايا 27 — ايوارڊز ڏنا

گريجوئيٽ ڪورس جي ڪيڊٽس جي پاسنگ آئوٽ پريڊ منعقد ٿي. آءِ ايس پي آر طرفان جاري پريس رليز مطابق عراق، فلسطين، قطر، مالي، نيپال، مالديپ، سري لنڪا، يمن، بنگلاديش ۽ نائيجيريا سميت ڪيترن ئي دوست ملڪن جا ڪيڊٽس به پاڪستان ملٽري اڪيڊمي مان پاس آئوٽ ٿيا چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير تقريب جو خاص مهمان هو. چيف آف آرمي اسٽاف پريڊ جو معائنو ڪيو ۽ نمايان ڪيڊٽس کي ايوارڊز ڏنا اعزازي شمشير (سورڊ آف آنر) 152 هين پي ايم اي لانگ ڪورس جي سينيئر انڊر آفيسر احمد مجتبيٰ عارف راجپر کي ڏنو ويو. پريزيڊنٽ گولڊ ميڊل بٽالين سينيئر انڊر آفيسر زوهير حسين (152 هين پي ايم اي لانگ ڪورس) کي ڏنو ويو. چيئرمين جوائنٽ چيف آف اسٽاف ڪميٽي اوورسيز گولڊ ميڊل دوست ملڪ جي ڪمپني جونيئر انڊر آفيسر ٽيڪ راج (152 هين پي ايم اي لانگ ڪورس) کي ڏنو ويو. چيف آف آرمي اسٽاف ماڪسمين ميڊل ڪيڊٽ سيد حاشر حسن (152 هين پي ايم اي لانگ ڪورس) کي ڏنو ويو. چيف آف آرمي اسٽاف ڪين ڪورس انڊر آفيسر شاهير علي (37 هين ٽيڪنيڪل گريجوئيٽ ڪورس) کي ڏنو ويو. ڪمانڊنٽ جو اوورسيز ميڊل ڪورس اسپورٽس سارجنٽ موسٽ جنت الماوا (26 هين ڪيڊيٽ ڪورس) کي ڏنو ويو. ڪمانڊنٽ جو ڪينز ڪورس انڊر آفيسر سيد عبدالهادي (71 هين انٽيگريٽڊ ڪورس) ۽ ڪورس انڊر آفيسر هادي فياض کي (26 هين ليڊي ڪيڊٽ ڪورس) کي ڏنا ويا.

بقايا 28 — وزيراعظم

کي تقرير ڪرڻ جو موقعو مليو. خانيوال ۾ تقريب کي خطاب ڪندي شهباز شريف چيو ته پاڪستان کي سفارتي سطح تي جيڪي ڪاميابيون مليون آهن. ان جو ماضي ۾ مثال نٿو ملي پاڪستان جو سعودي عرب سان تاريخي معاهدو ٿيو. جيئن سعودي عرب ۾ منهنجي آجيان ٿي اهڙي اڳ ۾ ڪڏهن ناهي ٿي. هن چيو ته اسان آمريڪا جو دورو ڪيو. آمريڪي صدر سان ملاقات ۾ مان غزا جو معاملو اٿاريو. پاڪستان ان جنگبندي ۾ پنهنجو حصو وڌو ۽ ٽرمپ فرنٽ تان معاملي کي ليڊ ڪيو. کيس ان جو ڪريڊٽ ڏيڻ گهرجي. مسلسل چوڻ هو ته معاشي ميدان ۾ به اسان پاڪستان کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. سپهه سالار به ڀرپور ڪردار نڀائي رهيو آهي. حڪومت سنڀالي ته وڏا چيلينج هئا پر اڄ معيشت اڳتي وڌي رهي آهي. وزيراعظم چيو ته ڀارت سان جنگ ۾ پاڪستان کي تاريخي فتح نصيب ٿي. پاڪ فوج جي دليراڻي ڪارروائين ۽ عوام جي دعائن سان اهو سڀ ممڪن ٿيو. ان جنگ کي فيلڊ مارشل فرنٽ کان ليڊ ڪيو.

بقايا 29 — فلسطيني شهيد

اسرائيلي فوجي ڪنٽرول واري علائقي کي ظاهر ڪري ٿي. برطانوي ميڊيا موجب جنگبندي لاڳو ٿيڻ کان پوءِ هيل تائين اسرائيل 28 ڄڻن کي شهيد ڪري چڪو آهي. حماس آمريڪا ۽ ثالثي ڪندڙن کان مطالبو ڪيو آهي ته اهي اسرائيل تي جنگبندي معاهدي جي احترام لاءِ دٻاءُ وجهن ۽ حملا بند ڪرائين. اهو مطالبو ان وقت سامهون آيو آهي جڏهن ريڊ ڪراس ذريعي هڪ ٻئي اسرائيلي قيدي جو لاش واپس ڪيو ويو. پر اسرائيلي اختيارين جو چوڻ آهي ته حماس کي جنگبندي معاهدي تي عمل ڪرڻ گهرجي ۽ انهن 18 مقتول قيدين جا لاش واپس ڪرڻ گهرجن. جيڪي اڃا تائين غزا ۾ موجود آهن. واضح رهي ته امدادي قافلا اسرائيلي رنڊڪن سبب متاثر ٿي رهيا آهن ۽ فلسطيني اڃا تائين خوراڪ ۽ پاڻي لاءِ پريشان آهن.

بقايا 30 — ملاقات

محمود نظامي ملاقات ڪئي. ڪالهه برٽش آفيس طرفان جاري بيان موجب نائب وزيراعظم برٽش وزارت ۾ ڊي جي (ڏکڻ ايشيا) طور ڪم ڪندڙ اليس محمود نظامي جي خدمتن کي ساراهيو سينيٽر اسحاق ڊار نئين ذميوارين ۾ مسلسل ڪاميابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته هو پاڪستان برطانيه لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ۽ وسيع ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو.

بقايا 31 — وفاقي گهرو وزير

گهرو وزارت ۾ بلٽ پروف گاڏيون خيبرپختونخوا پوليس کي حوالي ڪرڻ جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي گهرو وزير گاڏين جون چاٻيون آءِ جي خيبرپختونخوا پوليس ذوالفقار حميد جي حوالي ڪيون. گهرو وزير محسن نقوي آءِ جي خيبرپختونخوا پوليس سان گڏ گاڏين جو معائنو ڪيو ان موقعي تي گهرو وزير چيو ته خيبرپختونخوا پوليس دهشتگردي خلاف جنگ ۾ هراول دستي جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ڪي پي ڪي پوليس جي آفيسرن ۽ جوانن جي بهادري تي ناز آهي. محسن نقوي چيو ته خيبرپختونخوا پوليس سميت سمورن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ضروري وسيلن جي فراهمي ترجيح آهي.

بقايا 32 — ڀٽ زخمي

ويو ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو. تفصيل موجب فائرنگ جي واقعي ۾ قتل ٿيل ۽ زخمين کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. واقعو سپر هاءِ وي تي جمالي ڳوٺ ۾ نيو غريب آباد قائلري هوٽل جي ويجهو پيش آيو. چيپا ذريعن موجب واقعي کان پوءِ قتل ٿيل ۽ زخمين کي چيپا ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. جتي قتل ٿيل جي سڃاڻپ 55 سالن جي جلات خان ولد محمد شاهه سان ٿي آهي. جڏهن ته زخمي جي سڃاڻپ 22 سال عزت خان ولد جلات خان طور ڪئي وئي آهي. پوليس موجب شروعاتي جاچ ۾ قتل ٿيل ۽ زخمين جي سڃاڻپ پيءُ ۽ پٽ طور ڪئي پئي وڃي. واقعي واري هنڌ تشدد سبب هڪ شخص زخمي پڻ ٿيو. جنهن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب فائرنگ جي واقعي جا سبب ڳولڻ لاءِ جاچ شروع ڪئي وئي آهي. فائرنگ ۾ زخمي ٿيل شخص جي شروعاتي بيان موجب واقعو ڦرلٽ دوران مزاحمت دوران پيش آيو.

بقايا 33 — ڳالهيون

صورتحال ۽ پارٽي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. قمر زمان ڪائرا سنڌ جي وڏي وزير کي پنجاب ۾ پارٽي جي بحالي ۽ تجويز ڪيل مڪاني چونڊن جي تيارين بابت به آگاهه ڪيو. قمر زمان ڪائرا سنڌ جي وڏي وزير سان اڳوڻي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سراج دراني جي وفات تي تعزيت ڪئي. ٻنهي اڳواڻن سراج دراني جي سياسي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو.

بقايا 34 — سعيد غني

اسان جي ڪارڪنن محترمه بينظير ڀٽو کي محفوظ رکيو. جڏهن ته سوين ڪارڪن ان سانحي ۾ شهيد ۽ زخمي ٿيا هئا.

بقايا 35 — گمنام شهيدن

وٺي تقريب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر ايم اين اي خورشيد جوڻيجو، ضلعي جنرل سيڪريٽري ۽ ڪائونسل چيئرمين اعجاز احمد لغاري، ڊويزنل سيڪريٽري عبدالفتاح ڀٽو، آغا علي نواز جلباڻي، منصور سومرو، سيد ارشد راشدي، محمد انور پرڙو، عبدالخالق ڀٽو، توفيق ڀٽو، خالد ڪريم مگريو، زاهد جلباڻي سميت ليبر ونگ، يوٿ ونگ، سپاف ۽ ٻين ذيلي تنظيمن جي عهديدارن شرڪت ڪئي. قرآن خواني ڪان پوءِ "مان ڀٽو آهيان" جي مزارن تي حاضري ڀري. گل رکيا ويا ۽ فاتحه خواني ڪئي وئي. شهيدن جي مغفرت، ملڪ جي سلامتي ۽ استحڪام لاءِ خاص دعا پڻ گهري وئي تقريب جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن لاءِ لنگر ورهايو ويو. قيادت پاران ڪارساز جي شهيدن کي سندن لازوال قربانين تي ڀيٽا پيش ڪئي وئي ۽ کين جمهوريت جا اصل علمبردار قرار ڏنو ويو.

بقايا 36 — عورت قتل

مالڪيءَ تان جهيڙو ٿي پيو. ڦلوجي ڌر جا ماڻهو زمين ۾ ٽريڪٽر ذريعي هر ڪاهي رهيا هئا ته غوث بخش جي ڌر جي ماڻهن مٿن فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عورت ڪريمان زال عبدالستار گناڻي مهر قتل ٿي وئي. عورت جي وارثن عبدالرحيم مهر ۽ ٻين جو چوڻ هو ته غوث بخش جي ڌر جي ماڻهن زمين ۾ هلندڙ ٽريڪٽر کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي فائرنگ ٿي وئي. عورت ڪريمان کي ڪلاشنڪوف جا ٻه ڌڪ هڻي قتل ڪيو ويو. لاش ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ پوليس وارثن حوالي ڪري ڇڏيو ٻئي طرف واقعي بعد ٻنهي ڌرين جا ماڻهو مورچابند ٿي ويا.

بقايا 37 — پارڪ قائم

لطيف ٽائون ۾ قائم پارڪ جو افتتاح ڪيو ويو. افتتاحي تقريب ۾ پيپلز پارٽي مليرجي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر راجا رزاق بلوچ ۽ صوبائي وزير شاهينه شير علي فيتو ڪٽي پارڪ جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي پيپلز پارٽي مليرجي جنرل سيڪريٽري امداد جوکيو، سينيئر نائب صدر عديل اختر شيخ، اطلاعات سيڪريٽري شاهه جهان خان، ڊپٽي سيڪريٽري اطلاعات آغا طارق پٺاڻ، ليبر ونگ جي صدر فاطمه مجيد، ابراهيم حيدري ٽائون جي پارلياماني اڳواڻ سردار اختر يوسف عارفاڻي، پي ايس 85 جي صدر مرتضيٰ يار محمد، جنرل سيڪريٽري رسول خان سوماڻي، اطلاعات سيڪريٽري حل جان مروت، سينيئر اڳواڻ حليم چنڊيو خان، يوسي چيئرمين جاويد ڪاڪو، اقليتي اڳواڻ مکي ابڻا مل، آفتاب ڪرسو، ياسر بلوچ، سهيل رنڌاوا، شاهد جٽ، رستم هنگورو، خدا بخش پلال ۽ علائقي ماسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي پيپلز پارٽي مليرجي صدر راجا رزاق بلوچ چيو ته شاهه لطيف علائقي ۾ نئون پارڪ ٺهڻ جو مقصد علائقي جي رهاڪن، خاندانن ۽ ٻارن لاءِ بهتر تفريحي ماحول مهيا ڪرڻ آهي. شهيد رخسانه بلوچ جي نالي سان پارڪ منسوب ڪرڻ شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جي هڪ علامت آهي. راجا رزاق بلوچ وڌيڪ چيو ته "اسان پنهنجي شهيدن کي ڪڏهن به نٿا وساري سگهون، جو ته انهن پنهنجي جانين محترمه شهيد بينظير ڀٽو تي قربان ڪيون." "شهيد رخسانه بلوچ اسان جي جدوجهد، قرباني ۽ عزم جي علامت آهي. سندس ياد هميشه دلين ۾ زنده رهندي."

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن سانگهڙ

ٽيليفون / فيڪس نمبر: 0235_542496، اِي ميل ائڊريس: phedsanghar@gmail.com

No.TC/875/2025 — Dated: 16-10-2025

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

سنگل اسٽيج ۽ لفافي جو طريقيڪار جي عمل جي تحت مهربند ٽيل ٽينڊر هتي سڀني ٺيڪيدارن / فرمز کان جيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل ۽ مناسب ڪيٽيگري ۾ رجسٽر ٿيل آهن جهڙوڪ: CE-09 ۽ CE-10 ۽ EE-11 فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) ۽ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) الڳ الڳ مهربند ٿيل لفافن ۾ ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل-2019) تحت هيٺين ڪمن جي خريداري لاءِ طلب ڪيا ويا آهن.

سيريل نمبر	تفصيل	ڪٽيل لاڳت ملين رپين ۾	سوٽي رقم 5%	تڪميل جو مدو	ٽينڊر في
	پراونشل اي ڊي 26_2025				
01	شهري واٽر سپلاءِ اسڪيم شهدادپور تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ جي بحالي.	86.000	4.300	24 مهينا	5000
	پائيدار ترقي جا مقصد (ايس ڊي جي) اسڪيمون 2025-26				
02	تعلقي ٽنڊي آدم ضلعي سانگهڙ جي مختلف ڳوٺن ۾ آر او پلانٽس جي فراهمي 08 عدد جهڙوڪ: شمسي توانائي.	65.150	3.258	24 مهينا	5000
03	تعلقي ٽنڊي آدم ضلعي سانگهڙ جي مختلف ڳوٺن ۾ آر او پلانٽس جي فراهمي 06 عدد جهڙوڪ: شمسي توانائي	44.863	2.243	24 مهينا	5000
04	(اي) ڳوٺ سنجر خان جوڻيجو يو سي نمبر 57 ملو ڪوسو تعلقو ٽنڊو آدم لاءِ ڊرينيج اسڪيم جهڙوڪ: سيوريج سسٽم جي بحالي (بي) يو سي نمبر 57 ملو ڪوسو تعلقو ٽنڊو آدم جي مختلف ڳوٺن ۾ سرفيس ڊرينس ۽ پيور بلاڪ جي تعمير (سي) يو سي نمبر 60 ڪمب ڏاڙهون تعلقو ٽنڊو آدم جي مختلف ڳوٺن ۾ سرفيس ڊرينس ۽ پيور بلاڪ جي تعمير (ڊي) يو سي نمبر 54 پيرو فقير شورو تعلقو ٽنڊو آدم جي مختلف ڳوٺن ۾ سرفيس ڊرينس ۽ پيور بلاڪ جي تعمير.	64.131	3.207	24 مهينا	5000
05	ڪپرو کان ميرپورخاص روڊ تعلقي ڪپرو تائين پيور بلاڪن جي تعمير.	47.503	2.375	24 مهينا	5000
06	مختلف ڳوٺن ۽ يوسي تعلقي ڪپرو ۾ سيوريج سي سي ڊرينيج ۽ پيور بلاڪ جي تعمير.	41.740	2.087	24 مهينا	5000
07	ڳوٺ اڪرام الله ۽ يوسي ڪاهي ۾ سرفيس ڊرين جهڙوڪ: سي سي پيور جي تعمير. مختلف ڳوٺن ۽ يوسي تعلقي ڪپرو ۾ سيوريج سي سي ڊرينيج ۽ پيور بلاڪ جي تعمير هيٺ.	53.275	2.664	24 مهينا	5000
08	اين اي 209 تعلقي ڄام نواز علي ۽ ڪپرو ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ حاجي يوسف مري، حاجي ولو مري، محمد خان مگسي، غلام محمد مري ۽ حاجي انور درس ۾ سولر پاور آر او پلانٽ لڳائڻ.	47.505	2.375	24 مهينا	5000
09	سانگهڙ ضلعي سانگهڙ جي اين اي-209 تعلقي سانگهڙ جي ڳوٺ ورڪشاپ شفيع آباد، مرتضيٰ لغاري يو سي بهرام باري، دين محمد سنگراسي ۽ شفيع محمد سهتو يوسي عباس آباد ۾ سولر پاور آر او پلانٽس لڳائڻ.	47.505	2.375	24 مهينا	5000
10	ضلعي سانگهڙ جي تعلقي ڄام نواز علي جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ آر او پلانٽس جي فراهمي، شمسي توانائي سان هلندڙ / پاڻي جي تلاءَ / پاڻي جي فراهمي جي اسڪيمن جي توسيع.	59.383	2.969	24 مهينا	5000
11	تعلقي ڄام نواز علي ضلعي سانگهڙ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن لاءِ آر او پلانٽس جي فراهمي، شمسي توانائي سان هلندڙ 06 عدد / پاڻي جا تلاءَ 03 عدد.	59.383	2.969	24 مهينا	5000
12	شهري پاڻي جي فراهمي اسڪيم لاءِ پڪا اسٽوريج ٽينڪ يعني ٽرنڪ مين پي اي پائيپ 200 ايم ايم جي تعمير اربن واٽر سپلائي اسڪيم پيرائي سٽي لاءِ.	63.370	3.169	24 مهينا	5000
13	چينل، ڪمپائونڊ وال جي مرمت روڊ جي بحالي يعني: ورچ سسٽم شهري پاڻي جي فراهمي اسڪيم لاءِ 6 انچ قطر پيرائي شهر.	56.358	2.818	24 مهينا	5000
14	پيرائي شهر جي شهري پاڻي جي فراهمي اسڪيم لاءِ روڊ جي بحالي، 4 انچ ۽ 3 انچ قطر يعني:ورهائڻ واري نظام جي فراهمي، جوائنٽنگ ۽ ٽيسٽنگ.	72.086	3.604	24 مهينا	5000
15	ڳوٺ گل بيگ شر تعلقي شهدادپور ضلعو سانگهڙ ۾ پاڻي جي فراهمي جي اسڪيم جي تعمير.	43.110	2.156	24 مهينا	5000
16	ڳوٺ نور محمد پٽي سان ڳنڍيل تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ ذريعي ڳوٺ مولا بخش ڏاهري تائين نصرت ڪينال تي پاڻي جي فراهمي جي اسڪيم لاءِ ليئنگ جوائنٽنگ ۽ ٽيسٽنگ پي اِي رائيزنگ مين 6 انچ ڊايا ۽ ڊليوري / ڊسٽريبيوشن سسٽم 6 انچ، 04 انچ ۽ 03 انچ قطر فراهم ڪرڻ.	36.200	1.810	24 مهينا	5000
17	تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ سان ڳنڍيل ڳوٺ نور محمد پٽي ذريعي ڳوٺ مولا بخش ڏاهري کان نصرت ڪينال تائين پاڻي جي فراهمي جي اسڪيم لاءِ اسٽوريج ٽينڪ، ڪمپائونڊ وال، پمپ هائوس، پمپنگ مشينري ۽ سولر انرجي سسٽم جي تعمير.	30.130	1.507	24 مهينا	5000
18	ڊرينيج اسڪيم وارڊ نمبر 13، 14، ۽ 15 ايم سي شهدادپور تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ لاءِ اندروني ڊرين، ٻاهرين ڊرين، پيور بلاڪ آءِ/سي ارٿ فلنگ جي تعمير.	47.880	2.394	24 مهينا	5000
19	ڪليڪٽنگ ٽينڪ، اسڪريننگ چيمبر، پمپ هائوس، اسٽاف ڪوارٽر، ڪمپائونڊ وال، آر سي سي سمپ ويل، سولر انرجي سسٽم جي تعمير ۽ ڊرينيج اسڪيم وارڊ نمبر 13، 14، ۽ 15 ايم سي شهدادپور تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ لاءِ پمپنگ مشينري جي فراهمي ۽ انسٽاليشن.	43.077	2.154	24 مهينا	5000
20	ڊرينيج اسڪيم وارڊ نمبر 13، 14، ۽ 15 ايم سي شهدادپور تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ لاءِ ليئنگ جوائنٽنگ ۽ ٽيسٽنگ پي اي رائيزنگ مين "10 ۽ "12 قطر ۽ پيور بلاڪ فراهم ڪرڻ.	44.661	2.233	24 مهينا	5000
21	ڊرينيج اسڪيم وارڊ نمبر 1، 2، 15 ۽ ميونسپل ڪارپوريشن شهدادپور تعلقو شهدادپور ضلعي سانگهڙ لاءِ آر سي سي سيوريج لائن "9، "12، "15 ۽ "18 قطر مين هول جي تعمير.	37.182	1.859	24 مهينا	5000
22	ڊرينيج اسڪيم 22 وارڊ نمبر 1، 2، 15 ۽ ميونسپل ڪميٽي آف شهدادپور تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ لاءِ اندروني ڊرين، ٻاهرين ڊرين ۽ پيور بلاڪ جهڙوڪ: ارٿ فلنگ جي تعمير.	34.077	1.704	24 مهينا	5000
23	ڳوٺ مصري خان ڏاهري، سرائي محمد زرداري، يارو رند، وارڊ نمبر 01 جاتيا ٽائون ۽ لعل محمد واسو تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ ۾ آر او پلانٽ جي تنصيب.	25.130	1.257	24 مهينا	5000
24	سرفيس ڊرين جي تعمير، ڳوٺ بهادر ڪلوئي ۾ پيور بلاڪ ۽ حاجي محمد نصير جهولڻ ۽ نبي بخش سهتو وٽ اسٽوريج ٽينڪ ۽ ڳوٺ صالح مشوري تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ ۾ پمپنگ اسٽيشن جي پاڻي نيڪال.	28.460	1.423	24 مهينا	5000
25	ڊرينيج اسڪيم وارڊ نمبر 1 ۽ 16 هنگورو روڊ ايم سي شهدادپور تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ لاءِ آر سي سي سيور لائين "9، "12، "15 ۽ "18قطر مين هول جي تعمير.	43.297	2.165	24 مهينا	5000
26	وارڊ نمبر 1 ۽ 16 هنگورو روڊ ايم سي شهدادپور تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ ۾ ڊرينيج اسڪيم لاءِ اندروني ڊرين، ٻاهرين ڊرين، آر سي سي ڪليڪٽنگ ٽينڪ، اسڪريننگ چيمبر، پمپ هائوس، ڪمپائونڊ وال، سولر انرجي سسٽم، سمپ ويل ۽ پمپنگ مشينري جي فراهمي ۽ انسٽاليشن.	33.799	1.690	24 مهينا	5000
27	ڊرينيج اسڪيم وارڊ نمبر 1 ۽ 16 هنگورو روڊ ايم سي شهدادپور تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ لاءِ ليئنگ جوائنٽنگ ۽ ٽيسٽنگ پي اِي رائيزنگ مين 8 انچ ڊايا ۽ پيور بلاڪ جهڙوڪ ارٿ فلنگ فراهم ڪرڻ.	37.150	1.858	24 مهينا	5000
28	لوهاريو شهر يوسي پير ڪيهور تعلقي ۽ ضلعي سانگهڙ لاءِ پان واهه کان فيڊنگ لاءِ نئين واٽر سپلاءِ اسڪيم جي تعمير لاءِ اسٽوريج ٽينڪ، سمپ ويل، هائپو ڪلورينيٽر، سمپ ويل ۽ اسٽوريج ٽينڪ، ڪمپائونڊ وال جي تعمير.	40.992	2.050	24 مهينا	5000
29	لوهاريو شهر يوسي پير ڪيهور تعلقي ۽ ضلعي سانگهڙ لاءِ پان واهه کان فيڊنگ جي نئين پاڻي جي فراهمي اسڪيم جي تعمير لاءِ پمپ هائوس، پمپنگ مشينري جهڙوڪ:سڪشن ڊليوري، سولر سسٽم ٽرنڪ مين ۽ برانچ مين جي تعمير.	49.816	2.491	24 مهينا	5000
30	ڳوٺ مير پپو، سردار قادرداد مري، احمد ناريجو حاجي ڪالو ڪتوهر، نياز پنهيرو ۽ ايس پي محمد رحيم جي اسڪيم تحت سولرائيزڊ آر او پلانٽس جي تعمير، آر او پلانٽس جهڙوڪ سولرائزڊ/ واٽر پانڊز/ واٽر سپلاءِ اسڪيم جي توسيع ضلعي سانگهڙ جي مختلف ڳوٺن جي.	59.369	2.968	24 مهينا	5000
31	تعلقي سنجهورو ضلعي سانگهڙ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن جي آر او پلانٽس جي فراهمي، شمسي توانائي / پاڻي جي تلاءَ / پاڻي جي فراهمي جي اسڪيمن جي توسيع جي اسڪيم تحت، ديوان ولي رام، ڪچي، ڊيٽي ڳوٺ، ديهه 29 جمرائو ديهه 30 جمرائو ۽ ٽي سي جهول ڳوٺن ۾ سولرائيزڊ آر او پلانٽس جي تعمير.	59.369	2.968	24 مهينا	5000
32	مٺرائو ڪينال سانگهڙ کان نئين واٽر ورڪ ۽ پي اِي رائيزنگ مين جي تعمير لاءِ اسٽوريج ٽينڪ، سمپ ويل، هائپوڪلورينيٽر، ايلم چيمبر ۽ ڪمپائونڊ وال جي تعمير.	63.507	2.968	24 مهينا	5000
33	پمپ هائوس جي تعمير، پمپنگ مشينري جي انسٽاليشن جنهن ۾ سولر سسٽم شامل آهي ۽ مٺرائو ڪينال سانگهڙ کان نئين واٽر ورڪ ۽ پي اِي رائيزنگ مين جي تعمير لاءِ برانچ مين ۽ ڊسٽريبيوشن سسٽم "8، "6، "4 ۽ "3 قطر جي فراهمي، لڳائڻ، جوائنٽنگ ۽ ٽيسٽنگ.	36.030	3.175	24 مهينا	5000
34	مٺرائو ڪينال سانگهڙ کان نئين واٽر ورڪ ۽ پي اِي رائيزنگ مين جي تعمير لاءِ پي اِي پائيپ ٽرنڪ مين 10 انچ قطر فراهم ڪرڻ، لڳائڻ، جوڙڻ ۽ جانچ ڪرڻ.	82.342	4.117	24 مهينا	5000
35	يوسي جي تعلقي ڪپرو ۽ تعلقي سانگهڙ جي مختلف ڳوٺن ۾ پاڻي جي ٽانڪي جي تعمير.	47.500	2.375	24 مهينا	5000
36	تعلقي سانگهڙ جي مختلف ڳوٺن ۽ يوسي ۾ سيوريج سي سي ڊرينيج ۽ پيور بلاڪ جي تعمير	47.504	2.375	24 مهينا	5000
37	يوسي جي تعلقي ڪپرو جي مختلف ڳوٺن ۾ آر او پلانٽ جي تعمير.	47.500	2.375	24 مهينا	5000

لازمي گهرجون:

1. مٿي بيان ڪيل ڪمن لاءِ خالي ٽينڊر فارم اشاعت جي تاريخ کان وٺي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ (DEV) ڊويزن سانگهڙ جي آفيس مان ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن تي 17-11-2025 تائين شام 05:00 وڳي تائين حاصل ڪري سگهجن ٿا. ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن سانگهڙ جي حق ۾ ڪال ڊپازٽ / بينڪ پي آرڊر (ناقابل واپسي) ۾ مقرر ڪيل ٽينڊر فيس جي ادائيگي جي تحريري درخواست جمع ڪرائڻ تي.
2. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل تي مشتمل ٽينڊر الڳ الڳ مهربند ٿيل لفافن ۾ جمع ڪرائڻ گهرجن جن تي "ٽيڪنيڪل پروپوزل" ۽ "فنانشل پروپوزل" جي واضح نشان لڳل هجي ۽ 18-11-2025 تي صبح 10:00 وڳي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن سانگهڙ جي آفيس ۾ واپس وصول ڪيا ويندا. حصو وٺندڙ فرمن جي ٽيڪنيڪل پروپوزل کي ساڳئي ڏينهن صبح 10:30 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران حصو وٺندڙ ٺيڪيدارن/فرمن يا انهن جي مجاز نمائندن جي موجودگي ۾ کوليو ويندو.
3. فرمن جي ٽيڪنيڪل قابليت لاءِ ٽيڪنيڪل پروپوزل جو جائزو ورتو ويندو. ٽيڪنيڪل طور تي قابليت رکندڙ فرمن جا مالي واڪ / پروپوزل کوليا ويندا ۽ عوامي طور تي ان تاريخ ۽ وقت تي اعلان ڪيو ويندو جيڪي سڀني قابليت رکندڙ ٺيڪيدارن / فرمن کي اڳواٽ لکت ۾ هدايو ويندو. ٽيڪنيڪل طور تي غير قابليت رکندڙ ٺيڪيدارن جا فنانشل واڪ/ پروپوزل انهن کي بغير کولڻ جي واپس ڪيا ويندا.
4. ٽينڊر احتياط سان ۽ صاف سٿري نموني تي ڀريو ويندو ۽ واڪ ڏيندڙن پاران صحيح ڪيا ويندا. هر واڪ سان گڏ هر واڪ جي مقابلي ۾ بيان ڪيل واڪ سيڪيورٽي سان گڏ هجڻ گهرجي جيئن ڪال ڊپازٽ / پي آرڊر / بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن سانگهڙ جي حق ۾ واڪ سيڪيورٽي ٽيڪنيڪل پروپوزل سان گڏ جمع ڪرائي ويندي. نامڪمل ٽينڊر، اوور رائيٽن يا مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو.
5. جمع ڪرائڻ / کولڻ جي تاريخ ۽ وقت تي يا جيڪڏهن حڪومت موڪل جو اعلان ڪري ٿي ته ٽينڊر ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ جڳهه تي جمع ڪرايا / کوليا ويندا.
6. جيڪڏهن ٽينڊر منسوخ / رد ڪيا وڃن يا جواب نه ڏنو وڃي ته، جاري ڪرڻ جي ايندڙ تاريخ 15-12-2025 تي شام جو 5:00 وڳي تائين ۽ واپس وصول ڪرڻ جي تاريخ 16-12-2025 تي صبح 10:00 تائين ۽ پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران ساڳئي تاريخ تي صبح 10:30 وڳي کوليا ويندا.

(اهليت/قابليت جو معيار):

7. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ ڊسيپلين (CE-09) ، (CE-10) ، (EE-11) ۾ ڪارگر رجسٽريشن، سواءِ 4.00 ملين رپين تائين جي ڪمن جي.
8. واڪ ڏيندڙ کي انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (اين ٽي اين ڪاپي)، سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي ڪاپي) ۽ مالڪ/پروپرائيٽر جي سي اين آءِ سي سان فعال رجسٽريشن فراهم ڪرڻي پوندي.
9. واڪ ڏيندڙن لاءِ هدايتون، واڪ جي تاريخ، معاهدي جون شرطون SBD ۾ ذڪر ڪيل معاهدي جي تاريخ لاڳو آهي.
10. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۾ ڪمپني جي پروفائل هيٺ ڏنل معلومات شامل هجڻ گهرجي:
   - a. گذريل 05 سالن دوران ساڳئي نوعيت جي ڪمن ۾ تجربو
   - i) گهٽ ۾ گهٽ ساڳئي نوعيت جي ڪم تي جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ ڪٽيل قيمت جو 80% هجي.
   - ii) گهٽ ۾ گهٽ ٻه ساڳي نوعيت جا ڪم جن مان هر هڪ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت اندازي مطابق قيمت جو 50% هجي.
   - b. واڪ ڏيندڙ کي گذريل 03 سالن جا انڪم ٽيڪس ريٽرن جمع ڪرائڻا پوندا.
   - c. مٿي ذڪر ڪيل ڪمن سان لاڳاپيل موجود سامان/مشينري جا تفصيل.
   - d. ٽيڪنيڪل پرسنلز (انجنيئرز) ۽ اهم سائيٽ مئنيجمينٽ اسٽاف (ليبرز) جي قابليت ۽ تجربو
   - e. واڪ ڏيندڙ کي گذريل 03 سالن جو سالياني ٽرن اوور سرٽيفڪيٽ جمع ڪرائڻو پوندو. جيڪو لاڳو ٿيل ڪم جي قيمت جي برابر ٽرن اوور ڏيکاريندو.
   - f. گذريل 03 سالن جي آڊٽ رپورٽ.
   - g. واڪ ڏيندڙ کي هڪ ڪارگر ۽ فعال انڪم ٽيڪس رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ، گذريل 03 سالن جا انڪم ٽيڪس ريٽرن ۽ هڪ ڪارگر سنڌ روينيو بورڊ سرٽيفڪيٽ فراهم ڪرڻو پوندو.
   - h. 500 رپين جو حلف نامو اِي-اسٽامپ پيپر جن ۾ ڏوهن جي سرگرمين ۾ عدم شموليت، عدالتي ڪارروائي، فيصلا ۽ تصديق ته فرم بليڪ لسٽ نه ڪئي وئي آهي ۽ سمورا پيش ڪيل دستاويز صحيح ۽ درست آهن. جيڪڏهن ڪا به معلومات غلط / گمراهه ڪندڙ ملي ٿي ته پروڪيورنگ ايجنسي کي واڪ رد ڪرڻ جو حق موجود آهي.
11. مجاز اٿارٽي SPPRA رولز 2010 (تاريخ ۾ ترميم ٿيل) جي مطابق ڪنهن به يا سڀني درخواستن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
12. سمورن ٽينڊرن جي عمل دوران پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي چيئرمين جي ڪمري ۾ موبائل فون رکڻ جي اجازت نه هوندي.
13. مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا .

ايگزيڪيوٽو انجنيئر (DEV)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن، سانگهڙ

INF-KRY.NO.3332/2025

iWORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 19 آڪٽوبر 2025ع

افغانين کي ڏيهه نيڪالي جو معاملو ۽ سياستڪاري

فريد احمد

پارت جي هُشيءَ تي افغان حڪومت طرفان پاڪستان تي ڪيل حملن ۽ پوءِ منٿن ميڙن سان حاصل ڪيل جنگبنديءَ جا پاڪستان جي اندروني سياسي ۽ انتظامي صورتحال تي اثر پئجي رهيا آهن. ڪي پي حڪومت ان معاملي کي نه رڳو پنهنجي روايتي مقصدن پر سياسي مفادن لاءِ ڪتب آڻڻ تي سندرو ٻڌي ويٺي آهي، جنهن ڪري صوبي ۽ وفاق ۾ معاملا وڌيڪ ڳنڀير ٿي رهيا آهن. ايتري قدر جو پاڪ- افغان جنگ ختم به ٿي وڃي، جنهن لاءِ قطر ۾ ڳالهيون شروع ٿي رهيون آهن، پر ملڪ اندر سياسي جنگ ختم ٿيڻ جو نالو وٺندي نظر نٿي اچي.

پاڪستان ۽ افغانستان ۾ ٻن ڏينهن واري جنگ ختم ٿيڻ بعد ڪالهه کان اڄ تائين وڌيڪ ٻن ڏينهن جي جنگبندي جاري آهي ۽ ان ئي دوران ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڳالهين ذريعي مسئلو حل ڪرڻ جون خبرون اچي رهيون آهن. ٻئي پاسي افغانستان سان جاري چڪرين ۽ خيبرپختونخوا ۾ ڪالعدم ٽي ٽي پي خلاف ڪاررواين جي معاملي تي وفاقي حڪومت ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪي پي صوبائي حڪومت وچ ۾ به واضح اختلاف پيدا ٿي چڪا آهن. جتي ٽي ڏينهن اڳ سهيل آفريديءَ نئين وڏي وزير طور پنهنجي عهدي جو قسم کنيو هو. اهو ئي سهيل آفريدي جنهن تي وفاقي وزيرن دهشتگردن جي سهولتڪاريءَ جو الزام هڻندي چيو هو ته اهڙي شخص کي وڏو وزير ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ هر ڪوشش ڪئي ويندي جنهن بعد کي پي گورنر پڻ علي امين گنڊاپور جي استعيفيٰ به رد ڪري ڇڏي هئي. پر پوءِ پشاور هاءِ ڪورٽ جي حڪم بعد سهيل آفريدي آسانيءَ سان اسيمبليءَ مان ووٽ وٺي وڏو وزير ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اهم ڳالهه اها آهي ته ان بعد (جمعي ڏينهن) اسلام آباد ۾ وزير اعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ گلگت- بلتستان جي وڏن وزيرن سميت وفاقي وزيرن ۽ آزاد ڪشمير جي وزيراعظم شرڪت ڪئي. آرمي چيف عاصم منير به ان اهم اجلاس ۾ شريڪ ٿيو. پر شرڪت نه ڪئي ته ڪي پي وڏي وزير سهيل آفريديءَ نه ڪئي، جيڪو ان وقت اسلام آباد ۾ موجود پڻ هيو.

انهيءَ اجلاس بابت وزيراعظم آفيس مان جاري ٿيل بيان مطابق افغان پناهگيرن جي واپسي، ڪٽڪ جي رسد سميت ٻوڏ سبب ٿيل نقصانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وزير اعظم اجلاس کي خطاب ڪندي افغانستان جي سرزمين تان پاڪستان تي ٿيندڙ حملن ۽ انهن ۾ افغاني ملوث هئڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته "نائب وزير اعظم، بچاءَ وارو وزير ۽ ٻيا اعليٰ عملدار ڪيترائي ڀيرا افغانستان جي دوري تي ويا ۽ افغان حڪومت کي سنڌن زمين تان پاڪستان خلاف حملا ۽ دهشتگردن جي داخلا روڪڻ لاءِ به چيو پر حڪومت ڪيستائين افغان پناهگيرن جو بار کڻندي؟" اجلاس جي پڌرائيءَ مطابق اجلاس کي ٻڌايو ويو ته پاڪستان ۾ غيرقانوني طور موجود افغانين کي پناهه ڏيڻ ۽ سرڪاري ٻنگلن ۾ ترسائڻ جي اجازت قانوني طور ڏوهه آهي. عوام کي پاڻ سان گڏ پاڪستان ۾ موجود افغان پناهگيرن کي سنڌن ڏيهه ڏکيو ويندو ۽ کين به ڪي پي حڪومتي پاليسين جي پيڪڙيءَ ڪندي افغانين کي پناهه ڏيڻ جي ڇوٽ نه ڏني ويندي. اجلاس ۾ پڇائيءَ تي فيصلو ڪيو ويو ته فورم ۾ پيش ڪيل سمورين سفارشن تي سختيءَ سان عمل ڪيو ويندو. وزير اعظم افغان پناهگيرن جي ڏيهه واپسيءَ لاءِ صوبن کي مڪمل سهڪار لاءِ به چيو. اهم ڳالهه ته وزير اعظم اجلاس ۾ خيبرپختونخواهه جي نئين وڏي وزير جو ذڪر ڪندي چيو ته "مون ڪالهه سهيل آفريديءَ سان فون تي ڳالهايو. کيس مبارڪون ڏنيون ۽ وفاق طرفان هر قسم جي سهڪار جي خاطري ڪرائي هئي." جڏهن ته سهيل آفريديءَ هڪ ڏينهن اڳ دعويٰ ڪئي هئي ته "مون وزير اعظم شهباز شريف کي چيو هو ته مون کي عمران خان سان ملڻ ڏنو وڃي، جنهن تي وزير اعظم چيو هو ته مان پڇي پوءِ ٻڌائيندو، سانوَ پر اڄان تائين هن ڪا به ورندي ناهي ڏني." ان بعد سهيل آفريدي خميس ڏهاڙي پارٽي جي باني عمران خان سان ملڻ لاءِ اڊيالا جيل به ويو هو. پر کيس بنا ملاقات جي واپس موٽڻو پيو جنهن بعد هن احتجاج طور وزيراعظم جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ شرڪت نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو جنهن ڪري سنڌس نمائندگي نائب واري اڳوڻي وزير مزمل اسلم ڪئي. جنهن وٽ هن وقت ڪو به سياسي يا حڪومتي عهدو ناهي. سهيل آفريدي سوشل ميڊيا تي پنهنجي بيان ۾ چيو ته "مون اڄ زراعت ۽ افغان پناهگيرن بابت وفاقي حڪومت جي گڏجاڻيءَ ۾ ذاتي طور تي شرڪت کان ان ڪري معذرت ڪئي جو خيبرپختونخواهه جي عوام عمران خان کي ووٽ ڏنو ۽ مينڊيٽ ڏنو آهي. جيستائين آئون عمران خان سان ملي پاليسيءَ بابت رهنمائي نه وٺندس، تيستائين ڪنهن به اهڙي گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت صوبي جي عوام طرفان ڏنل مينڊيٽ جي توهين هوندي. اميد ڪريان ته وفاقي حڪومت جلد کان جلد ان مسئلي جي حل ڪندي ۽ لاڳاپيل اختيارين کي هدايتون جاري ڪندي ته جيئن منهنجون پنهنجي ليڊر سان باقاعدگيءَ سان ملاقاتن جو بندوبست ڪيو وڃي."

ان کانسواءِ ڪي پي سرڪار گذريل ڏينهن سهيل آفريديءَ جي باني پي ٽي آءِ سان ملاقات لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جو به در کڙڪايو آهي. ڪي پي وڏي وزير سهيل آفريديءَ پاڪستان جي چيف جسٽس يحيٰ آفريديءَ کي خط لکيو آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ باني سان ملاقات لاءِ اڊيالا جيل عملدارن کي هدايتون ڏنيون وڃن. صوبي جو چونڊيل وڏو وزير ۽ ساڍا چار ڪروڙ عوام جو نمائندو آهيان. آئيني ۽ اخلاقي ذميواري آهي ته پنهنجي جماعت جي باني کان هدايت وٺان." ٻئي پاسي ايڊيوڪيٽ جنرل ڪي پي پي باني پي ٽي آءِ سان وڏي وزير سهيل آفريديءَ جي ملاقات لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي آهي.

بهرحال باني پي ٽي آءِ سان ملاقات ڪيترو اهم آهي، اهو هر ڪو ڄاڻي ٿو پر افغانين کي ڏيهه نيڪالي ڏيڻ سڀ کان وڌيڪ اهم آهي ڇو ته پنهنجي حڪومت ان معاملي تي وفاق سان سهڪار ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي. جنهن کان ٻاهر باني پي ٽي آءِ سان ملاقات جو ڪيو وڃي ٿو جنهن کي ملڪ جو هر ساڃهه وند سمجهي رهيو آهي ته افغانين جو معاملو منشيات جي اسمگلنگ ۽ جعلي ووٽن جا مزا ماڻيندڙ ڪڏهن به حل نه ٿيڻ ڏيندا. ايتري قدر جو وفاقي حڪومت ۾ ويٺل ڪجهه ڪردار به ان ٻرندڙ معاملي تي پاڻيءَ جا ڇنڊا وجهڻ جي ڪم ڪري رهيا آهن. ساڳي قسم جي ويڙهه سنڌ سان پڻ آهي. جتي حڪومتي مشينريءَ کان افغاني ڳوليا نٿا لڀن.





دڙو کان ڪوٽ عالمون، رانتا ويندڙ روڊ زبون حاليءَ جو شڪار، سالن کان مرمت نه ٿي

گذريل 2010 ۾ آيل مهاٻوڏ بعد روڊن جي ڪابه مرمت نه ٿي، رهواسي آمد رفت واري سهولت کان محروم

دڙو ڪوٽ عالمون روڊ جي رستي ۾ ايندڙ 25 کان وڌيڪ مختلف برج موريون هنڌان هنڌان ٽٽل، کڏا پئجي ويا

روڊ زبون هئڻ سبب ٽرالن جي واقعن سميت روڊ حادثا ٿيڻ روز جو معمول بڻيل آهن، مرمت ڪرائي سهولت ڏني وڃي: رهواسي

دڙو (رپورٽ: اعجاز اختر ميمڻ) دڙو کان ڪوٽ عالمون رانتا ويندڙ روڊ زبون حاليءَ جو شڪار، هزارين رهواسي سخت مشڪلاتن ۾ ڦاٿل. گذريل 2010 ۾ آيل مهاٻوڏ بعد روڊن جي ڪابه مرمت نه ٿي، رهواسي آمد رفت واري سهولت کان محروم. عوام طرفان روڊ نه تعمير نه ٿيڻ خلاف احتجاج، سنڌ حڪومت چونڊيل نمائندن توڙي ضلع انتظاميا کان فوري طور تي روڊ تعمير ڪرائڻ جو مطالبو. تفصيل موجب دڙي کان آمري وايا ڪوٽ عالمون ۽ رانتا روڊ مڪمل طور تي زبون حاليءَ جو شڪار آهي، جنهن سبب هتان جا رهندڙ هزارين رهواسي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لڳا آهن. جڏهن ته دڙي ڪوٽ عالمون روڊ جي رستي ۾ ايندڙ 25 کان وڌيڪ مختلف برج موريون هنڌان هنڌان ٽٽل ۽ ان ۾ وڏا کڏا پئجي ويا آهن روڊ تعمير نه ٿيڻ ڪري ڪوٽ عالمون رانتا ۽ ڀرپاسي جا سوين رهواسي عذاب واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. ان سلسلي ۾ ڪوٽ عالم ۽ رانتا جي رهواسين بچو شورو اسلم پليجو محمد حسن جاکرو عاشق رانتو آصف قريشي شاهجان ميمڻ ۽ ٻين روڊ تعمير نه ٿيڻ خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو ته گذريل مهاٻوڏ سبب تباهه ٿيل ڪوٽ عالمون رانتا روڊ جي تعمير نه ٿيڻ سبب هزارين ماڻهو سخت پريشان آهن. هنن چيو ته روڊ تان عام ٽريفڪ ته ڪافي وقت اڳ بند ٿي وئي آهي پر هتان جا رهندڙ ڳوٺاڻا ايمرجنسي توڙي عورتن جي ڊليوري ٿيڻ دوران سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن وڌيڪ چيو ته روڊ زبون هئڻ سبب ٽرالن جي واقعن سميت روڊ حادثا ٿيڻ روز جو معمول بڻيل آهن. هنن سنڌ حڪومت، سجاول ضلعي جي چونڊيل نمائندن ۽ روڊس کاتي جي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي ڪوٽ عالمون رانتا روڊ جي تعمير ڪرائي عوام کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

دڙو: ڪوٽ عالمون دڙو روڊ زبون حاليءَ جو شڪار عوام سخت مشڪلاتن ۾ آيل

سڪرنڊ ۾ ڪارساز سانحي جي ٻن شهيدن جي ورسي تقريب

چادر چاڙهي گلن نڇاور ڪري فاتحه خواني بعد لنگر جي ورهاست ڪئي وئي

شهيد الهه ڏنو زرداري ۽ شهيد ذوهيب جمالي پيپلزپارٽي جا هيرو آهن: اڳواڻ

سڪرنڊ (ن ع) ڪارساز سانحي ۾ سڪرنڊ جي ٻن شهيد نوجوانن جي شهادت تي کين ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر ۽ نظرياتي ورڪرن جو قافلو حاجي علي نواز چانڊيو ۽ غلام شاهه لغاري جي اڳواڻيءَ ۾ شهيد الهه ڏنو زرداري ۽ شهيد ذوهيب جمالي جي قبرن تي پهتو جتي چادر چاڙهي گلن نڇاور ڪري فاتحه خواني بعد لنگر جي ورهاست ڪئي وئي. ان موقعي تي معين اڳواڻن ڪانسواءِ وريام خان پاهي، علي گل جلباڻي، مراد علي ملاح ۽ امام الدين جلباڻي الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته پيپلز پارٽي جو نالو شهيدن جي پارٽي آهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کان وٺي شهيد الهه ڏنو زرداري ۽ شهيد ذوهيب جمالي تائين جي تاريخ هزارين شهيدن سان ڀريل آهي هنن وڌيڪ چيو ته شهيدن جون قربانيون الڳ الڳ مقصدن خاطر ٿيون ۽ شهيد الهه ڏنو زرداري ۽ شهيد ذوهيب جمالي جي شهادت شهيد راڻيءَ جي آجيان لاءِ سندس ڏکي جلاوطني ختم ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ ڪيس پليڪار ڪرڻ لاءِ سڪرنڊ کان ڪراچي پهتا جتي ظالمن ڪارساز سانحو ڪري سوين جيالا شهيد ڪيا هنن اهو به چيو ته سلام آهي شهيد راڻيءَ کي جيڪا ڌماڪو ٿيڻ ۽ ڌڪ ملڻ باوجود سڄي رات ڪارساز سانحي ۾ زخمي ٿيندڙن وٽ اسپتال ۽ گهرن ۾ وڃي عيادت ڪئي اڄ افسوس جو شهيد راڻي جي وڇوڙي سبب پيلز پارٽي ۾ وڏو خلا پيدا ٿي چڪو آهي ان موقعي تي فياض علي شاهه، راڻو خان جلباڻي، علي نواز پرهياڙ، عبدالجبار چانڊيو، عامر علي چانڊيو، ممتاز لاشاري، قمرالدين جمالي ۽ عبدالستار ڀٽو سميت ڪئي ورڪر موجود هئا

سڪرنڊ: ڪارساز سانحي جي شهيدن جي مزار تي دعا گهري پئي وڃي

افغاني پناهگيرن کي نيڪالي ڏيو: دولتپورصفن ۾ مظاهرو

جسقم شهيد بشير خان قريشي گروپ جي ڪارڪنن مظاهرو ڪيو

علائقي جي فيڪٽرين ۾ ٻن افغاني پناهن جي هئڻ جي ڄاڻ ملي آهي: مظاهرين

دولتپورصفن (ن ع) سڄي سنڌ ۾ افغاني پناهگيرن کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ احتجاج جو سلسلو شروع ٿي ويو حڪومت سنڌ افغانستان مان آيل پناهن کي ملڪ نيڪالي ڏيڻ بجاءِ انهن کي مهمان طور ترسايو پيو وڃي اهو سلسلو بند ڪيو وڃي ۽ سڄي سنڌ جي شهرن ڳوٺن ۾ فيڪٽرين ۾ ڪم ڪندڙ افغاني پناهن کي فوري طور ملڪ مان ڪيڍي ملڪ ۾ امن امان قائم ڪيو وڃي اهڙو اظهار جسقم شهيد بشير خان قريشي گروپ جي اڳواڻن نيشنل پريس ڪلب دولت پور پهچي احتجاجي مظاهرو ڪندي ڪيو ان جو موقعي تي جسقم شهيد بشير خان قريشيءَ جي مرڪزي اڳواڻن نظير ڏاهري ڪامريڊ عبد رشيد اوٺو دولتپور يونٽ جي صدر مختيار اتڙ جنرل سيڪريٽري محمد علي پلي نياز حسين اتڙ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ڪورٽ روڊ کان نيشنل پريس ڪلب تائين احتجاج جي ريلي ڪيئي ڳو افغاني ڳو جا زوردار نعرا هنيا ان موقعي تي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته دولتپور علي آباد ڪريم آباد قاضي احمد ۽ آسپاس جي علائقن ۾ تمام گهڻو تعداد افغاني پناهن جو وڌڻ شروع ٿي ويو آهي جڏهن ته علائقي جي فيڪٽرين ۾ ٻن افغاني پناهن جي هئڻ جي ڄاڻ ملي آهي ان خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي هنن وڌيڪ چيو ويو ڪجهه شهر جا ماڻهو پئسن عيوض انهن کي پناهه ڏين پيا اسان ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ايس ايڇ او دولتپور ڊي ايس پي دولتپور ۽ وس وارن کي اپيل ڪيون ٿا ته افغاني کي پنهنجي وطن افغانستان موڪليو وڃي نه ته ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

دولتپورصفن: جسقم شهيد بشير خان قريشي گروپ جي ڪارڪن پاران مظاهرو ڪيو پيو وڃي

مٽياري ۾ سي آءِ اي انچارج جي ڪامياب ڪارروائي

اشتهاري ڌوهاري فاروق ڳهيلو ۽ ڪاشف ڏاهري کي گرفتار ڪري ورتو

ڌوهاري فاروق ڳهيلو وٽان 7 موٽرسائيڪلون ۽ هڪ عدد پسٽل هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

مٽياري (د ر) ايس ايس پي مٽياري راءِو پاران ڌوهاري فاروق ڳهيلو وٽان 7

مٽياري ضلعي ۾ ڪورونا اسٽاف جون خدمتون ختم، ڊي ايڇ او جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

ضلعي ۾ ڪورونا ويڪسي نيشن سينٽرن (CVC) جي اسٽاف جون خدمتون 30 جون 2025 کان ختم

ڊيٽا انٽري آپريٽرز، نرسنگ شاگرد، ڪميونٽي ورڪرز ۽ جنرل پبلڪ وولنٽيئرز تي مقرر عملو نوڪرين تان فارغ

ايڇ ڪيو مٽياري، ٽي ايڇ ڪيو هالا، ٽي ايڇ ڪيو سعيدآباد، ۽ ٻين بي ايڇ يو ۽ آر ايڇ سي سينٽرن تي ڪم ڪندڙ ملازم شامل

مٽياري (د ر) ضلع مٽياري جي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر پاران حڪم نامو جاري ڪيو ويو آهي، جنهن تحت ضلع جي مختلف صحت مرڪزن تي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ڪورونا ويڪسي نيشن سينٽرن (CVC) جي اسٽاف جون خدمتون 30 جون 2025 کان ختم ڪري ڇڏيون ويون آهن. حڪم نامي موجب، سنڌ حڪومت جي هدايتن تي عمل ڪندي، اهي سڀ ملازم جيڪي ڪورونا مهم دوران خدمتون مهيا ڪري رهيا هئا، يعني ڊيٽا انٽري آپريٽر، نرسنگ شاگرد، ڪميونٽي ورڪرز ۽ جنرل پبلڪ وولنٽيئرز انهن کي مقرر ٿيل 600 رپيا في ڏينهن اجرت تي ڪم ڪرڻ کان فارغ ڪيو ويو آهي. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر مٽياري جي آفيس آرڊر مطابق، 74 ماڻهن جي فهرست جاري ڪئي وئي آهي جن ۾ ضلعي جي مختلف صحت مرڪزن جهڙوڪ ڊي ايڇ ڪيو مٽياري، ٽي ايڇ ڪيو هالا، ٽي ايڇ ڪيو سعيدآباد، ۽ ٻين بي ايڇ يو ۽ آر ايڇ سي سينٽرن تي ڪم ڪندڙ ملازم شامل آهن. ڊي ايڇ او مٽياري لاڳاپيل ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽس کي هدايت ڪئي آهي ته هو 30 جون 2025 جي منجهند کان مٿي ڄاڻايل اسٽاف کي سندن ڊيوٽيز تان فارغ ڪن. نوٽيفڪيشن جون ڪاپيون صحت کاتي سنڌ، ڊائريڪٽوريٽ جنرل هيلٿ سروسز سنڌ، ڊائريڪٽر هيلٿ حيدرآباد ڊويزن ڊي سي مٽياري ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن ڏانهن موڪليون ويون آهن.

ڪارساز سانحي جي شهيدن لازوال قربانيون ڏنيون: واجد خان چانڊيو

پ پ جي ڪارڪنن هميشه آمريت خلاف ويڙهه ڪئي آهي: دريا خان مستوئي

شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا: اعتبار خان چانڊيو/ قربان علي سومرو

شهدادڪوٽ (د ر) پ پ پ تعلقه شهدادڪوٽ جي جنرل سيڪريٽري رئيس واجد علي خان چانڊيو، نائب صدر مير دريا خان مستوئي، يونين ڪائونسل اعتبار خان چانڊيو جي چيئرمين رئيس عبدالخالق خان چانڊيو سٽي شهدادڪوٽ جي جنرل سيڪريٽري سرائي قربان علي سومرو چيو آهي ته ڪارساز سانحي جي شهيدن لازوال قربانيون ڏنيون آهن جن پنهنجي قائد شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي جان بچائڻ لاءِ پنهنجي جان جي قرباني پيش ڪري پاڻ ملهايو جنهن ڪري ملڪ ۾ جمهوريت بحال ٿي ۽ آمر مشرف کي ڀڄڻو پيو هنن چيو ته پ پ پ جي ڪارڪنن هميشه آمريت خلاف ويڙهه ڪئي ۽ وقت جي آمرن سان مهاڏو اٽڪايو هنن چيو ته پ پ پ قرباني جو نالو آهي ۽ پ پ پ جي بهادر ڪارڪنن جمهوريت جي بحالي ملڪ جي استحڪام ۽ ترقي لاءِ هميشه پاڻ پتوڙيو آهي اسين اڄ ڪار ساز جي شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا

شهدادڪوٽ پ پ اڳواڻ صحافين سان ڳالهائيندي

مورو پرسان ڳوٺ نئون ڪڇيرو لڳ لالو ماڇي جي رهواسي جو احتجاج

مورو (ن ع) مورو پرسان ڳوٺ نئون ڪڇيرو لڳ لالو ماڇي جو رهواسين نوجوان رانجهو پٽ پلهڙنو لغاري مورو پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته ڪجهه سال اڳ منهنجو والد صاحب فوت ٿي ويو ان وقت مان چار سال جو هئس منهنجن چاچن واحد بخش ۽ رحم علي لغاري لالچ ۾ اچي منهنجي والده کي گهران زوري نيڪالي ڏني جيڪا دربدري واري زندگي بسر ڪري رهي آهي هاڻي وري مون جا وڏيري ٿي ويا منهنجي والد جي ملڪيت ڦٻائڻ چاهين ٿا مون تي ڪوڙي الزام هڻي مون کي موتمار ڌمڪيون ڏين پيا مونکي پڻ گهر مان نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي جنهن ڪري مان پڻ پريشان آهي منهنجي جا چاچا مون کي ذهني مريض ڄاڻي ملڪيت ڦٻائڻ جا منصوبا جوڙي رهيا مان بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهيان هن مطالبو ڪيو ته منهنجي والد جي ملڪيت چاچن کان ڏياري مون سان انصاف ڪيو وڃي چاچن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

مورو: ڳوٺ نئون ڪڇيرو لڳ لالو ماڇي جي رهواسي جو احتجاج ڪندي

هالا جي ڳوٺ شاهه محمد ڏاهري جي رهواسين جو احتجاج

پوليس اهلڪار جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب تي احتجاج ڪيو ويو

ساجد ڏاهري پوليس وردي جو ناجائز استعمال ڪندي ڪوڙا ڪيس ڪري رهيو آهي: مظاهرين

هالا (ٽ ر) هالا جي ڳوٺ شاهه محمد ڏاهري جي رهواسي ڳوٺاڻن پاران پوليس اهلڪار جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب تي احتجاج ڪيو ويو ڳوٺاڻن غلام حسين ڏاهري محرم علي ڏاهري ۽ مسمات مختيار خاتون زال غلام حسين پريس ڪلب تي صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته پوليس اهلڪار ساجد ڏاهري گهر جي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ جي لاءِ جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته ساجد ڏاهري پوليس وردي جو ناجائز استعمال ڪندي اسان جي مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي رهيو آهي ۽ گهران نڪرون ٿا ته هٿيارن جي زور تي تشدد ڪري موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هنن چيو ته پوليس اهلڪار جي شڪايت هالا پوليس توڙي علائقي جي معززين کي ڏيڻ باوجود اڃا تائين ڪوبه تدارڪ ناهي ٿي سگهيو هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي مٽياري ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته پوليس جي وردي جو ناجائز استعمال ڪندڙ پوليس اهلڪار ساجد ڏاهري کي معطل ڪري ڪيس سخت سزا ڏني وڃي

دادلغاري ۾ ايڇ بي ايل زرعي سروسز طرفان آگاهي پروگرام

آبادگارن کي سهولت ڏيڻ لاءِ چانورن جي ڪٽائي جون مشينون آنديون ويون

اسانکي گهرجي ته اسان ايگريڪلچر کي هٿي وٺرايون: عبدالباري خان پتافي

دادلغاري (ن ع) دادلغاري ۾ ايڇ بي ايل زرعي سروسز طرفان جديد ٽيڪنالاجي ذريعي چانورن جي ڪٽائي ۽ آبادگارن کي آگاهي ڏيڻ لاءِ ماشاالله چوڪ تي سيٺ انيل ڪمار پاران هڪ شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويو. پروگرام ۾ اڳوڻو صوبائي وزير ۽ سوشل ڊولپمينٽ جو چيئرمين عبدالباري خان پتافي ايڇ بي ايل چانورن جي ڪٽائي جون مشينون آنديون ويون ايڇ بي ايل زرعي سروسز آبادگارن کي زرعي رهنمائي زرعي مشينون ٻج ڪاڻ زهريلي دوائون چوپائي مال لاءِ خوراڪ ۽ سندس دوائون فصل جي خريداري بيئنڪ جي سهولت زرعي قرض ڏيڻ سميت مزيد سهولتون ڏيڻ جو يقين ڏياريو ويو ان موقعي ته پروگرام کي سوشل ڊولپمينٽ

مورو پرسان ٻانڊي روڊ تي ميراڻي برادري جي ٻن ڌرين پراڻي تڪرار تان فائرنگ، ٻه ڄڻا زخمي

مورو (ن ع) مورو پرسان ٻانڊي روڊ تي ميراڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان هڪ ڌر جي هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ٻن ڄڻن کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا زخمين کي مورو اسپتال آندو ويو اطلاع تي مورو پوليس پهچي وئي زخمين کان تفصيل وٺي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ رواني ٿي وئي

چيئرمين بورڊ آف سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن ڊاڪٽر خالد حسين شيخ مڪه مڪرمه پهچي ويو

چيئرمين بورڊ آف سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڊاڪٽر خالد حسين شيخ مڪه مڪرمه پهچي ويو آهي، جتي هن عمره جي سعادت حاصل ڪئي ۽ ٻين فريضن جي ادائيگي کان پوءِ روضه رسول صه تي حاضري ڀري، سلام پيش ڪيو ۽ رياض الجنه ۾ امت مسلمه ملڪ پاڪستان جي سلامتي پاڪ فوج ۽ غزه جي مظلوم مسلمان ڀائرن لاءِ خاص دعائون ڪيون هن چيو ته امت مسلمه اهلِ غزه سان گڏ آهي ۽ هاڻي وقت اچي ويو آهي ته مسلمان حڪمران به عملي ميدان ۾ اچن ۽ فلسطين جي مسلمانن جو هر طرح ساٿ ڏين ڊاڪٽر خالد حسين شيخ دعا ڪئي ته الله پاڪ سڀني مسلمانن کي حج بيت الله جي سعادت ۽ روضه رسول صه

پيرومل ۾ نڪسور اسپتال ڪراچي جي سهڪار سان ڪئمپ، سوين مريضن جو علاج ڪيو ويو

ڪنڊياري (ن ع) پيرومل ۾ نڪسور اسپتال ڪراچي جي سهڪار سان فري ميڊيڪل ڪئمپ، سوين مريضن جو علاج ڪيو ويو پيرومل ۾ نڪسور اسپتال ڪراچي جي سهڪار سان لڳايل فري ميڊيڪل ڪئمپ ۾ مريضن اعلاج خاطر اچ وڃ جو سلسلو جاري تمام گهڻون رهيو دوائون مفت ڏنيون ويون ڪئمپ جو افتتاح چيئرمين ٽائون ڪميٽي پيرومل مکي پونداس ڪوهستاني ڪيو فري ميڊيڪل ڪئمپ ۾ لڳ ڀڳ هڪ هزار مريضن جو مفت طبي چڪاس ڪئي وئي ۽ دوائون پڻ مفت ڏنيون ويون ان موقعي تي ڊاڪٽر پريم ڪمار شاردا پريم ڪمار

ميهڙ ۾ عوامي شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر جو ايڪشن

سبزي منڊي، ڪرياڻ، مرغي، مڇي، گوشت، فروٽ جي دڪانن تي اوچتو ڇاپا

عوام کي ڪا به شڪايت هجي منهنجي آفيس اچي ڪمپلين ڪري: غلام فاطمه گهلو

ميهڙ (ن ع) عوامي شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ غلام فاطمه گهلو پوليس ۽ آفيس عملو ساڻ ڪري ميهڙ جي سبزي منڊي، ڪرياڻ، مرغي، مڇي، گوشت، فروٽ جي دڪانن تي اوچتو ڇاپا هڻي ريٽ جا تفصيل ورتا انموقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ غلام فاطمه گهلو آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي صحافين ۽ دڪاندارن فروٽ سبزي وارن کي چيو ته مان اڳ به وزٽ ڪئي آهي اڄ وزٽ ڪئي آهي اگر ڪنهن به دڪاندار فروٽ سبزي مرغي گوشت وارن مقرر ڪيل سرڪاري ريٽ لسٽ موجب عوام کان مٿي پيسا ورتا ته انهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي اسان جو فرض آهي غريب مسڪين عوام جي خدمت ڪرڻ ڪنهن به شهري عوام کي ڪا به شڪايت هجي منهنجي آفيس اچي ڪمپلين ڪري انشاالله سندن مسئلو حل ڪيو ويندو مان هن سڀني کي وارننگ ٿي ڏيان ته ڪير به ڪنهن سان نلجائزي نه ڪري انموقعي تي سنڌس پرسنل سيڪريٽري وسيم سوڍر پڻ موجود هو

ميهڙ: عوامي شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر مارڪيٽ جو دورو ڪندي

مورو ۾ قومي شاهراهه تي ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر

هڪ نوجوان فوت، ٽرالر کي سڏهوجا پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

وارث نوجوان جو لاش ضروري ڪارروائي بعد پنهنجي ڳوٺ کڻي روانا ٿي ويا

مورو (ن ع) مورو ۾ قومي شاهراهه تي ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر هڪ نوجوان فوت ٽرالر کي سڏهوجا پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو تفصيل موجب پنهنجي گهر کان شهر طرف ايندڙ موٽرسائيڪل سوار معشوق علي سومرو کي پويان ايندڙ ٽرالر پاران سڏهوجا قومي شاهراهه تي ٽڪر هڻڻ جي نتيجي ۾ نوجوان موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جنهن کي مقامي ماڻهن پاران سول اسپتال مورو منتقل ڪيو ويو جتي نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي اطلاع تي وارثن پاران سول اسپتال مورو پهچي نوجوان جو لاش ضروري ڪارروائي بعد پنهنجي ڳوٺ کڻي روانا ٿي ويا آهن

مورو لڳ ڏاهري ريگيوليٽر وٽ جوڙي پاران خودڪشي جي ڪوشش

پوليس جي جوانن استاد دربان ٻرڙو ۽ سنڌس گهرواريءَ کي بچائي ورتو

مورو (ن ع) مورو جي سونهري فارم لڳ روهڙي ڪئنال جي يوسف ڏاهري ريگيوليٽر وٽ قمرالدين چانڊيو پوليس جوانن جنهن بعد اطلاع تي سنڌس وارثن پهچي قمرالدين چانڊيو ڪاٽي جي پوليس جوانن جي تعريف ڪري سنڌن ٿورا مڃيا بعد ۾

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پياپار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191

Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 19 آڪٽوبر 2025ع

آرمي چيف جو ڀارت کي واضح پيغام!

پاڪستان جو هميشه موقف واضح رهيو آهي ته اسان امن چاهيون ٿا پر ڪڏهن به پنهنجي دفاع، خودمختياري يا وقار تي سودو نه ڪنداسين. آءِ ايس پي آر موجب پاڪستان ملٽري اڪيڊمي ڪاڪول ۾ پاسنگ آئوٽ پريڊ جي رنگيل تقريب کي خطاب ڪندي فيلڊ مارشل آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير جو چوڻ هو ته ڀارت کي اهو سمجهڻ گهرجي ته خطي ۾ بالادستيءَ جا خواب صرف بدامني پيدا ڪن ٿا، پاڪستان هڪ اهڙو ملڪ آهي، جيڪو نه ته ڪنهن کان ڊڄي ٿو ۽ نه ئي ڪنهن جي غلامي قبول ڪري ٿو پر امن جي قيمت کي به ڄاڻي ٿو. ان علاوه فيلڊ مارشل عاصم منير جو پيغام ته 'جوهري ماحول ۾ جنگ جي ڪا گنجائش ناهي' حقيقت ۽ عالمي ضمير کي جهنجهوڙڻ لاءِ ڪافي آهي، جيڪڏهن خطي جا سڀ ملڪ، خاص ڪري ڀارت سمجهي وٺي ته امن ۾ سڀني جو مستقبل آهي ته پوءِ ڏکڻ ايشيا دنيا لاءِ امن ۽ ترقيءَ جو ماڊل بڻجي سگهي ٿو پر جيڪڏهن غرور ۽ توسيع پسنديءَ جو رويو برقرار رهيو ته پوءِ ڪو به هٿيار، دفاعي نظام يا عالمي اتحاد انسانيت کي تباهيءَ کان بچائي نه ٿو سگهي.

فيلڊ مارشل عاصم منير جو تازو خطاب صرف هڪ رسمي تقريب جو حصو نه هو پر اها تقرير پاڪستان جي قومي سلامتي، سفارتي ذميواري ۽ دفاعي حڪمت عمليءَ جي مڪمل اظهار طور نظر اچي رهي هئي. جڏهن ته فيلڊ مارشل آرمي چيف جنرل عاصم منير ڀارت کي خبردار ڪندي چيو ته 'جوهري ماحول ۾ جنگ جي ڪا گنجائش ناهي.' ڏٺو وڃي ته اها ڳالهه فقط هڪ فوجي تنبيهه نه پر هڪ ذميوار رياست جي سوچ آهي. دنيا جي ٻن ايٽمي ملڪن پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ هلندڙ مستقل چڪتاڻ ۽ تاريخي دشمني خطي کي اڳ ئي هڪ حساس بارودي ميدان بڻائي ڇڏيو آهي، جتي هر غلط قدم، غير ذميوار بيان ۽ بي پرواهه رويو پوري ڏکڻ ايشيا کي تباهيءَ ڏانهن ڌڪي سگهي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ فيلڊ مارشل عاصم منير جو اهو اعلان ته "اسان ڪنهن به ڌمڪيءَ کان نه ڊڄنداسين ۽ نه ئي دٻاءُ ۾ اينداسين پر ڪنهن به ڪارروائيءَ جو فيصلائتو جواب ڏينداسين." پاڪستان جي پُرامن پر مضبوط موقف کي واضح ڪري ٿو. پاڪستان جو دفاعي ۽ سفارتي موقف هميشه ذميواريءَ تي ٻڌل رهيو آهي. پاڪستان ڪنهن به صورت ۾ جنگ جو خواهشمند ناهي، ڇاڪاڻ ته جوهري هٿيارن جو بنيادي مقصد روڪٿام آهي، نه ڪي غير ضروري استعمال. اها سوچ ئي پاڪستان کي هڪ ذميوار ايٽمي رياست بڻائي ٿي. ماضي گواهه آهي ته اسان پنهنجي تاريخ ۾ ڪيترن ئي ڏکين مرحلن مان گذري چڪا آهيون. دهشتگرديءَ جي خلاف 20 سالن تائين جاري رهندڙ جنگ، اندروني ۽ ٻاهرين محاذ تي قربانيون ۽ عالمي دٻاءُ باوجود قومي سلامتيءَ تي ڪو به سودو نه ڪرڻ اهو سڀ ڪجهه دنيا کي ڏيکاري چڪو آهي ته پاڪستان بي صبر نه پر هڪ حقيقي پُرامن طاقت آهي، جيڪا پنهنجي دفاع سان گڏ علائقائي امن جي به ضامن بڻيل آهي. آرمي چيف جي بيان ۾ جيڪو اعتماد ۽ عزم هو اهو ڪا اتفاقي ڳالهه نه آهي، ان جو مطلب ته پاڪستان جي فوجي سوچ صرف دفاع تائين محدود ناهي پر هڪ جامع، جديد ۽ متحرڪ حڪمت عمليءَ ۾ تبديل ٿي چڪي آهي.

اها حقيقت آهي ته پاڪستاني عوام هميشه ڏکين مرحلن ۽ آزمائشن جي وقت ۾ فوج سان گڏ بيٺي آهي. اهو ئي سبب آهي جيڪو دشمن کي حيران ڪري ڇڏي ٿو. حقيقت ۾ اهو اتحاد ئي آهي، جيڪو پاڪستان جي بقا جي ضمانت بڻيل آهي. ڪا به قوم ۽ فوج هڪ آواز هجي ٿي ته پوءِ انهن جو دشمن ڀلي طاقتور هجي، ان ملڪ کي ڪنهن به صورت ۾ نقصان نه ٿو پهچائي سگهي. آرمي چيف پاران فلسطيني عوام جي حق ۾ ڳالهائڻ ۽ غزه ۾ جنگبنديءَ لاءِ پاڪستان جي ڪردار کي اجاگر ڪرڻ پڻ هڪ اخلاقي موقف آهي. جيڪو موجوده عالمي ماحول لاءِ ڪافي آهي. پاڪستان جو ماضي شاهد آهي ته اهو سدائين اصولي طور تي مظلوم قومن سان گڏ بيٺل رهيو آهي پوءِ اهو ڪشمير هجي يا فلسطين جو. اهو ئي سبب آهي جو آرمي چيف پاران انهن ٻنهي مسئلن جي منصفاڻي حل تي زور ڏنو آهي.

ٻڌڻ کان پڙهڻ وڌيڪ مفيد آهي...!

ملڪ جسڪاڻي

صبح سوير جهلقدمي (واڪ) ذري گهٽ معمول آهي. ان دوران ملندڙ دوستن، مهربان، هلندي دعا سلام ڪن. ڪي خوش خير عافيت به ڪن ته ڪن سان ڪڏهن ڪڏهن وڌيڪ حال احوال به ٿين ڪڏهن ڪڏهن قرب ڪچهري به ٿيندي آهي. ان سنگت کي "صبح واري سنگت" چئبو. [illegible] سنگت ۾ ڪن ڀيرين پروفيسر لياقت علي جمالي، سان ملڻ ٿيو [illegible] ڪهاڻيڪار، محقق، [illegible] هوٽل جو رُخ ڪيو [illegible] پروفيسر ڊاڪٽر محمد عمر ملاح [illegible] سان ملاقاتي ٿياسين گڏجي چانهه پيئڻ [illegible] هوٽل ۾ [illegible] خانزادو نذير جتي، پروفيسر لياقت علي جمالي ۽ عبدالرسول عباسي، اسان کان اڳ هوٽل تي موجود هئا. [illegible] ڪچهري ۾ [illegible]

معروف مصور ۽ شاعر عبدالرسول عباسي سولي سنڌي ۾ "معلوم" جي [illegible]

[illegible]

ڳالهائڻ جا ڪن بلڪل برابر پر ماڻهو ماڻهو هوندي به قد بت ۾ شڪل صورت ۾ برابر هجڻ ۾ ڏکيا، سرت، سمجهه، ساڃاهه جي لحاظ کان ماڻهن ۾ برابري ڏسڻ [illegible]

اڄوڪي ڪچهري ۾ ڪُل پوڳ به، ڪيئون به پنهنجي ڄاڻ جي ٻر ٻي ٽڪيون ڳالهيون، رايا ۽ الاءِ ڇا ڇا پر نه ٿيو [illegible]

ڪير ڪيئن به سمجهي، ڀهاڪا، ادبي ۽ عام ٻولي، عام فهم، [illegible]

[illegible]

"بي عقل جي بلا ڏور"

يا ورلي:

"اللهَ ڏاهي ٿيان، ڏاهپ ڏک ڏسن" (شاهه)

جاڻي اڪر ته، نالو فاضل خان

[illegible]

بس، اڳئون عرض ڪندس ته "تنهنجي رمز سڃاڻڻ ما ڇا سمجهان؟"...

[illegible]

تبسم عروج قاضي ۽ ان جو ڪتاب 'منهنجو خواب محل'

منظور ڪوسو

ادب جي حوالي سان اسان جو شمار ڪن سٺن قدر دانن ۾ ڪونه ٿو ٿئي اسان اڪثر مرڻ پڄاڻان سار لهڻ واري قوم آهيون پر اهو به شل اسان کان ٿئي سرڪاري ادبي ۽ ثقافتي ادارن جو به ان ڏس ۾ ڪردار ڪو واڪاڻ جوڳو ڪونهي اتي به پنهنجن کي نوازڻ وارو ڪم هلي پيو جيئن سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "ڳاني ورهائڻ واري ۽ ڏوهٽا ڪاڻ وارا" بس ائين پيو ڪم هلي ته ته سنڌ جا ڪافي علم، اديب، شاعر پنهنجي پٺيان گهڻو ڪجهه ڇڏي ويا، جنهن کي پونئيرن ته ڪونه سنڀاليو پر ثقافتي ۽ ادبي ادارن به محفوظ ڪرڻ جي ڪا رٿابندي ڪانه ڪئي ان ملهائتو قلمي پورهيو اڏوهي ڪائي وئي ورتي جڏهن عورت ليکڪائن طرف نظر ٿا ڪريون ته آهي اسان جي هن مرداڻي سماج ۾ ڪجهه وڌيڪ ئي نظرانداز ٿيل آهن بس چند ليکڪائون پنهنجي سماجي حيثيت آڌار سٺو اڀري آيون، ته ته مڙيوئي خير آهي ثميره زرين بادام ناتوان، زينت عبدالله چنه (ورهاڱي ڪانپوءِ مارئي رسالي جي ايڊيٽر)، روشن آرا مغل، رشيده حجاب، ثريا ياسمين، نور شاهين، ذڪيه دريشاڻي، نسرين جوڻيجو، خيرالنساءِ جعفري ۽ ٻيون انيڪ عورت ليکڪائون جن جو ادب کيتر ۾ سٺو ست ڪتيل آهي هاڻي اسان کي انهن جا نالا سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ملندا، باقي ائين ڇنڊڇاڻ ته ڪو وڏو ڪونه ٿيندو ته هي ادب جا وساريل ڪردار آهن هنن جي ادبي پورهئي کي ڀيهر ڇپائڻ يا رهيل ڪم کي شايع ڪرڻ طرف ڪو ڌيان ڪونه ٿو ڏنو وڃي

ڪتاب ۽ ڪتابن ۾ سمايل علم ڪڏهن به پراڻا ڪين ٿيندا آهن ڪي ڪتاب ته اهڙا به آهن پلي اوهان ڪيترائي ڀيرا ورور ڪري ڇونه پڙهو پر هر ڀيري اوهان تي نوان راز پيا کلندا ۽ تئون لطف پيو ايندو ڪتاب جنهن سان اڄ اسان جي سنگت ڪمزور ٿي چڪي آهي حقيقت ۾ اهي علم جا خزانا آهن انهن کي ڪڏهن به وسارڻ نه گهرجي اهو ئي ته هڪ اهڙو وکر آهي جو ڪيترو به ڇونه پيو هجي پر پراڻو نه ٿيندو جيئن ڀٽائي صاحب فرمايو آهي

'وکر سو وهاءِ جو پٽي پراڻو نه ٿئي'

اڄ هڪ اهڙي ئي وساريل ڪتاب ۽ ان جي ليکڪا جو ذڪر ڪنداسين ڪتاب جو نالو آهي 'منهنجو خواب محل' ۽ ليکڪا آهي تبسم عروج قاضي (1960-21 مئي 2007)، جيتوڻيڪ تبسم هاڻي هن فاني دنيا ۾ ڪين آهي پر پنهنجن تحريرن ۾ اڄ به زنده آهي سو وقت ۽ حالتن سان دليريءَ سان جهيڙيندڙ هن ليکڪا لاءِ ائين چونداسين ته 'بلهي شاهه اسان مرڻا ناهين گور پيا ڪوئي هور' جيون ڪٿا، ڪهاڻين خاڪن تاثرخطن تعزيت نامن ۽ نظمن تي مشتمل 256 صفحن جو ڪتاب 'منهنجو خواب محل' ارسل پبليڪيشن ڪراچي 2008ع ۾ شايع ڪيو هن ڪتاب جو شايع ٿيڻ به ليکڪا جي وصيت جو نتيجو آهي هُن 21 مئي 2007ع ۾ ڪينسر جي مرض وگهي جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ دم ڏٺي حوالي ڪيائين وفات کان ٿوري دير اڳ هي وصيت تحرير ڪيائين جيڪا وفات بعد سندس وهاڻي هيٺيان رکيل نوٽ بُڪ مان



ملي ۽ اها وصيت ئي سندس ڪتاب ڇپجڻ جو سبب بڻي وصيت ۾ لکيائين ته 'شعرن وارو نوٽ بُڪ تصير مرزا کي ڏيڻو آهي ۽ هڪ رجسٽر آهي ان ۾ به لکيل آهن ڪجهه تحريرون ۽ ڪجهه اندر ڪتاب به آهن انهن ۾ به ڪهاڻيون آهن جيڪي ٻيون لکيون نثار حسيني جي گهر ڪتابن ۾ موجود آهن آهي به تصير انهن جي گهران وٺي' ڪتاب ڇا آهي هڪ دردن جو موجون ماريندڙ درياهه آهي هڪ گهڻ پڙهيل علمي ادبي ۽ سياسي گهراڻي سان تعلق رکندڙ ليکڪا جڏهن 11 آڪٽوبر 2003ع تي پنهنجي محبوب مڙس جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجي خوابن جي گهر مان نيڪالي ڏني وڃي ٿي ته هُو ان دردناڪ لمحي کي پنهنجي جيون ڪٿا ۾ هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿي 'جڏهن پوءِ تنهنجي گهر واپس آيم ته تون نه هئين ئي ڪونه ۽ پوءِ عذاب جي پلصراط تي چڙهي ته ويم پر اڪيلائيءَ... خوف، عذاب هيڪاري وڌائي ڇڏيو' هي عذاب فقط تبسم جو نه آهي پر معاشري جي هر اُها عورت جا بيواهه ۽ بي آسرا ٿئي ٿي ان جو عذاب آهي جنهن کي ليکڪا پنهنجي جيون ڪٿا ۽ ڪهاڻي Back mirror منجهان ۾ رقم ڪري جڏڪ سماج کي آئينو ڏيکاريو آهي تڏهن ئي ته چوندا آهن ته سٺيون لکڻيون ۽ ڪتاب سماج جو آئينو ٿين ٿا سندس هر لکڻيءَ مان جيون جو درد ليٽا پيو پائيس جيئن ذڪر ڪيل ڪهاڻيءَ جي هڪ سٽ 'هر ڪنهن کي پنهنجن پنهنجن غمن جي صليب تي پاڻ ئي ته تنگجڻو آهي' هڪ حساس نرم نازڪ ۽ نفيس جذبن جي ملڪ ادب آرٽ ۽ شاعري سان پيار ڪندڙ ليکڪا جڏهن غمن جي صليب تي تنگجي ٿي ته هن جو شين کي پيش ڪرڻ جو انداز اسلوب ۽ لفظن کي دردن جي سانچي ۾ پلٽڻ جو فن بنسبت ٻين ليکڪن جي ڪجهه منفرد ٿئي ٿو ۽ اها انفراديت تبسم عروج جي لکڻين ۾ به موجود آهي ڪتاب جي آخري صفحن ۾ سنڌي شاعريءَ جي جديد صنف نثري نظم ڏنا ويا آهن هنن نظمن ۾ پيار، محبت، مزاحمت، پيڙا، ظلم ۽ جفا هر احساس ۽ ڪيفيت کي لفظن جو روپ ڏنو اٿائين لفظ به اهڙا جيڪي پڙهندڙ سان پاڻ ڳالهائين نظمن ۾ تشبيهون شاعره تمام سٺڙ ڪتب آنديون آهن جيئن هڪ نظم جون چند سٽون:

۽ سوين جي سرنهن ڦلارجڻ لڳي
زخم-زخم گل ٽڙي پيا
تون جڏ انهن ڏينهن ۾
تنهنجي لڳڻ تي به ائين
يادن جي بهار اسري هئي!

هي ڪتاب 'منهنجو خواب محل' سچو پڙهڻ جهڙو آهي هاڻي ٿي سگهي ٿو ته شايد مارڪيٽ ۾ نه هجي پر تبسم عروج سميت ادب کيتر جي ٻين ليکڪائن جو به قلمي پورهيو شايع ڪرڻ ۽ انهن کي ياد ڪرڻ گهرجي هي جيڪي ڏسڻ ۾ ڪاغذن تي لفظ نظر اچن ٿا سو هڪ تخليقڪارئي بڻائي سگهي ٿو ته هو ڪهڙي پيڙا مان گذري انهن لفظن تائين پهتو انهن جي قدرداني ٿيڻ گهرجي

سرحدي چڪتاڻ ۽ قومي يڪجهتي!



ڪنور دلشاد

خيبر پختونخواهه ۾ علي امين گنڊاپور جي استعيفيٰ کانپوءِ سهيل آفريدي صوبي جو نئون وزيراعليٰ چونڊجي چڪو آهي کي پي اسيمبليءَ ۾ وزيراعليٰ جي چونڊ کان فوري پوءِ هُن پنهنجي منصب جي حوالي سان جنهن قسم جي عزمن جو اظهار ڪيو، ان سان خيبر پختونخواهه ۽ وفاقي حڪومت جي گڏجي هلڻ جا امڪان ختم ٿيندي نظر آيا جڏهن ته گذريل ڏينهن وزيراعظم شهباز شريف ۽ وزيراعليٰ سهيل آفريديءَ وچ ۾ ٿيڻ واري ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه سان ڪجهه اُميد پيدا ٿي آهي ته خيبر پختونخواهه جي حڪومت ۽ وفاق گهٽ ۾ گهٽ دهشتگرديءَ جي معاملي تي هڪ ٻئي سان تعاون ڪندا خيبر پختونخواهه هن وقت دهشتگرديءَ سبب سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ صوبو آهي دستياب انگن اکرن مطابق 2025ع جي شروعاتي ٽن مهينن دوران دهشتگرديءَ جي واقعن جي تعداد 2024ع جي سڄي سال کان وڌيڪ ٿي چڪي آهي ان دوران دهشتگردي جي واقعن ۾ 67 سيڪڙو، جڏهن ته فوتگين ۾ 71 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي اها صورتحال ان لحاظ کان به تشويش جو سبب آهي ته دهشتگرديءَ جي اضافي جي پويان صرف خارجي عوامل نه بلڪ سياسي عدم استحڪام، گورننس جو بحران ۽ حڪومتي سطح تي ڪمزور ردعمل جو به ڪارفرما آهي گذريل ڪجهه سالن ۾ خيبر پختونخواهه جي سياسي ماحول ۾ مسلسل دٻاءُ ڏٺو ويو آهي صوبائي حڪومت ۽ وفاق جي وچ ۾ سياست، اختيارن ۽ مالي وسيلن جي معاملن تي جاري چڪتاڻ هڪ اهڙو خال پيدا ڪيو، جنهن جو فائدو فتنه الخوارج کڻي رهيا آهن دهشتگرديءَ جي خلاف جنگ سياسي يڪجهتي، انتظامي تسلسل ۽ عوامي اعتماد جي بنا نامڪمل آهي ان لاءِ نئين چونڊيل وزيراعليٰ خيبر پختونخواهه کي گهرجي ته صوبي مان دهشتگرديءَ جي خاتمي جي لاءِ وفاق سان گڏ هم آهنگي ۽ يڪجهتيءَ جي پاليسي اختيار ڪري، وزيراعليٰ جي چونڊ کان پهرين ڪجهه سياسي تجزيڪار خاص طور تي ملڪ کان ٻاهر ويٺل پنهنجو چورن ڪپائڻ جي لاءِ اهڙا تبصرا ڪري رهيا هئا ته خيبر پختونخواهه ۾ هاڻ گورنر راڄ نافذ ڪيو ويندو، جنهن سان عوام روڊن تي اچي ويندو ۽ ملڪ هڪ نئين ڪشمڪش جو شڪار ٿي ويندو پر نئين وزيراعليٰ جي چونڊ جو معاملو خوش اسلوبيءَ سان طئي ٿي ويو، علي امين گنڊاپور جي وزيراعليٰ جو عهدو ڇڏڻ ڪانپوءِ هاڻ ڪجهه حلقن جي طرفان اهو چيو پيو وڃي ته هُن کي پنهنجو ۽ پنهنجي خاندان جو مفاد اڳيان وڌائڻ اچي ٿو اهو هڪ معمو آهي ته هڪ وچولي گهراڻي سان تعلق رکندڙ علي امين گنڊاپور ڪپتان عمران خان جي اينترو ويجهو پهتو 2013ع ۾ بظاهر تحريڪ انصاف ۾ رهندي هُن ديرا اسماعيل خان ۾ اهڙن اُميدوارن جي معاونت ڪئي جن جو تعلق تحريڪ انصاف سان نه هو هُن جو مامون طارق ڪُنڊي پيپلز پارٽيءَ جو اُميدوار هو ۽ ان جو ڪزن فيصل ڪريم ڪنڊي اڄ گورنر خيبر پختونخواهه آهي فيصل ڪريم ڪُنڊيءَ جو پيءُ احمد ڪُنڊي جي به هُن ڪيترن ئي موقعن تي مدد ڪئي وزيراعليٰ جي تبديليءَ ڪانپوءِ هاڻ وفاق کي گورنر جي به تبديليءَ جو سوچڻ گهرجي ڇو ته هو پنهنجي صوبي جي معاملن کان لاتعلق نظر اچي ٿو، ان جو مرڪز اسلام آباد ۽ ڌيان صرف پيپلز پارٽيءَ تي آهي

هوڏانهن افغان چوڪين تان پاڪستان تي حملن ڪانپوءِ پاڪستان اُنهن حملن جو اهڙو منهن ٽوڙ جواب ڏنو جو افغان طالبان اچو جهڻو لهرائي جنگ بنديءَ جي گذارش ڪرڻ شروع ٿي ويا، پاڪستاني فوج پاڪ-افغان بارڊر جي ويجهو موجود فتنه الخوارج ۽ داعش جي دهشتگرد ڪمپن ۽ هائيڊ آئوٽس کي به نشانو بڻايو، اُنهن حالتن جي پيش نظر پنهنجي فوج سان گڏ يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ جي بدران هڪ اهڙي معاملي تي ملڪ ۾ پُرتشدد احتجاج ڪرڻ جيڪو حماس فلسطين اٿارٽي، مسلم، عرب ۽ مغربي ملڪن جي ڪوشش سان جنگ بندي تي ختم ٿي چڪو آهي سمجهه کان بالاتر آهي جڏهن غزه ۾ جنگ بندي، امن جي قيام ۽ غزه جي رهواسين جي پنهنجي گهرن ڏانهن واپسي تي غزه سميت تقريبن سڄي دنيا ۾ جشن ملهايو پئي ويو ۽ اندرون ملڪ مغربي سرحد تي صورتحال ڪافي ڪشيده آهي هڪ مذهبي پارٽيءَ جو فلسطين مارچ جو فيصلو حيران ڪندڙ هو مارچ جي نالي تي ٿيڻ واري پُرتشدد ڪاروواين ۾ سرڪاري ۽ نجي جائيدادن، پوليس ۽ شهرين جي گاڏين کي ڳرو نقصان پهتو، ڪيترائي ڏينهن تائين رستا بند ٿيڻ جي ڪري عوام جي معمولاتِ زندگي متاثر ٿي مريضن کي اسپتال پهچڻ ۾ مشڪلات کي منهن ڏيڻو پيو، تعليمي ادارن جي بندش سان شاگردن جون تعليمي سرگرميون متاثر ٿيون، ڪارڪنن جي پُرتشدد ڪارروائين سان هڪ پوليس اهلڪار شهيد ۽ سوين زخمي ٿيا، ملڪ جي بقا ۽ استحڪام جي لاءِ ضروري آهي ته سياستدان، فوج ۽ عوام هڪ صف تي بيهن دهشتگردي کو سياسي تڪرار نه، بلڪ قومي خطرو بڻجي چڪي آهي هن صورتحال جي سلسلي ۾ ملڪ جي سياسي ۽ مذهبي قيادت ۽ پارٽيون جيڪڏهن قومي قيادت جو ڪردار ادا ڪن مفادن کان بالاتر ٿي سڀ هڪ آواز بڻجي وڃن ته اُهي ملڪ جي وڏي طاقت بڻجي سگهن ٿيون

پاڪ-افغان چڪتاڻ جو معاملو پاڪ-ڀارت جنگ وارو ناهي ان لاءِ هن ۾ جنگ ۽ فتح جو اهو تصور نه آهي جيڪو ڀارت سان گڏ هو پاڪستان افغانستان جي خلاف جيڪي ڪارروايون ڪيون آهن اُهي مجبورن ڪيون آهن ڇو ته افغانستان جي عبوري حڪومت اُنهن واعدن کي پورو ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي جيڪي هُن پنهنجي زمين کي ٻين جي خلاف دهشتگرديءَ جي لاءِ استعمال نه ٿيڻ ڏيڻ جي ضمن ۾ دوحه (قطر) ۾ ڪيا ۽ بعد ۾ ڪيترائي علمي فورمز تي اُنهن جو عهد به ڪيو جيڪڏهن اهو معاملو افغانستان جي اندر تائين محدود رهي ها ته پوءِ ڳالهه ٻي هُئي پر اُنهن گروهن پاڪستان ۾ هٿياربند ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون ۽ اُهي پاڪستان جي سويلين ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن کي نشانو بڻائڻ لڳا پاڪستان جي افغانستان جي خلاف تازي ڪارروائي پنهنجي سلامتي جي لاءِ صرف دهشتگردن ۽ دراندازن جي خلاف آهي افغانستان ۽ افغانين سان پاڪستان يا پاڪستانين جي ڪا جنگ نه آهي تازي چڪتاڻ کي واڌ ڏيڻ ۾ ڀارت جو وڏو ڪليدي ڪردار آهي آپريشن سندور جي جواب ۾ پاڪستان سان معرڪ حق ۾ شڪست فاش کائڻ ڪانپوءِ ڀارت افغان طالبان کي پاڪستان ۾ پراڪسي وار جي لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي اسرائيل به موقعي جي تلاش ۾ آهي ته ڪنهن طرح پاڪستان کي نقصان پهچائي سگهي اهڙي نازڪ وقت ۾ پوري قوم کي پنهنجي فوج ۽ رياست سان گڏ هڪ صف ۾ بيهڻ گهرجي خبر موجب ڀارت جي بارڊر تي مقرر تمام ڪورز جي ڪمانڊرز کي آرڊر جاري ڪيو ويو آهي ته پاڪستان تي ڀارت جي نيوي، ميزائيل هوائي ۽ بحري، ڪنهن به قسم جي حملي جي صورت ۾ هاءِ ڪمان کان آرڊر جو انتظار ڪرڻ جي بنا فوري طور تي ڀارت کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو وڃي ۽ انٽرنيشنل بارڊر يا ڪنٽرول لائين عبور ڪري ڀارتي علائقن ۾ داخل ٿي چوڪين تي قبضو ڪيو وڃي اهو حڪم نامو پاڪ فوج جي پاليسي ۾ وڏو شفٽ آهي ملڪي تاريخ ۾ دفاع جي لحاظ سان ايڊوانس آرڊر نه جاري ٿيندا رهندا آهن پر اهڙو ايڊوانس آرڊر شايد پهرين ڪڏهن به جاري ناهي ڪيو ويو، هن آرڊر جو آسان لفظن ۾ مطلب اهو آهي ته جيڪڏهن 3 هزار 5 سئو ڪلوميٽر ڊگهي پاڪ-ڀارت بارڊر تي ڪٿان ڪان به ڀارتي حملي جي اطلاع ملي ٿي ته سڄي بارڊر تي هر جڳهه کان ڀارت کي ڀرپور جواب ڏنو ويندو يعني جيڪڏهن ڀارت سر ڪريڪ جي طرفان سنڌ يا ڪراچي تي حملو ڪري ته جنگ صرف اُتي نه ٿيندي، بلڪ سڄي اوڀر بارڊر کان ڀارت تي حملو ڪيو ويندو جنهن جو پيشگي حڪم جاري ڪيو ويو آهي ۽ ان جي لاءِ آن گرائونڊ فورسز کي ڪنهن وڌيڪ حڪم يا اجازت جي به ضرورت نه هوندي

عــبـرت پــوسـٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ ڳالهين لاءِ دوحه پهتل وفد...!

پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ تعلقات سدائين حساس ۽ اهم رهيا آهن خاص ڪري سرحد پار دهشت گردي ۽ علائقائي سلامتيءَ جي حوالي سان سر فهرست آهن تازو ئي وزير دفاع جي سربراهيءَ ۾ هڪ اعليٰ سطحي وفد دوحه پهتل آهي جتي هو افغان طالبان جي نمائندن سان اهم مذاڪرات ڪندو پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب، دفاع واري وزير خواجه آصف جي قيادت ۾ وفد افغانستان مان پاڪستان خلاف ٿيندڙ سرحد پار دهشتگرديءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ تي ڳالهه ٻولهه ڪندو افغان طالبان ۽ پاڪستاني نمائندن جي وچ ۾ ٿيندڙ اها ڳالهه ٻولهه خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ اهم آهي پاڪستان موقف آهي ته افغانستان کي پنهنجن علائقن ۾ موجود دهشتگرد گروهن کي پنهنجن سرحدي علائقن ۾ سرگرم ٿيڻ کان روڪڻو پوندو قطر جي ثالثيءَ ۽ مدد سان هي مذاڪرات هڪ اهم ڪوشش طور ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن جنهن ۾ ٻنهي ملڪن کي پنهنجي قومي مفادن سان گڏ علائقائي استحڪام تي پڻ ڌيان ڏيڻ گهرجي افغان حڪومت طرفان به پنهنجو وفد قطر روانو ڪيو ويو آهي، جنهن جي قيادت افغان وزير دفاع مولوي محمد يعقوب مجاهد ڪري رهيو آهي اهڙي ڳالهيل ڪوشش مان اميد آهي ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سرحدي تڪرارن کي ختم ڪرڻ شفاف رابطن کي وڌائڻ ۽ علائقائي امن کي فروغ ڏيڻ ۾ مدد ملندي تازو 11 ۽ 12 آڪٽوبر تي ٿيندڙ سرحدي جهڙپون جيڪي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پيش آيون ڳالهه ٻولهه جي اهميت کي وڌيڪ اجاگر ڪن ٿيون پاڪستان هميشه پنهنجي عوام ۽ سرحدن جي حفاظت لاءِ سرگرم رهيو آهي ۽ دهشتگرديءَ جي خلاف موثر ردعمل ڏيکارڻ کان ڪڏهن به هٽيو ناهي وفاقي حڪومت پاران افغان طالبان تي زور ڏنو پيو وڃي ته هو پنهنجي زمين تي دهشتگرد گروهن کي سرگرم ٿيڻ کان روڪين ڇاڪاڻ ته انهن جا عمل سڌو سنئون پاڪستان جي امن ۽ استحڪام تي اثر انداز ٿين ٿا اهو واضح آهي ته هي مذاڪرات نه رڳو ٻن ملڪن جي وچ ۾ سرحدي سلامتي لاءِ اهم آهن پر علائقائي استحڪام، دهشتگرديءَ جي خلاف علمي تعاون ۽ ٻنهي ملڪن جي عوام جي حفاظت لاءِ پڻ لازمي آهن **(رياض علي ملاح/ حيدرآباد)**

اڄوڪو ڏينهن ..... 19 آڪٽوبر

ڊاڪٽر جي ايم مهڪري

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ دانشور جي ايم مهڪريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 19 آڪٽوبر 1908ع تي هندستان جي شهر بينگلور ۾ ڄائو، هن جو پورو نالو غلام محي الدين مهڪري هو هن بمبئي يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي جي سند حاصل ڪئي ۽ پوءِ ڪراچيءَ کي پنهنجو گهر بڻايائين هو هڪ تاليوارو ليکڪ ۽ ڪالم نگار هو سندس ڪالم "روزاني ڊان" ۽ "ٽماهي رسالي سنڌ ڪوارٽرلي" ۾ ڇپجندا رهندا هئا هن 1977ع کان 1979ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي سوشالاجي شعبي ۾ وزيٽنگ پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنيون هن جو ڪتاب Sorrows of Sindh ڇپيل آهي منظور ڪوهيار پنهنجي ڪتاب "ڪي ڪي ماڻهو وديا ساگر" ۾ هن جي شخصيت تي هڪ بهترين خاڪو لکيو آهي ڊاڪٽر مهڪريءَ جي شخصيت جو هڪ ٻيو بهترين خاڪو ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتاب "ماڻهو شهر ڀنڀور جا" ۾ شامل آهي مرحوم محمد ابراهيم جوئي جي ڪتاب "ڳالهيون ڪتابن جون" ۾ به هڪ باب "مهڪريءَ جا مضمون" شامل آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر مهڪريءَ جي چونڊ مضمونن جو سنڌي ترجمون شامل ڪيو ويو آهي ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران پڻ ڪتاب A Great Engagement: Sindh, Joyo and Mahekri ڇپايو ويو آهي هن 15 آگسٽ 1995ع تي وفات ڪئي هن جي وفات جي موقعي تي مشهور شاعر امداد حسينيءَ هڪ نظم لکيو هو

دارا عالم ابڙو

سنڌ جي هن مهان چترڪار جو جنم 19 آڪٽوبر 1940ع تي قمبر شهر ۾ ٿيو هن ايم اي (سنڌي) تائين تعليم حاصل ڪئي ان کان علاوه آمريڪا مان پينٽنگ، فوٽوگرافي مجسمي سازي ۽ پرنٽ ميڪنگ جو ڪورس پاس ڪيائين هن کي تصويرن ٺاهڻ ۽ مصوريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي رهيو پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڊرائنگ ٽيچر طور ڪيائين ڪجهه عرصو سنڌ يونيورسٽيءَ جي فائين آرٽس ۽ انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن ۽ ريسرچ ۾ ليڪچرار طور ڪم ڪيائين ان بعد مستقل طور تي آمريڪا هليو ويو هن جي فن پارن جون نمائشون ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ منعقد ٿيون، جن ۾ سندس ذات ۽ ڏاتو کي گهڻو پسند ڪيو ويو



مير غلام علي خان ٽالپر

هن مشهور سياستدان جو جنم 19 سيپٽمبر 1909ع تي ٽنڊي محمد خان ۾ ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي شهر مان حاصل ڪيائين ان بعد ڪراچي، علي ڳڙهه ۽ بمبئيءَ مان تعليم حاصل ڪري بمبئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيٽ ٿيو هو 1936ع ۾ بدين ٽنڊوباگو واري تڪ مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو هو 2 ڀيرا حيدرآباد لوڪل بورڊ جو صدر به رهيو هو پهريون ڀيرو 1940ع ۾ صوبائي وزير مقرر ٿيو ۽ ان کان پوءِ ايوب خان جي دور تائين لاڳيتو صوبائي يا مرڪزي وزير رهندو آيو هن وٽ روينيو، گهرو، صنعتن، تعليم ۽ قانون جهڙين اهم وزارتن جا قلمدان رهيا 1954ع ۾ هن کي سنڌ اسمبليءَ جو اسپيڪر چونڊيو ويو حڪومتي ادارن پاران هن تي دٻاءُ وڌو ويو ته هو ون يونٽ جي حمايت ۾ اسيمبليءَ مان ٺهراءُ منظور ڪرائي هن ائين ڪرڻ کان ڪُتو جواب ڏئي

روبينه قريشي

اڄ سنڌ جي مشهور گلوڪاره روبينه قريشيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن ٽيليوارڊ گلوڪاره جو اصل نالو عائشه شيخ هو ۽ هن جي والد جو نالو الاهي بخش شيخ هو هن جو جنم 19 آڪٽوبر 1940ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ جو شوق هئس هوءَ اسڪول جي تقريبن ۾ شوق سان ڳائيندي هئي مشهور تعليمي ماهر ۽ موسيقيءَ جي پارکو دادي ليلاوتيءَ هن جي ڳائڻ ۾ گهڻي حوصلا افزائي ڪئي 1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو قيام عمل ۾ آيو هوءَ اچا نائين ڪلاس جي شاگردياڻي هئي جڏهن آڊيشن ڏيڻ لاءِ ريڊيو تي پهچي وئي ۽ پهرين ئي ڪوشش ۾ آڊيشن پاس ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي هن جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل شاهه سائينءَ جي وائي 'پيرين پوندي سان، چوندي سان رهي وڃ رات ڀنڀور ۾' جڏهن ريڊيو تان پهريون ڀيرو نشر ٿي ته هر طرف واهه واهه مچي وئي ۽ هن جو نالو سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويو ان بعد هن جي آواز ۾ سوَن جي تعداد ۾ شاهه سائينءَ ۽ ٻين صوفي شاعرن جا ڪلام رڪارڊ ٿيا هن ڪجهه سنڌي فلمن جا گيت پڻ ڳايا سندس مٺڙي ۽ مٺڙ آواز جي ڪري هن کي "سنڌ جي بلبل" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو هن جيجي زرينه بلوچ، امينه ۽ زيب النساء سان گڏجي ڪيترائي سهرا پڻ رڪارڊ ڪرايا، جيڪي اڄ به سنڌ ۾ شوق سان ٻڌا وڃن ٿا 1970ع ۾ هن مشهور اداڪار مصطفيٰ قريشيءَ سان شادي ڪئي ۽ پنهنجي ور سان گڏ لاهور ۾ رهائش اختيار ڪيائين لاهور ۾ هن استاد ڇوٽي غلام عليءَ کان موسيقيءَ جا گر سکيا ۽ سنڌيءَ سان گڏ اردو، پنجابي سرائڪي پشتو ۽ بنگلي ٻولين ۾ ڳائڻ جاري رکيائين 2021ع ۾ هن کي پاڪستان سرڪار پاران تمغه امتياز سان نوازيو ويو تاريخ 13 جولاءِ 2022ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

رسول بخش پڳهيو ڳچيرائي

هن اديب ۽ شاعر جو جنم 19 آڪٽوبر 1949ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي ڳوٺ پراڻي ڳچيري ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول موري مان پاس ڪيو اڳتي هلي ايم اي (اڪنامڪس) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان ۽ ايل ايل بي جي سند سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪيائين هن 1982ع کان لکڻ شروع ڪيو هن 300 کان وڌيڪ مضمون ۽ مقالا لکيا سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "صاحب سڳورا" ۽ "مخدوم هنگورو" شامل آهن هو هڪ سٺو شاعر به آهي سندس شاعريءَ ۾ غزل، مولود، ٻارن لاءِ گيت ۽ ٻيون صنفون شامل آهن

سميع بلوچ

هن مشهور براڊڪاسٽر ۽ شاعر جو جنم 19 آڪٽوبر 1955ع تي خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ حاجي عطا محمد لنڊ ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي مئٽرڪ ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان ترتيبوار گورنمينٽ هاءِ اسڪول سيٺارجا ۽ گورنمينٽ فيڊرل ڪاليج اسلام آباد مان پاس ڪيائين اڳتي هلي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان انٽرنيشنل رليشنز واري شعبي ۾ ايم اي جي سند حاصل

حاجي ساند

مختيار انڙ

حاجي ساند ٿر جو مشهور شاعر آهي، هن جو جنم 19 آڪٽوبر 1970ع تي عمرڪوٽ ويجهو ڳوٺ روحل واءِ ۾ ٿيو، شاعريءَ ۾ نامور شاعر محمد جمن دربدر سندس استاد هو سندس شعري مجموعو "پوڄارڻ" 2004ع ۾ ڇپيو، هن جي شاعري شفيع فقير صادق فقير ۽ رجب فقير سميت سنڌ جي ڪيترن ئي فنڪارن ڳائي آهي سندس شاعريءَ ۾ رومانيت جا رنگ، وڇوڙي جا ورد ۽ اندر جا اڌما صاف نظر اچن ٿا.

جهان آرا بتول

جهان آرا بتول جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي محمد خميسي قمبرائيءَ جي گهر ماتلي ضلعي بدين ۾ ٿيو هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ اسڪول جي ٽيچر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي هن 1998ع ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪئي اٿس سندس شاعريءَ ۾ غزل، گيت، وايون ۽ نظم وغيره شامل آهن ڪجهه ڪهاڻيون، ڊائريءَ جا ورق ۽ مضمون وغيره پڻ لکيا اٿس

پير پاون شاهه ساقي

پير پاون شاهه ساقي پنهنجي دور جو وڏو بزرگ، شاعر ۽ علم دوست انسان هو، هن بزرگ جي زندگيءَ جو تفصيلي احوال مهراڻ رسالي جي سوانح نمبر ۾ پڙهي سگهجي ٿو، هن بزرگ جي ولادت 1886ع ڌاري بدين ۾ ٿي، ان وقت جي دستور مطابق سنڌي، فارسي عربي گجراتي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ تعليم حاصل ڪيائين. اڃا چوڏهن سالن جو مس هو جو سندس والد فقير پير محمد شاهه وفات ڪئي، سندس مريدن کيس درگاهه شاهه قادريءَ جو سجاده نشين بڻايو، هن کي ننڍپڻ کان ئي ڪتاب پڙهڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو شوق هو، اتڪري سندس ذاتي لائبريءَ ۾ هزارين ناياب ڪتاب موجود هئا. ويهن سالن جي ڄمار ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين شاعريءَ ۾ "ساقي" تخلص استعمال ڪندو هو، سندس ڪلام جو گهڻو حصو ۽ نثري مواد ضايع ٿي ويو آهي، البت شاعريءَ جا 2 ڪتاب "مناجات" ۽ "ساقيءَ جا سخن" موجود آهن. هن بزرگ 19 آڪٽوبر 1918ع تي وفات ڪئي.

سيد الهندو شاهه

اڄ مشهور سماج سڌارڪ، سياستدان ۽ تعليم دوست انسان سيد الهندي شاهه جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي سيد الهندي شاهه جي جنم ڏينهن تي اختلاف آهي ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ پنهنجي ڪتاب 'عظيم سنڌي انسان' ۾ هن جي جنم جي تاريخ 17 آڪٽوبر 1867ع لکي آهي سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا 17 آڪٽوبر 1857ع ڄاڻائي آهي ڪجهه حوالن ۾ سندس جنم جو سال 1883ع به لکيل آهي هن مهان شخصيت تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهروفيروز جي ڳوٺ ديري ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو هن عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي مان

ڪي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو 1909ع ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ۽ ڪيترائي سال ميمبر رهيو، هن انمول انسان 19 آڪٽوبر 1919ع تي دم ڏٺيءَ حوالي ڪيو

آغا عبدالنبي عليگ



آغا عبدالنبي عليگ سنڌ جو مشهور شاعر ۽ نثر نويس هو شڪارپور ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪندڙ هن املهه انسان جي جنم جي تاريخ تي ڪجهه اختلاف نظر اچي ٿو مهراڻ رسالي جي شاعر نمبر (ڇاپو 1990ع) ۾ هن جي جنم جي تاريخ 16 مارچ 1903ع لکي وئي آهي مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي مشهور ڪتاب "تُز نايابِ عُرف يادِ رُفتگان" ۾ به اهائي تاريخ لکي آهي امجد دراني جي ڪتاب "ادب ۽ آرٽ سان لاڳاپيل سنڌي پناڻ" ۽ ڊاڪٽر دُرمحمد پٺاڻ جي ڪالمن ۾ به ساڳي تاريخ لکيل آهي جڏهن ته سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ هن جي جنم جي تاريخ 3 جولاءِ 1903ع ڄاڻايل آهي آغا عبدالنبيءَ مئٽرڪ تائين تعليم گمبٽ ۽ خيرپور ميرس مان حاصل ڪئي ۽ بي اي (آنرس) جي سند علي ڳڙهه ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) مان حاصل ڪئي هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات شڪارپور ۾ هاءِ اسڪول جي استاد طور ڪئي بعد ۾ ڪيترن ئي اهم سرڪاري عهدن تي رهي خدمتون سرانجام ڏنائين جن ۾ مختيارڪار، روينيو کاتي جي سيڪريٽري ۽ ڪمشنر جهڙا عهدا شامل آهن هن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس ۽ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي ميمبر طور پڻ ڪم ڪيو ادبي دنيا ۾ پاڻ هڪ قادرالڪلام شاعر، ڊراما نويس ۽ مقالا نگار طور مشهور هو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "افڪار عليگ"، "سسئي پنهون" (ڊرامون)، "حريص پتلو عرف وفا جي ديوي" (ڊراما)، "افسانا ۽ مقالا" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن هن پهرين سنڌي فلم "ايڪتا" جا ڊائلاگ پڻ لکيا اڪثر حوالن ۾ سندس وفات جي تاريخ 19 آڪٽوبر 1976ع لکي وئي آهي البت مخدوم طالب المولىٰ هن جي وفات 1977ع ۾ ڄاڻائي آهي

دادن فقير

سنڌ جي هن عوامي شاعر جي اڄ ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو اصل نالو داد محمد ولد ڏتي بخش جويو هو پر دادن فقير جي نالي سان عوام ۾ مقبول ٿيو هن بزرگ جي جنم توڙي وفات جي صحيح تاريخ تي اختلاف آهي سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۽ ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ جي ڪتاب "عظيم سنڌي انسان" ۾ هن جي جنم جي تاريخ 21 جولاءِ 1906ع لکيل آهي جڏهن ته ماهوار نئين زندگيءَ جي سيپٽمبر 1995ع واري شماري ۾ علي اڪبر اسير قريشيءَ 17 جنوري 1906ع ڄاڻائي آهي ساڳي ئي تاريخ اياز لاکير جي ترتيب ڏنل ڪتاب 'دادن فقير جو ڪلام' ۾ ڄاڻايل آهي هن جي وفات جي تاريخ سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ 18 آڪٽوبر 1979ع ڄاڻايل آهي جڏهن ته علي اڪبر اسير قريشي، ڊاڪٽر دُرمحمد پٺاڻ، ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ ۽ اياز لاکير 19 آڪٽوبر 1979ع لکي آهي سنڌي ادبي بورڊ پاران جاري ٿيندڙ ٽماهي مهراڻ رسالي جي جلد 28 (1979ع) ۾ هن جي جنم جي تاريخ مارچ 1906ع ۽ فوتگيءَ جي تاريخ 20 آڪٽوبر 1979ع ڄاڻائي وئي آهي دادن فقير سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو علامه محمد هدايت علي تارڪ نجفيءَ جي صحبت ۾ رهي شاعري ڪرڻ شروع

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ميرپورخاص
(روبرو جناب وقار احمد)
فيملي ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن نمبر 01 سال 2025
فيملي سوٽ نمبر 156 سال 2024

مسمات صائمہ ڌيءُ عبدالغفور ذات مگنهار رهندڙ هائوس نمبر D-230/59 وارڊ نمبر 01 محلا مير تعلقو جهلو ضلعو ميرپورخاص حال رهندڙ: هائوس نمبر: 131/5/A ويجهو ڊاڪٽر اسلم رحيم ناڱ ضلعو ميرپورخاص بي ايس سيٽلائيٽ ٽائون سيل نمبر 03112085279...پلينٽف..خلاف: سجاد علي پٽ خان محمد شاھ ذات مگنهار رهندڙ وارڊ نمبر 05 محلا ڪالان ڪالوني ٽنڊو جان محمد ضلعو ميرپورخاص ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن تہ مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن آف ڊڪري انڊر آرڊر 21 رول 11 سب رول 2 سي پي سي آر ڊبليو سيڪشن 13 آف فيملي ڪورٽ ايڪٽ 1964 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاھ ٿو ڪجي تہ تاريخ 22-10-2025 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
(روبرو جناب فهيم الدين سهتو)
ايف سي ايس نمبر 95 سال 2025

(1) مسمات عائشہ زال رياض احمد خاصخيلي ڌيءُ راڻو ڀيل رهندڙ ڳوٺ ولي محمد درس تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار...پلينٽف..خلاف: (1) اسسٽنٽ مئنيجر نادرا ٽنڊوالهيار (2) ڊي جي نادرا اسلام آباد (3) راڻو پٽ Karoman شناختي ڪارڊ نمبر: 41307-2063112-1 (4) شريمتي مينا زال راڻو شناختي ڪارڊ نمبر: 41701-0691004-2 هندو بالغ ذات ڀيل رهندڙ ڪامارو شريف تعلقو ٽنڊوالهيار (5) پبلڪ ايٽ لارج...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن مينڊيٽري انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاھ ٿو ڪجي تہ تاريخ 21-10-2025 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج-I ڪوٽڙي
فيملي سوٽ نمبر 75 سال 2025

مسمات پارس ڌيءُ علي حيدر مغيري رهندڙ غريب آباد ڪالوني ويجهو جامشورو فاٽڪ تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو...پلينٽف...خلاف: امير علي مغيري پٽ قربان علي ذات مغيري رهندڙ شيخ محلا پٽ تعلقو ۽ ضلعو مٽياري. سيل نمبر 0303-3981864....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاھ ٿو ڪجي تہ تاريخ 25-10-2025 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي ڪورٽ-I ڪوٽڙي

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر 18 سال 2025

اياز احمد پٽ خان محمد جمالي رهندڙ ڳوٺ اشرف آباد ديھ 65 نصرت تعلقو دوڙ....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات شازيہ زال اياز احمد (2) مسمات فائضا ڌيءُ اياز احمد (3) شهباز علي پٽ اياز احمد. (4) پبلڪ ايٽ لارج...آپونينٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن تہ مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7، 10 آر ڊبليو سيڪشن 29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن نالي: محمد عمرجي گارڊين جي مقرري لاءِ. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاھ ٿو ڪجي تہ تاريخ 21-10-2025 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ڪورٽ دوڙ

لاتعلقي جو اظهار

هر خاص و عام کي هن اشتهار ذريعي آگاھ ٿو ڪجي تہ آئون نالي سهيل احمد آغا ولد آغا مقبول احمد رهندڙ واڏو واھ حيدرآباد جيئن تہ مون نالي وحيده ڌيءُ محمد پريل (بيواھ) رهندڙ واند زرخيل سلطان ڪوٽ ضلعو شڪارپور سان 19-09-2025 تي ان جي وڏي ڀيڻ جي گھر ۾ ...

بقايا | 1 | تعزيتي ميڙاڪو

جي موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي حيدرآباد ڊويزن جي صدر سينيٽر عاجز ڌامراھ صوبائي صلاحڪار ۽ جنرل سيڪريٽري حيدرآباد ڊويزن گيانچندائي ايسراڻي چيئرمين ضلع ڪائونسل ۽ صدر پيپلزپارٽي ضلع بدين چاھ علي اصغر هاليپوٽو ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر ايم اين اي حاجي رسول بخش چانڊيو جنرل سيڪريٽري ضلع بدين ڊاڪٽر سجاد علي چانڊيو ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح ايم پي اي مير الله بخش ٽالپر ايم پي اي ڏاڏا حاجي محمد هاليپوٽو ايم پي اي تنزيلا ام حبيبہ قمبراڻي پير نور قريشي چيئرمين ميونسپل ڪميٽي بدين پير محمد صالح قريشي ۽ پيپلزپارٽي جي سمورن تعلقن جي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين پڻ خطاب ڪيو پاڪستان پيپلزپارٽي حيدرآباد ڊويزن جي صدر سينيٽر عاجز ڌامراھ خطاب ڪندي چيو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي هن ملڪ جي واحد پارٽي آهي جنهن ۾ ڪارڪنن سان گڏ ليڊرن بہ شهادتون ڏنيون آهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بيگم نصرت ڀٽو شهيد شاهنواز ڀٽو شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ان کان پوءِ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جمهوريت لاءِ هن ملڪ ۽ عوام لاءِ شهادت ماڻي ڳڙهي خدا بخش شهيد جي قبرن سان ڀريل آهي مون کي ٻڌايو پاڪستان پيپلزپارٽي کان علاوه پاڪستان جي ڪهڙي سياسي پارٽي آهي جنهن وٽ شهيدن جو قبرستان هجي هن چيو تہ جيڪڏهن شاھ عبداللطيف ڀٽائي بہ اڄ زنده هجي ها تہ ضرور هو بہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ بيت لکي ها هن چيو تہ جيڪڏهن پاڪستان جنگ جي ميدان ۾ دشمن سان اکيون اکين ۾ ملائي جنگ وڙهي فتح حاصل ڪئي آهي تہ ان جو وڏو سبب ملڪ جو ايٽمي طاقت هجڻ آهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هن ملڪ کي ايٽمي پروگرام ڏنو صوبائي صلاحڪار ۽ جنرل سيڪريٽري حيدرآباد ڊويزن گيانچندائي ايسراڻي چيو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي ذات پات ۽ مذهب جي فرق کان هٽي ڪري هر ڪارڪن کي عزت ڏي ٿي هن چيو تہ چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي ڪارساز سانحي جا تعزيتي پروگرام ضلعي سطح تي ڪيا پيا وڃن چيئرمين ضلع ڪائونسل ۽ صدر پيپلزپارٽي ضلع بدين چاھ علي اصغر هاليپوٽو چيو تہ 18 آڪٽوبر جي شهيدن جي ياد ۾ پاڻ سڀ گڏ ٿيا آهيون هن چيو تہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو طويل ...

راجوخاناڻي پوليس احمد ملاح جي ڪچي شراب جي ڀٽي تي ڇاپو هڻي 290 ليٽر ڪچو شراب هٿ ڪري احمد ملاح کي پڻ گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي جڏهن تہ راجوخاناڻي پوليس پاران گشت دوران ڪاروائي ڪندي گهٽڪو فروش رياض عرف کهوکهو خاصخيلي کي گرفتار ڪري وڏانس 650 گهٽڪا هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي ، راجوخاناڻي پوليس جي ايس ايڇ او اصغر علي سليو عبرت سان ڳالهائيندي چيو تہ انشاالله راجوخاناڻي پوليس جي حد مان منشيات جا اڏا ختم ڪري منشيات فروشن خلاف سخت قدم کنيا ويندا ۽ کين جيل پيڙو ڪيو ويندو

بقايا | 8 | تعزيتي ميڙاڪو

آڪٽوبر ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ ڪوٺايل تعزيتي ميڙاڪي کي پ پ جي اڳوڻي سينيٽر حيدرآباد ڊويزن جي صدر عاجز ڌامراھ خطاب ڪندي چيو تہ پيپلز پارٽي شهيدن جي پارٽي آهي ڪارساز سانحي جي عظيم بهادر جانثار شهيدن پنهنجي قائد شهيد بينظير ڀٽو جي آمد تي پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪري آمريت جي خلاف جنگ جو اعلان ڪري پنهنجي قائد جي زندگي ان وقت موت کان بچائي ورتي ، شهيد بينظير ڀٽو پنهنجي جانثارن جي لاوارث ٿيل لاشن جي مالڪي ڪري کين پنهنجي ئي ابائي قبرستان ڳڙهي خدابخش ۾ تدفين ڪرايو ۽ پاڻ بہ جمهوريت جي بالادستي لاءِ دهشتگردن جي آپگهات ڌماڪن ۾ شهادت ماڻي ، پيپلز پارٽي اهڙي واحد اڪيلي ملڪگير پارٽي آهي جنهن جي قائدين شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي شهيد بينظير ڀٽو تائين جانين جا نذرانا پيش ڪيا آهن ، شهيد ڀٽن کان سواءِ بي ڪنهن بہ پارٽي جي ليڊر اڃان تائين پنهنجي جان قربان نہ ڪئي آهي اهو اعزاز ڀٽو خاندان کي حاصل آهي ، ميڙاڪي کي صوبائي صلاحڪار حيدرآباد ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري گيانچند ايسراڻي خطاب ڪندي چيو تہ پيپلز پارٽي جمهوريت جي سپهہ سالار پارٽي آهي جنهن جي قائدين کان وٺي سندس جيالن جانين جا نذرانا پيش ڪري پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي روشن مستقبل جي خواب جي تعمير ڪئي آهي 18 آڪٽوبر ڪارساز سانحو ملڪ جو وڏو اهڙو سانحو آهي جنهن کي ملڪي تاريخ ۾ هميشہ جمهوريت لاءِ قرباني جو ڏيهاڙو قرار ڏنو ويندو ، ميڙاڪي کي پ پ جي ايم پي اي ضلعي صدر سيد اعجاز حسين شاھ بخاري خطاب ڪندي چيو تہ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي قرباني ڪڏهن بہ ...

4\. ڪورا ٽينڊر ڪاغذ اشاعت جي تاريخ کان بيرڪ نمبر. 17 بلاڪ A-4، سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي مان ٽينڊر جي لاڳت جي ادائگي (ناقابل واپسي) پي آرڊر ذريعي ڪرڻ تي جيئن لسٽ ۾ ڄاڻايل آهي ويب سائيٽ https://ppms.pprasindh.gov.pk/ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا .

سيريل نمبر	تفصيل	پهريون پيرو	ٻيون پيرو (موٽ نہ ملڻ جي صورت ۾)
01	اخبارن ۾ اين آءِ ٽي جي اشاعت ڪانپوءِ ٽينڊرن جي اجراءِ ۽ درخواستن جي وصولي جي آخري تاريخ شام جو 5:00 وڳي تائين	05-11-2025	20-11-2025
02	ٽينڊر صبح جو 9:30 وڳي واپس ورتا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن صبح جو 10:00 وڳي کوليا ويندا.	05-11-2025	20-11-2025

ڪامياب ڪانٽريڪٽرن جن جا ٽينڊر قبول ڪيا وڃن ٿا، تن کي اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ اسٽيمپس گورنمينٽ آف سنڌ، ڪراچي کان سڪسٽ فنانس ائڪٽ 1996، ترميم ٿيل رول-2015 ۾ ڏنل شيڊيول مطابق اسٽيمپس في جي ادائگي ڪرڻ تي ائڊهيسو اسٽيمپس حاصل ڪرڻو پوندو ۽ معاهدي تي صحيح ڪندو.

نمبر شمار	ڪمن جو نالو	ڪٿيل رقم (ملين ۾)	پي آرڊر/ڪال ڊپازٽ (5%)	ٽينڊر في	تڪميل لاءِ مدو
1	سنت موهن داس دربار جي توسيع، باڊهہ تعلقي ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو. (مين ڪچن، پنڊارا هال ۽ ٻيا ڪم) (رهيل ڪم) (ADP # 2340) ۽ (26-2025	9.975	498750	3000	24 مهينا
2	مڙهي صاحب مندر جي تعمير گرو هيرا پوري صاحب ڳوٺ ستيارو يو سي تارڪو تعلقو ٺري مير واھ ضلعو خيرپور ميرس. (ADP # 2346)جو 26-2025	8.889	444450	3000	24 مهينا
3	اقليتي جڳهن ضلعي سکر جي توسيع جي تعمير ۽ اضافي سهوليتن جي فراهمي. (حصو-سي) (ڪرشنا مندر گوشہ گاھہ سکر) (رهيل ڪم) (26-2025 جو (ADP #2372)	9.962	498100	3000	24 مهينا
4	تعلقي شهر حيدرآباد جي مختلف واردن ۾ مندر ۽ چرچ جي مرمت. (بوناوينچر پي پال، سينٽ فلپس چرچ ۽ والميڪي مندر ڪينٽ) (فيز-1) (26-2025 جو اي ڊي پي نمبر 2374	24.067	1203350	3000	24 مهينا
5	تعلقي شهر حيدرآباد جي مختلف واردن ۾ مندر ۽ چرچ جي مرمت. (والميڪي مندر پٺاڻ ڪالوني، جوڳ ماتا مندر ۽ ڪرشن مندر) (فيز-2) (26-2025 جو اي ڊي پي نمبر 2374	10.372	518600	3000	24 مهينا
6	تعلقي شهر حيدرآباد جي مختلف واردن ۾ مندر ۽ چرچ جي مرمت. (ماتا شيرا والي مندر، راما پير مندر ۽ شيو مندر) (فيز-3) (26-2025 جو اي ڊي پي نمبر 2374).	12.504	625200	3000	24 مهينا
7	ماڙي جان الله شاھہ، ڪنڊرا تعلقو روهڙي، سکر ۾ مندر جي بحالي ۽ واڌ. (باقي ڪم) (26-2025 جو (ADP#2385)	9.957	497850	3000	24 مهينا

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر مناريٽيز افيئرز سنڌ

شهباز بلڊنگ، بلاڪ-اي، گرائونڊ فلور، حيدرآباد.
ڪئمپ آفيس: بيرڪ نمبر. 17، بلاڪ A-4، سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي
ٽيليفون نمبر. (022) 9200677 (021) 99239669
No.XEN/MA/(DEV)/SINDH/10370 Dated: 16-10-2025

ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس

مناريٽيز افيئرز ڊپارٽمينٽ SPPRA رولز 2010 (هيستائين ترميم ٿيل) تحت هيٺين ڪمن جي پروڪيورمينٽ لاءِ هيٺ ڄاڻايل لياقت معيار، شرطن ۽ ضابطن تي پورو لهندڙ خواهشمند واڪ ڏيندڙن کان سنگل اسٽيج ٽو اينوليپ طريقيڪار تحت مهربند واڪ گهرائي ٿو.

1\. ضروري/اهليت معيار:

i. جون 2026 ۽ ان کان اڳ تائين لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ اسپيشلائزڊ ڪوڊ جيڪڏهن گهربل هجي ۾ ڪارگر PEC رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ.

ii. گذريل ٽن سالن ۾ مڪمل ڪيل ڪم جي ڪٿيل لاڳت جو گهٽ ۾ گهٽ 80 سيڪڙو لاڳت رکندڙ ساڳي نوعيت جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪم يا تڪميل ڪيل قيمت جو 50 سيڪڙو جا بہ ڪم. لاڳاپيل کاتي کان تڪميلي سرٽيفڪيٽن ۽ واڪ چنڊڇاڻ رپورٽ ڏيکاريندڙ ايس پي پي آر اي آءِ ڊيز واڪ ايواليوئشن رپورٽ ساڻ 04 رنگين فوٽو گرافس هر هڪ ڪم جا تہ ايگزيڪيوٽو ايجنسي ساڳئي سربراھ پاران تصديق ڪئي ويندي.

iii. گذريل 02 سالن ۾ سراسري ساليانو ٽرن اوور ڪم جي مساوي لاڳت کان گهٽ نہ هجي.

iv. بينڪ سرٽيفڪيٽ ڪم جي ڪٿيل لاڳت جو 30 سيڪڙو ڪريڊٽ ماليت ڏيکاريندڙ ساڻ بينڪ اسٽيٽمينٽ.

v. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽريشن (اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ) / سنڌ روينيو بورڊ سنڌ حڪومت (ايس آر بي) ساڻ ايڪٽو اسٽيٽس ۽ ريجن جي سولر ڪمن لاءِ اليڪٽرڪ لائسنس.

vi. ان امر بابت قسم نامو تہ فراهم ڪيل سمورا دستاويز/تفصيل/مشينري/معلومات صحيح ۽ درست آهي. ڪمپني/فرم پاران ڪوڙي يا غلط معلومات/سرٽيفڪيٽ فراهم ڪرڻ جي صورت ۾ ڪين ڪنهن بہ مرحلي تي بليڪ لسٽ ڪيو ويندو.

vii. مالڪي جا تفصيل CNIC سان گڏ 100 رپين جي جڊيشل اسٽامپ پيپر تي هڪ نمائندي کي مالڪ پاران اختيار مليل هجي.

viii. ٽيڪنيڪل پروپوزل جي هرهڪ صفحي تي لازمي طور فرم/ڪمپني جي مالڪ پاران نمبر لڳل ۽ دستخط ٿيل ۽ مهر لڳل هجي.

ix. مڪمل ٽيڪنيڪل پروپوزلز جي چنڊڇاڻ لاءِ چنڊڇاڻ معيار ها/نہ يا پاس/فيل بنياد تي آهي، جيڪڏهن واڪ ڏيندڙ ڪنهن بہ معيار ۾ ها يا پاس حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ويندو تہ پوءِ ڪيس نااهل ڪيو ويندو.

x. درخواست ڏنل سمورن ڪمن لاءِ الڳ الڳ ڪانٽريڪٽرز پروفائل هجي.

xi. ٽيڪنيڪلي موٽ مليل پر وڏي اگھ سبب رد ڪيل واڪ ڏيندڙن جي CDR/پي آرڊر ايس پي پي آر اي رولز تحت ڪامياب واڪ ڏيندڙن کي ورڪ آرڊر جي اجراءِ ڪانپوءِ واپس ڪيا ويندا.

xii. کولڻ واري تاريخ تي پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ميمبر/چيئرمين هيڊڪوارٽر کان ٻاهر هجڻ يا عام موڪل ٿيڻ جي صورت ۾ واڪ ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊيول تي کوليا ويندا.

xiii. واڪ ڏيندڙ کي فنانشل واڪ جو پريميم انگن ۽ اکرن ۾ لکيل ڏيڻو پوندو ٻي صورت ۾ فنانشل واڪ ايس پي پي آر اي رولز تحت رد ڪيا ويندا ۽ سوٽي رقم جي فوٽو ڪاپي هن اين آءِ ٽي جي فنانشل پروپوزل لاءِ گڏ شامل ڪرڻ گهرجي.

xiv. ٽيڪنيڪل پروپوزل (ٽيڪنيڪل پروپوزل جي لفافي تي درخواست ڏنل ڪم جا سيريل نمبر لازمي ڄاڻايل هجن) تي مشتمل لفافو دستاويز (اصل) گهرجن مطابق ساڳئي ڏينهن پروڪيورمينٽ ڪميٽي ۽ واڪ ڏيندڙن جي مجاز نمائندن جيڪي شرڪت ڪرڻ چاهين تن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا. ٽيڪنيڪلي اهل واڪ ڏيندڙن جي فنانشل پروپوزل تي مشتمل ٻيو لفافو ٽيڪنيڪل پروپوزل جي چنڊڇاڻ جي تڪميل ڪانپوءِ اطلاع ڪيل تاريخ تي کوليو ويندو. هرهڪ واڪ لازمي طور پهريان کان ڄاڻايل سوٽي رقم بصورت ڪال ڊپازٽ/پي آرڊر (اصل) بحق ايگزيڪيوٽو انجنيئر مناريٽيز افيئرز سنڌ ٽيڪنيڪل پروپوزل سان شامل هجي.

2\. هيٺين شرطن تحت واڪ رد ڪيا ويندا.
a) گهربل رقم جي واڪ سيڪيورٽي ڪانسواءِ اماٿيل واڪ.
b) مقرر تاريخ ۽ وقت ڪانپوءِ وصول ٿيندڙ واڪ.
c) اڻ مڪمل واڪ، اوور رائيٽنگ يا مشروط واڪ.
d) بليڪ لسٽيڊ فرمن پاران جمع ڪرايل واڪ.
e) واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق اڻ مڪمل واڪ.
f) مهربند ۽ مهر نہ لڳل واڪ.

3\. فهرست ۾ ڄاڻايل ڪمن جي ڪٿيل لاڳت جو 5% سوٽي رقم ٽينڊر ڪاغذن سان پي آرڊر يا ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ ڪنهن بہ شيڊيول بينڪ مان هيٺ صحيح ڪندڙ جي حق ۾ شامل هجڻ گهرجي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
مناريٽيز افيئرز، سنڌ

INF/KRY No.3346/2025

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

بدين ۾ پيپلزپارٽي پاران سانحو ڪارساز جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تعزيتي ميڙاڪو

سينيٽر عاجز ڌامراهه، گيانچنداڻي ايسراڻي ۽ چاڪر علي اصغر هاليپوٽو سميت ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو

پيپلزپارٽي جي مختلف ونگن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ شرڪت، جوش ۽ جذبي جو مظاهرو

ذوالفقار ڀٽو پاڪستان کي ايٽمي طاقت بڻايو جنهن سان اڄ ملڪ دشمن سان اکين ۾ اکيون ملائي فتح حاصل ڪئي: اڳواڻ

بدين (ٻ ر) 18 آڪٽوبر 2007 سانحه ڪارساز جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع بدين پاران لواري پيلس ۾ تعزيتي ميڙاڪو منعقد ڪيو ويو سانحه ڪارساز جي 18هين ورسي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

بدين: پيپلزپارٽي پاران سانحو ڪارساز جي شهيدن جي ياد ۾ ڪرايل تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آن

جيڪب آباد ويجهو موٽرسائيڪل جي ٽڪر سبب نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٺل جي ڳڙهي حسن سرڪي جي رهواسي ظهور احمد کي تيز رفتار موٽرسائيڪل ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ نوجوان زخمي ٿي پيو، موقعي تي موجود ماڻهن ڪٽائي اسپتال پهچايو جتي هن دم ڏنو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، موٽرسائيڪل سوار موقعي تان فرار، ڪيس داخل نه ٿيو

جيڪب آباد (ٻ ر) تعلقي ٺل جي ڳڙهي حسن سرڪي جو رهواسي نوجوان ظهور احمد سرڪي پٽ امام الدين سرڪي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

محرابپور ۾ صحافي جو نوجوان ماروٽ ڪنيجي ويو، وارثن جو ٿاڻي آڏو ڌرڻو

ڪوٽڙي روڊ پرسان ڪنارا هوٽل وٽان پوليس احمد شيخ کي ڪنيڇي گم ڪيو آهي: وارث

وارثن صحافي ناسر علي شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٿاڻي آڏو ڌرڻو هڻي آزادي جو مطالبو ڪيو

محرابپور (ٽ ر) محرابپور ۾ صحافي جو نوجوان ماروٽ احمد شيخ ڪنيجي ويو نامعلوم هنڌ منتقل وارثن جو ٿاڻي آڏو ڌرڻو ان ڏس ۾ محرابپور جي نوجوان صحافي قاسم علي شيخ جو ماروٽ محرابپور پرسان ڳوٺ گاهي راهو واسي شهيد فوجي ارشاد شيخ جو پٽ پورهيت احمد شيخ کي پوليس موبائل سوار نامعلوم پوليس اهلڪارن ڪوٽڙي روڊ پرسان ڪنارا هوٽل وٽان جبري ڪنيجي گم ڪري ڇڏيو جڏهن ته محرابپور سميت مختلف ٿاڻن جي پوليس واقعي کان
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران جوا ٽڪري تي ڇاپو هڻي اٺ جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس طرفان
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

راڄوخاڻاٽي پوليس ڪارروائي، شراب ۽ گهٽڪا هٿ، 3 جوابدار گرفتار

راڄوخاڻاٽي (ن ع) راڄوخاڻاٽي پوليس جي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ۾ مهر برادري جي ماڻهن برادري جي بااثر جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ ڏنو ماڪو واسي عورتن ۽ مردن پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري تحفظ جي گهر ڪئي

بااثر گهرن مٿان فائرنگ ڪئي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون آهن، انصاف ڪيو وڃي

ميرپورماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو جي ڳوٺ ڏنو ماڪو ۾ زمين جي مالڪي تان بااثر اسلام خان مهر پاران برادري جي ماڻهن جي گهرن مٿان مبينه طور فائرنگ ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڳوٺاڻي مهراب مهر عورتن ۽ مردن سان ڳالهائي اسلام مهر خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسلام مهر گهرن مٿان فائرنگ ڪئي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون آهن اسان ان سلسلي ۾ ڪيترائي ڀيرا صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر سردار علي گوهر خان مهر ۽
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻا پيا وڃن

ڪنري لڳ ڪار ڪلٽي، قاضي برادري جو نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

قاضي موڙ وٽ ڪار ڪلٽي ٿيڻ سبب نوجوان قاضي شاهنواز مومن فوت ٿي ويو

نوجوان جي جنازي نماز ۾ تيمور ٽالپر، شهمير ٽالپر، شڪيل باجوه، نواز سومرو ۽ ٻين جي شرڪت

فوتي جي وارثن سان تعزيتي جو سلسلو هلندڙ، شاهنواز ڪان اڳ سندس ڀاءُ پڻ فوت ٿي چڪا

ڪنري (ن ع) ڪنري لڳ ڪار ڪلٽي، قاضي برادري جو نوجوان فوت، ايم پي اي نواب تيمور ٽالپر ۽ ٻيا آخري رسمن ۾ شريڪ ڪنري لڳ قاضي موڙ وٽ ڪار ڪلٽي ٿيڻ سبب ڪنري جي باني خاندان
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: ٽرالي ڪلٽي ٿيڻ سبب فوت ٿيل مزدور ۽ زخمي ڊرائيور

لاڙڪاڻو: ڊراما فيسٽيول ۾ فنڪار پرفارم ڪري رهيا آهن

فيض گنج لڳ عورت مبينا گورين ڪاٺي آپگهات ڪري ڇڏيو، وارثن پاران مڙس تي قتل جو الزام

ڳوٺ نورل فقير چانگ ۾ 35 ورهين جي فيسه زال عرض محمد عرف شمن چانگ آپگهات ڪري ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي مڙس کي گرفتار ڪري لاش ڪٽائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

جوابدار ڀيڻ تي تشدد ڪندو هو، اڄ ڪيس گورين ڏئي قتل ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: ڀاءُ

فيض گنج (ن ع) پڪاچانگ پرسان مبينا طور تي زهر ڏئي مڙس هٿان زال قتل ٻن ڄڻن خلاف ڪيس داخل هڪ ڄڻو گرفتار لاش وارثن حوالي ڪيو ويو رپورٽ موجب فيض گنج ٿاڻي جي حد پڪاچانگ لڳ
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ واريءَ سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي، مزدور فوت، ڊرائيور زخمي

قلندري ڪاٽن فيڪٽري وٽ حادثي ۾ پورهيت راڻيو ڀيل ٿاڻي تي فوت ٿي ويو

حادثي ۾ زخمي لياقت ڪوڪر ۽ لاش کي تعلقي اسپتال آندو ويو اتفاقي حادثي جي رپورٽ داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ميرپورخاص روڊ تي قلندري ڪاٽن فيڪٽري وٽ واريءَ سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي ٿي روڊ ڪان هيٺ ڪامي ۾ ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ پورهيت راڻيو ڀيل ٿاڻي تي فوت ٿي ويو ۽ ڊرائيور لياقت ڪوڪر سخت زخمي ٿي پيو فوتي جو لاش ۽ زخمي کي تعلقي اسپتال آندو ويو جتان زخمي ڊرائيور کي طبي امداد ڏيڻ بعد حيدرآباد اسپتال نيو ويو پوليس پهچي واقعي جا تفصيل ورتا ۽ فوتي جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي لاش پنهنجي ڳوٺ کڻائي ويا حادثي سبب
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

بن قاسم ويجهو سپر هاءِ وي وٽان جهنگ مان ليارِي واسي نوجوان جو لاش هٿ آيو

بن قاسم (ن ع) ڪاٺوڙ سپر هاءِ وي ويجهو جهنگ مان نوجوان جو لاش هٿ، اطلاع ملڻ تي گڏاپ سٽي پوليس واقعي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي لڳ ڌارين ۽ ڀاڳين ۾ جهيڙو، ٻه ڀاڳيا زخمي، هڪ ڌاري سوگهو

ڳوٺ گهر پنهنجا ۾ جوابدار دودو بروهي جي گهر مان چوري جي ڪوشش ڪئي

ڀاڳين جي جاڳڻ تي جهيڙي دوران ٻه ڀاڳيا زخمي ٿيا، ٻيا ڳوٺاڻن مڙي کي گهر جوابدار کي سوگهو ڪيو

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي پرسان ڳوٺ گهر پنهنجا ۾ بروهي برادري جي گهر ۾ ڏوهه جي ارادي سان پهتل ڌارين ۽ ڀاڳين جو جهيڙو گوليون لڳڻ سبب ٻه ڀاڳيا زخمي هڪ جوابدار گرفتار، زخمين ۾ ناز و بروهي، شمن بروهي شامل ... زخمين کي پرياسٽي اسپتال بعد ڳڀتي جوڳي حالت ۾ نواب شاهه اسپتال نيو ويو ان سلسلي ۾ معاذرگهر ڏئي دودو بروهي علي شير ۽ ٻين
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: ٽيلينٽ هنٽ پروگرام ۾ نوجوان کي سرٽيفڪيٽ ڏنو پيو وڃي

فريدآباد ويجهو پوليس جي وڏي اٽالن جو مختلف ڳوٺن تي چڙهايون، گهر پٽ، ٻاهيون، احتجاج

پوليس جا وڏا دستا ڳوٺ ڪڙا وليج، خان جو ڳوٺ ۽ گهارو ۾ ڪارروايون ڪيون، ٽن گهرن کي باهه ڏني وئي

پوليس شڪ جي بنياد تي راحب چاهرو سندس پٽ 3 عورتن سميت 10 کان وڌيڪ ماڻهو گرفتار ڪري ڪٺي وئي

مظاهرين پاران پاڪ ڪتاب ڪٺي احتجاج، اسان بيگناهه آهيون، پوليس گهر ساڙي لکين جو نقصان ڪيو آهي

ميهڙ/فريدآباد (نمائندن وٽان) ايس ايس پي دادو ڪئپٽن (ر) امير سعود مگسي جي هدايتن تي ڌوهارين خلاف ڪارروايون جاري ان سلسلي ۾ ميهڙ تعلقي جي مختلف
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

دادو پرسان 7 سالن جي معصوم نينگري سان زيادتي، جوابدار گرفتار

ڳوٺ نو لکو پنهور ۾ جوابدار ثناالله نينگري فوزيه کي زبردستي جنسي زيادتي نشانو بڻايو

ڙڙين تي والدين پهتا ته جوابدار فرار ٿي ويو والد جي فرياد تي خدا آباد ٿاڻي تي ڪيس داخل

ميڊيڪل ليٽر جاري، پوليس ڪارروائي ڪري جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

دادو (ٻ ر) دادو پرسان ڳوٺ نو لکو پنهور ۾ 7 سالا معصوم نينگري سان وحشي جوابدار جي زبردستي زيادتي نينگري ڳڀتي جوڳي حالت ۾ دادو سول اسپتال ۾ زير علاج خبر موجب دادو پرسان ڳوٺ نو لکو پنهور ۾ 7 سالا معصوم نينگري فوزيه سان جنسي زيادتي جو ڪيس خدا آباد ٿاڻي تي معصوم نينگري جي والد امام الدين جي فرياد تي ڏوهه نمبر 79/25 تحت جوابدار ثناءُ الله ولد اشرف سومرو مٿان داخل ڪرائي ڇڏيو داخل ٿيل ڪيس ۾ فريادي ڄاڻايو آهي ته منهنجي 7 سالا ڌيءَ فوزيه راند ڪيڏڻ لاءِ گهران نڪري وئي جيڪا ڪافي وقت گذرڻ
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سيتارجا لڳ چور اسڪول مان سولر سسٽم سميت سامان چوري ڪري ويا، اين سي داخل

سيتارجا (ن ع) سيتارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪرڙي ۾ سيف جي تعاون سان هلندڙ حسين ماڊل اسڪول مان نامعلوم چور
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

راڌيڊيرو: ڪمند جو فصل لهڻ بعد ڳڙ تيار ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن کي پيٽا، پ پ پاران تعزيتي ميڙاڪو

ڪارساز سانحي جي جانثار شهيدن پنهنجي قائد شهيد بينظير ڀٽو جي آمد تي پنهنجي جانين جا نذرانا پيش: عاجز ڌامراهه

پارٽي قائدين کان وٺي جيالن جانين جا نذرانا پيش ڪري ملڪ ۾ ڀٽو جي روشن مستقبل جي خواب جي تعمير ڪئي آهي: گيانچند ايسراڻي

ڪارساز سانحي جي شهيدن جي قرباني ڪڏهن به ضايع نه ويندي، سندن قرباني جي ڪري ملڪ ۾ جمهوريت قائم آهي: اعجاز شاهه

ٽنڊو محمد خان (ٻ ر) پ پ طرفان ٽنڊو محمد خان جي شيخ پرڪيو ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن کي پيٽا ڏيڻ لاءِ سوين ڪارڪنن جو تعزيتي ميڙاڪو، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي شيخ پرڪيو ۾ 18
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

مقصودو رند ڦورن ڪيلو ڪپائيندڙ پورهيت کي نه بخشيو روڪ رقم ڦر

هٿيارٻند سخي سلطان فقير لاشاري قبرستان وٽان پورهيت اسلم کان 12 هزار ڦري ويا

ڪيلن جو ريڙهو لڳائي ٻچن جو پيٽ گذر ڪندو آهيان، انصاف ڪيو وڃي: متاثر

مقصودو رند (ن ع) مقصودو رند ۾ بدامني عروج تي پهچي وئي آهي ڦورن ڪيلو ڪپائيندڙ پورهيت کي نه بخشيو گذريل رات ڪيلا ڪپائي پيٽ گذر ڪندڙ پورهيت اسلم پنجابي کان 3 نامعلوم ڦورن هٿيارن جي زور تي سخي سلطان فقير لاشاري قبرستان وٽ 12 هزار رپيا ڪيش موبائيل فون ۽ ٻيو
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد عدالت ٽنڊوڄام مير ڪالوني وٽ غيرقانوني ٽول ٽيڪس ناڪي خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم

واپارين جي درخواست تي عدالت ٻڌڻي بعد ٽرڪ ڪمپني جي جنرل مينيجر، مينيجر ۽ عملي خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو

ٽرڪن ۽ گاڏين کان زبردستي ٽول ٽيڪس وصول ٿيو پيو وڃي، اڳواڻ تسليم راڄپوت کي مارڪيٽ بند ڪئي وئي: واپاري

عدالتي حڪم بعد ٽول عملي جا ناڪا ختم، پوليس طرفان اڃا تائين ايف آءِ آر داخل نه ٿي سگهي

ٽنڊوڄام (رپورٽ علي محمد جمالي) سيشن ڪورٽ ٽنڊوڄام ۾ غير قانوني ناڪو لڳائي ٽول وصولي کي غير قانوني قرار
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪنڊياري: مفت طبي ڪيمپ ۾ مريضن جو علاج ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد ۾ بيراج ايمپلائيز يونين جو اربين رپين جي ڪرپشن خلاف احتجاج

آبپاشي کاتي جي سول ڊپارٽمينٽ ۾ هرسال اربين رپين جي ڪرپشن ٿي رهي آهي: محمد اشرف

واهن، شاخن ۽ بيراجن جي صفائي مد ۾ اربين رپيا ملن ٿا پر عوام ۽ زراعت کاتي کي لاڀ حاصل نٿو ٿئي

ڪرپشن خلاف سرڪاري مشينري نواري ٽيڪر جو استعمال نٿو ٿئي اعلي اٿارٽين مبينا ڏاني رجسٽرڊ ڪمپنيون ڪرپشن ڪئي وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آبپاشي کاتي جي سول کاتي ۾ هرسال واهن، شاخن ۽ بيراجن جي صفائي ۽ دروازن جي مرمت جي مد ۾ اربين رپين جي ڪرپشن جو انڪشاف ٿيو ۽ اعلي اختيارين کان جاچ جي گهر. ان سلسلي ۾ فيڊريشن ايريگيشن ڪوٽڙي بيراج ايمپلائيز يونين جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري محمد اشرف ڪولاچي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ قاضي رفيق رضا
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪلوئي پرسان سڳاوتي تڪرار تان مبينا طور پورهيت کي باهه ڏئي ساڙيو ويو، وارثن جو بااثرن تي الزام

ڳوٺ ڪيٽي وٽ سڙيل پورهيت حڪيم ڪبري 80 سيڪڙو جسم سڙڻ بعد جناح اسپتال ڪراچي ۾ فوت ٿي ويو

منهنجي پٽ کي بااثر وڏيري جي چوڻ تي ساڙي قتل ڪيو ويو آهي، پوليس به بااثرن جي دٻاءَ ۾ آهي: والدين

فوتي جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ٽنڊوباگو اسپتال موڪليو ويو، پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي، وارثن پاران انصاف جو مطالبو

ڪلوئي (ن ع) ڪلوئي پرسان ڳوٺ ڪي ٽي وٽ سڳاوتي معاملي تان انسانيت سوز واقعو پورهيت نوجوان کي مبينا طور تي باهه ڏئي ساڙيو ويو فوتي پورهيت جي وارثن پاران بااثرن تي ساڙڻ جو الزام هڻيو ويو باهه سبب سڙيل پورهيت جو 80 سيڪڙو جسم سڙي ويو بعد ۾ سندس وارث بدين انڊس اسپتال منتقل ڪيو جنهن بعد پورهيت کي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ملتان: ٻه ناريون مٿي تي ڪاٺين جو ڀريون کڻي اچي رهيون آهن

سکر ۾ بجلي چورن خلاف آپريشن، ڪيترائي ڪنڪشن ڪاٽا

ايل ايس شجاع ۽ گومهرو جي اڳواڻي ۾ عملدار مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون

آپريشن دوران ڪيمرا ٿي غير قانوني ڪنڪشن ڪاٽا ڪري ٽارون تحويل ۾ ورتيون ويون

سکر (بيورو رپورٽ) سيپڪو سب ڊويزن ون پاران بجلي چوري جي خاتمي لاءِ وڏي پيماني تي ڪارروائيون جاري آهن. ايس ڊي او مشتاق احمد قريشي جي خاص هدايت تي بجلي چورن خلاف وڏو آپريشن ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي لائين سپريڊنٽ شجاع احمد گهومرو ڪئي. آپريشن ۾ وائيس چيئرمين ابراهيم ڏهر لائين مين ڪفيل احمد، ساجد محمود، انيس لاڪو سليم چنا، هاشم احمد، ماجد شاهه، نثار احمد، لاڪو رمضان مهر ۽ ٻيو عملو به
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سيتارجا پرسان ڏيپر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٻي عورتون سخت زخمي

ڳوٺ خير محمد ڏيپر ۾ پلاٽ جي مالڪي تان ڌرين هڪٻئي تي لٺين جو وسڪارو ڪيو

زخمي عروسه رخسانه ۽ حسنه اسپتال داخل ڌرين جو هڪٻئي خلاف احتجاج

سيتارجا (ن ع) سيتارجا پرسان پلاٽ جي مالڪي تان ڏيپر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو لٺين مڪن ڦوڪشن ۽ لٺين جو وسڪاروڪي عورتون سخت زخمي، هڪ حامله عورت جي حالت ڳڀتي جوڳي، اسپتال داخل ٻنهي ڌرين جي هڪٻئي مٿان اين سي داخل مخالفن پاران احتجاجي مظاهرو انصاف جي گهر تفصيلي خبر سيتارجا جي ڳوٺ خير محمد ڏيپر ۾ پلاٽ جي مالڪي تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺين مڪن ڦوڪشن ۽ لٺين جو آزادو وسڪارو ڪيو ويو نتيجي ۾ ٽي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سيتارجا: جهيڙي ۾ زخمي ٿيل عورت بيهوش پيل آهي

ميرپورماٿيلو ۾ مهانگائي جي خبرن جو ڊي سي نوٽيس ورتو فارملٽي ڪارروايون

اي سي ۽ مختيارڪارن منافعي خورن خلاف فارملٽي طور ڪارروايون ڪري ڏنڊ وصول ڪيو

ڪارروائي بعد منافع خورن پاران بيٺن اگهن تي وصولي ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ۾ منافع خورن پاران ڪيل هٿراڌو مهانگائي خلاف خبرن ميڊيا ۾ اچڻ بعد ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراني جي هدايتن تي گهوٽڪي، ميرپور ماٿيلو خانڳڙهه، ڏهرڪي ۽ اوباوڙو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن مختلف بازارن جا
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

فريدآباد لڳ ڳوٺاڻي جو پوليس ۽ قرضدارن جي مبينه تنگ ڪرڻ خلاف احتجاج

فريدآباد (ن ع) فريدآباد لڳ خان جو ڳوٺ جي رهواسي غلام حسين سولنگي پريس ڪلب فريدآباد پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو ته سڄڻ پٽ عبدالرحيم سولنگي، انور پٽ نياز علي سولنگي سان لاتعلقي ڪرڻ بعد منهنجو ڪوهه واسطو
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه ۾ بااثرن جي زيادتين خلاف رهواسين جو احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

لکي غلام شاهه (ن ع) لکي غلام شاهه شهر جي جوٽيجا برادري جو روشن پتو، زبير پتو، گلشن پتو ۽ زوهيب پتو جي خلاف
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه ۾ شڪارپور اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف رهواسين جو احتجاج، نوٽيس جو مطالبو

لکي غلام شاهه (ن ع) گذريل رات لڳ ڀڳ چار بجي مريض ڪامران يوسف سيلرو ولد پنهل سيلرو کي طبيعت خراب ٿيڻ سبب آر ايڇ سي سول اسپتال شڪارپور جي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

دادلغاري پوليس پاران اصغر پتافي قتل ۾ ملوث 4 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ويجهو 2 هفتا اڳ ڳوٺ جادو پتافي ۾ بي دردي سان قتل ٿي ويل استاد علي اصغر پتافي جي قتل ۾ ملوث 10 جوابدارن مان 4
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو: عملدار عام واهپي جي شعين جا اگهه چڪاسي رهيو آهي

ALLAMA IQBAL OPEN UNIVERSITY ISLAMABAD

INVITATION FOR BIDS NOTICE
PROCUREMENT OF MISCELLANEOUS IT EQUIPMENT

Allama Iqbal Open University (AIOU), Islamabad has allocated funds for procurement of various goods & non-consulting services, planned during the financial year 2025/26 and is intending that part of the proceeds of those funds, will be used to cover eligible payments under the contracts resulting from following respective procurement activities:

Activity Ref. No.	Description	Due Dates & Time		
		Pre-Bid Meeting	Bids Submission	Bids Opening
07/2025-26	Supply, Installation, Commissioning, Configuration, Integration, Testing & Training of **Firewall for Data Centre**			
08/2025-26	Supply, Installation, Commissioning, Configuration, Integration, Testing & Training of **Smart Rack Solution** for DR Site Multan	28-10-2025 1100 Hours	06-11-2025 1030 Hours	06-11-2025 1100 Hours
09/2025-26	Supply, Installation, Commissioning, Configuration, Integration, Testing & Training of **Storage Solution** for DR Site Multan			
10/2025-26	Supply, Installation, Commissioning, Configuration, Integration, Testing & Training of **IT Infrastructure Equipment**: Lot-1: Server for Research Cluster/ Graphical Workstation – 01 Lot-2: Servers (High End) – 09; Storage System with SAN Switches – 01; TOR Switch – 02		07-11-2025 1030 Hours	07-11-2025 1100 Hours
11/2025-26	Supply, Installation, Commissioning, Configuration, Integration, Testing & Training of **Network Equipment**: Lot-1: 24 Port Managed POE Switch – 20; 48 Port Managed POE Switch – 50 Lot-2: WiFi Access Points – 92; Switches 12 Ports – 18 Lot-3: Passive LAN Network Nodes – 420 Lot-4: Access Points (Huawei) – 30	29-10-2025 1100 Hours	10-11-2025 1030 Hours	10-11-2025 1100 Hours

The University now invites separate bids against respective procurement activity through **e-Pak Acquisition & Disposal System (e-PADS) (https://eprocure.gov.pk)** from eligible Suppliers/ Firms/ Service Providers registered with Income Tax and Sales Tax Departments and who are on Active Taxpayers List of the Federal Board of Revenue, for delivery of goods/ services, on **Delivered Duty Paid** (DDP) basis.

The bidding shall be conducted as per the methods prescribed in the respective bidding document of procurement activity, which are in line with the procedures of the Public Procurement Rules 2004 and any Regulations, Regulatory Guides, Procurement Guidelines or Instructions issued by the Authority (from time to time) and is open to all potential bidders.

Bid(s) in respect of each Activity must be accompanied by a **Bid Security** of required amount(s), in an acceptable form as given in the respective bidding document as well as appearing at **e-PADS**. The scanned copy of Bid Security must be uploaded through **e-PADS** and hardcopy must be submitted physically as instructed below.

Separate **Bidding Document** containing detailed terms & conditions of the bidding process of respective activity, can be **downloaded** from **https://eprocure.gov.pk** free of cost. Any query/ technical difficulty with regards to **e-PADS**, Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) should be contacted.

Pre-bid Meetings shall take place on the dates & time mentioned above in respect of each procurement activity, at **Meeting Room, New ICT Building, AIOU Main Campus, Sector H-8, Islamabad**.

The bid(s) prepared in accordance with the instructions mentioned in the respective procurement activity's **Bidding Document**, must be submitted through **e-PADS** at **https://eprocure.gov.pk** by or before **1030 hours PST** on the closing date of respective procurement activity mentioned herein above. Whereas, the **Bid Security** instrument, in original, in respect of each procurement activity, in sealed envelope(s), duly mentioning the Name & Ref. Number of the respective procurement activity/ lot on the envelope(s), must be delivered at the aforementioned address by or before the bids' submission date & time. The bid(s) of respective procurement activity at **e-PADS**, will be opened at **1100 hours PST** through **e-PADS** on the closing date in the presence of bidders' representatives who may choose to attend the bids' opening session to be held at **Meeting Room, New ICT Building, AIOU Main Campus, Sector H-8, Islamabad**.

This advertisement is available at website of PPRA & AIOU at **www.ppra.org.pk** and **www.aiou.edu.pk/tender-notices**, respectively.

Director
Directorate of Purchase & Stores
Allama Iqbal Open University, Sector H-8, Islamabad
Phone: 051-9250031, 9571332

PID(I)3200/25

دي يونيورسٽي آف ميرپورخاص
ميرپورخاص، سنڌ، پاڪستان

عزم استحڪام

ٽينڊر نوٽيس
ٽينڊر نمبر NIT/UMPK/REG/2025/04

دي يونيورسٽي آف ميرپورخاص اصل مينوفيڪچررز/مجاز ڊسٽريبيوٽرز/سپلائرز/ٺيڪيدارن/ خدمتون فراهم ڪندڙن کان جيڪي انڪم ٽيڪس کاتي ۽ سيلز ٽيڪس کاتي وٽ رجسٽرڊ هجن هيٺ ڄاڻايل آئٽمز واسطي ترتيبوار شعبن ۾ وسيع تجربو رکندڙ هجن تن کان "سنگل اسٽيج ٽو انويلپ بنياد تي اليڪٽرانڪ واڪ گهرائي ٿي.

سيريل نمبر	آئٽمز
01	ٽرانسپورٽ رينٽل سروسز جي هائرنگ
02	سيڪيورٽي سروسز جي هائرنگ

گهرجن ۽ وضاحتن، تفصيلي شرطن ۽ ضابطن تي ٻڌل، ضابطن موجب اِي واڪ دستاويز ڪنهن ڪم ڪار واري ڏينهن تي 20 آڪٽوبر، 2025 کان 04 نومبر 2025 تائين EPADS تي https:// portalsindh.eprocure.gov.pk ۽ يونيورسٽي جي سرڪاري ويب سائيٽ تي رجسٽرڊ واڪ ڏيندڙن لاءِ دستياب آهن. خواهشمن واڪ ڏيندڙن کي 3000 رپين جي ناقابل واپسي في ۽ ڪل لاڳت جو 3% واڪ سيڪيورٽي (قابل واپسي) بينڪ ڊرافٽ/پي آرڊر جي صورت ۾ يونيورسٽي آف ميرپورخاص جي نالي ۾ جمع ڪرائڻ گهرجي. اهي ٻئي لازمي طرح پروڪيورمينٽ آفيسر، دي يونيورسٽي آف ميرپورخاص وٽ آخري تاريخ کان اڳ پهچڻ گهرجن. اليڪٽرانڪ واڪ EPADS استعمال ڪرڻ ذريعي 04 نومبر، 2025 تي ٽيهري 3 وڳي تائين يا ان کان اڳ لازمي جمع ڪرائڻ گهرجن. هٿوهٿ واڪ قبول نه ڪيا ويندا. اليڪٽرانڪ واڪ ساڳئي ڏينهن ٽيهري 3:30 وڳي کوليا ويندا. فقط ٽيڪنيڪلي اهل فرمن جا فنانشل پروپوزل قبول ڪيا/ کوليا ويندا. پروڪيورنگ ايجنسي SPPRA رولز 2010 جي لاڳاپيل فقرن جي شرط سان ڪو به يا سمورا واڪ رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي ۽ SPPRA رولز موجب ۽ مذڪوره رول جي رول-25 تحت واڪ يا پروپوزل جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت تي واڪ عمل کي منسوخ ڪري سگهي ٿي.

مهرباني ڪري پنهنجون ڪوئريز اماڻيو: procurement.officer@umpk.edu.pk

پروڪيورمينٽ آفيسر
دي يونيورسٽي آف ميرپورخاص
لڳ شاهه عبداللطيف ڊگري ڪاليج ميرپورخاص، سنڌ.
https://umpk.edu.pk Ph: 023-3920249

PID(H) 144/2025

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.